# استنبول تو ويانا وايا وينس

[سفرنامو]

عبدالحئي پليجو



مومل پبليڪيشن - پنون

استنبول تو ويانا وايا وينس
[سفرنامو]
عبدالحئي پليجو
مومل

# استنبول تہ ويانا وايا وينس

[سفرنامو]

## عبدالحئي پليجو

ڇپائيندڙ
مومل پبليڪيشن – ڀنون
2023ع

ڊجيٽل ايڊيشن

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | استنبول ٽو ويانا وايا وينس |
| ليکڪ: | عبدالحئي پليجو |
| ڇاپو پهريون: | اپريل 2023ع |
| ٽائيٽل ڊزائن: | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ: | نعمان جوڻيجو |
| ڇپائيندڙ: | مومل پبليڪيشن - ٻنون |
| ڇپيندڙ: | ساحل پرنٽر اينڊ پبليشر حيدرآباد 03332634650 |
| قيمت: | 400/- رويا |

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

2023ع

# ارپنا

پنهنجي ڏوهٽاڻن ۽ پوٽاڻن

- مناهل
- مصطفيٰ
- سُهائي
- راهد
- طَحا
- مارُل
- هِير

جي نالي

– عبدالحي پليجو

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي اديب ۽ سفرناما نگار عبدالحئي پليجي جو لکيل سفرنامو ”استنبول ٽو ويانا وايا وينس“ اوهان اڳيان حاضر آهي.

عبدالحئي پليجي هن سفرنامي ۾ ترڪيءَ جي شهر استنبول ۽ يورپ جي مختلف شهرن ۽ ملڪن جيئن ويانا ۽ وينس جي گهمڻ، گسڻ ۽ ماڻهن جو انتهائي گهري مشاهدي ذريعي ذڪر ڪيو آهي. هي سفرنامو رڳو زور بياني ۽ ٻوليءَ جي حُسن تي ٻڌل ناهي بلڪ ترڪي، ويانا ۽ اٽليءَ جي تاريخي سياسي ۽ سماجي حالتن جي گهري تجزئي ۽ تاريخي بيان تي ٻڌل سفرنامو آهي. پليجي صاحب ڪي پنهنجي سفر دوران جيڪي به شيون نظر آيون آهن جيئن شهر، رستا، ماڻهو، سمنڊ، ملڪ هن وڏي محنت، جفاڪشي ذريعي انهن سمورن شهرن ۽ تاريخي تهذيبي نشانن جا نه رڳو پير کنيا آهن بلڪ انهن جي مڪمل تاريخ ڇنڊي ڪئي آهي.

هي ڪتاب مومل پبليڪيشن ٻنون پاران اپريل 2023ع ۾ ساحل پرنٽرز ۽ پبلشرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو آهي. مهرباني مور ساگر جي جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ٿورائتا آهيون عبدالحئي پليجو جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# استنبول

ٽن چئن سالن کان ملڪ مان ٻاهر وڃڻ ڪونہ ٿيو. جيتوڻيڪ انهيءَ دؤران نور محمد ۽ محبوب انگلينڊ پڙهڻ ويا ۽ نوڪريءَ ۾ لڳي سينٽرل لنڊن ۾ پنهنجا گهر وٺي، انهن ۾ رهڻ لڳا ۽ هاڻ مون کي ٽڪيٽ وٺي لنڊن پهچڻ جي دير هئي نہ تہ ملڪ کان ٻاهر وڃي ۾ وڏو خرچ رهائش ۽ کاڌي جو آهي، باقي ٽڪيٽ کان سواءِ ٻيو ڪو ايڏو وڏو خرچ ڪونهي. انهيءَ دؤران سڀي لنڊن مان ٻائرن وٽان اڪيلي سِر چڪر لڳائي آئي. پر الاءِ ڇو آئون ۽ منا انهيءَ فنڪشن ۾ ڪونہ وياسين. سو هينئر نور محمد جي گهر واري ڊاڪٽر رابعہ بہ چيو تہ چاچا! اسان وٽان لنڊن مان چڪر لڳائي وڃو.

ائين لنڊن ۽ يورپ گُهمڻ جو پروگرام ٺهي ويو. پر پرهہ هڪ مهينو اڳ ترڪيءَ ۾ مولانا روميءَ جو ميلو گُهمڻ بهاني سڄو ترڪي ملڪ گُهمي آئي ۽ مون کي پڻ صلاح ڏنائين تہ، بابا لنڊن ويندي استنبول رستي ۾ آهي، تنهنڪري اهو ضرور ڏِسجو. سو پروگرام ائين ٿيو تہ لنڊن ويندي چار پنج ڏينهن استنبول شهر ۾ ترسي پوءِ لنڊن وڃبو ۽ پوءِ سڀ گهر وارا گڏجي مغربي يورپ گُهمڻ ويندا سين. پرهہ جي واتان استنبول جون گهڻيون تعريفون ٻُڌي محبوب چيو تہ، بابا توهان پاڪستان مان اچو استنبول ۽ آئون بہ لنڊن مان اُتي اچان ٿو تہ، گڏجي استنبول گُهمون. نور محمد جو سڄو ترڪي اڳ ۾ ئي ڏِٺل هو، سو ڪونہ آيو. آئون ترڪي، شينگن (گهٽو ڪري سڄو مغربي يورپ انگلينڊ کان سواءِ گُهمڻ لاءِ گُهربل ويزا کي چون شينگن ويزا) انگلينڊ ۽ آمريڪا جي ويزائن وٺڻ ۾ لڳي ويس. آمريڪا ۾ نائين اليون جي واقعي ۽ پاڪستان ۾ خودڪش حملن کان پوءِ هاڻ پاڪستان جي شهرين لاءِ سڄي دنيا جي ملڪن لاءِ ويزا وٺڻ تقريباً ناممڪن ٿي پئي آهي. پر جيئن تہ گذريل ٽيهن سالن دؤران آئون گهٽو ڪري هڪ نہ ٻئي سال ملڪ مان ٻاهر ويندو رهندو هئس ۽ تقريباً چاليهہ کن ملڪ گُهمي آيس. جنهن ڪري منهنجو هڪ نہ پر پنج پاسپورٽ انهن ملڪن جي ويزائن جي ٺپن سان ڀرجي ويا، جنهن ۾ آمريڪا، انگلينڊ، جپان ۽ باقي يورپ

جون ويزائون بہ شامل آهن. تنهنڪري آمريڪا ۽ انگلينڊ کان سواءِ باقي ٻين ملڪن جون ڪيٽيريون ئي ويزائون ۽ اميگريشن اسٽيمپس ڏِسي رحم کائي ويزا ڏئي ڇڏيندا آهن. پر آمريڪا ۽ انگلينڊ وارا اهڙن پاسپورٽن ۽ ان ۾ لڳل ويزائن کي هاڻ گهٽي اهميت ڪونہ ڏين. پر تڏهن بہ الائجي ڇو مون کي منهنجي گهر واري ۽ ٻارن کي رُلائي رُلائي تہ هي ڪاغذ ڪونهي، هُو ڪاغذ ڪونهي وغيره. پر نيٽ ويزا ڏئي ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح سڀ ويزائون وٺي ترڪش ايئر لائنز جي ٽڪيٽ خريد ڪري آئون ۽ منا پهريائين استنبول، پوءِ اڳتي لاءِ روانا ٿي وياسين. اسان ٻئي (زال مڙس) ڪيڏا نہ خوشنصيب آهيون! جو اسان کي ڪراچي ايئرپورٽ تي اسان جي نياڻي سپي ۽ پُٽ فرخ الوداع ڪيو ۽ استنبول ايئرپورٽ تي ننڍو پُٽ محبوب وٺڻ آيو ۽ لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي وڏو پُٽ نور محمد ۽ سندس گهر واري ڊاڪٽر رابعہ وٺڻ آيا. اسان ڪراچي ايئرپورٽ جا پُلصراط تان پُڇاڻا ڏيندا وڃي ترڪن جي جهاز پيڙا ٿياسين. جتي اسان کي انهيءَ ايئر لائن جي ايئر هوسٽس يا حُور پرين اسان کي آڏي اسان جي سيٽن تي وِيهاريو.

ترڪش ايئر لائن جي هيءَ اُڏام جيئن تہ بنگلاديش جي شهر ڍاڪا مان اچي رهي هئي، تنهنڪري منجهس ڪافي تعداد ۾ اُتان آيل مسافر اڳ ۾ ئي وينل هئا. نہ تہ ڪراچي ايئرپورٽ تان جهاز ۾ هينئر تمام ٿورا مسافر چڙهيا. ڪراچي ايئرپورٽ تي هونئن بہ هاڻي اها رَش ڪانهي، جيڪا ڪنهن زماني ۾ هوندي هئي يا جيئن دنيا جي ٻين ايئرپورٽن تي رش ٿئي ٿي. پاڪستان ۾ هاڻ ٽوئرسٽ تہ اچن ئي ڪونہ. سو هتان هاڻ گلف ۾ نوڪري ڪندڙ يا ٻين ملڪن ۾ پڙهڻ لاءِ ويندڙ شاگردن کان سواءِ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ڪنهن ٻهاني ملڪ کان ٻاهر وڃي. هندو سنڌي مٿ ماٿن يا ڪنهن نہ ڪنهن ٻهاني هندوستان مان بہ ٿيو اچي، پر سنڌي مسلمانن کي هاڻ حج ۽ عمري جي زيارت کان سواءِ ٻاهر وڃڻ جا ٻيا موقعا تمام گهٽ ملن. تنهنڪري ايئرپورٽ تي اڳوڻي رش صفا ڪانهي. ٻيو وڏو سبب هي بہ آهي تہ اڳ ۾ سڄي دنيا جون ايئر لائنون پاڪستان ۾ پنهنجي ايئر سروس هلائينديون هيون. پر هاڻ آمريڪا ۽ يورپ تہ نهيو پر مسلمان ملڪن جون هوائي ڪمپنيون بہ پاڪستان ۾ پنهنجي ايئر سروس بند ڪري ويٺيون آهن، جن ۾ مصر، لبيا، شام، اردن، الجزائر، موراڪو ۽ انڊونيشيا

جهڙا ملڪ به شامل آهن. هاڻ ترڪيءَ کان سواءِ صرف گلف جا ٽي چار ملڪ پنهنجي ايئر سروس پاڪستان مان هلائين ٿا، تنهنڪري هاڻ ڪراچي ايئرپورٽ تي اها گهماگهمي ڪانهي، جيڪا ڪنهن زماني ۾ هوندي هئي.

منا دريءَ واري سيٽ تي ويٺي، آئون وچ ۾ وينس. منهنجي پر واري سيٽ استنبول تائين خالي پئي هئي. جهاز اندر ايئر هوسٽس هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي پئسينجرن کي پنهنجي پنهنجي سِيٽ تي وِيهاري ۽ سندن ڪنهن شيءِ شغل کي آڻڻ ۽ نيئڻ ۾ مصروف هيون ۽ ڪن ڪن مسافرن جو سامان به مٿي ريڪس ۾ ٺاهي پئي رکيائون.

جمبو 474 جهاز ۾ چار سؤ پنجهٺ کن مسافر ۽ وِيهارو کن اسٽاف ميمبر آهن ۽ سيني مسافرن کي چادر، ڪمبل، ويهاڻو ايئر فون، اخبارون، چانهه، ڪافي، پاڻي، شربت، جُوس، وِسڪي، بيئر، ماني وغيره سِيٽ تي ويٺي ويٺي پهچائيندا آهن ۽ جهاز لهڻ کان اڳ هر شيءِ واپس کڻي ويندا آهن. صفائي ايتري جو ماني، پاڻي، جُوس ۽ چانهه وغيره جو سڄي جهاز اندر هڪ ٽِڪو به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو. انهيءَ جي مقابلي ۾ ٻهراڙيءَ جي شاديءَ ۾ به تقريباً چار پنج سؤ کن ماڻهو هوندا آهن، پر اتي ڪيڏو نه گوڙ بدانتظامي ۽ افراتفري هوندي آهي! چار پنج سؤ ماڻهن لاءِ سَوين ديڳيون پٽ ۾ ٻوڙ جون تيار ٿين، تڏهن به ڪافي ماڻهو بُکيا اُڃيا رهجي ويندا آهن ۽ زناني ڇِني ۾ ته ٻارن جون رڙيون ۽ عورتن جو گهڻو گوڙ لڳو پيو هوندو آهي.

گهر هجي يا شاديءَ جو ڪاڄ يا ملڪ، جت به Miss management هوندي، اتي افراتفري ۽ بدمزگي ضرور ٿيندي. ٻهراڙيءَ جي شاديءَ جي مقابلي ۾ شهرن جي شادين ۾ افراتفري نه هُئڻ جي برابر هوندي آهي. اڄڪلهه ته ٻهراڙيءَ جا ماڻهو به شادين جو اهتمام شهرن ۾ ڪن. شادين جي خرچ سميت عام طرح ٻهراڙين جو نَوي سيڪڙو پئسو خود بخود شهرن ڏانهن منتقل ٿيو وڃي. مثلاً: زمينداريءَ جي هر شيءِ جنهن ۾ ڊيزل، ياڻ، ٽريڪٽر ۽ ان جو سامان، ٻيون زرعي مشينون ۽ انهن جو سامان فصلن لاءِ دوائون به شهرن مان اچن ۽ اناج ۽ سبزيون توڙي ساريون وغيره شهرن جي ڪارخانن ۾ وڃن، شوگر ملن جا مالڪ به شهرن جا رهاڪو آهن، سبزيون ۽ ميوا به تيار ڪري شهرن ڏانهن موڪلجن ٿا، جت ڏهه سيڪڙو ڪميشن شهري دلالن کي ملي، ڪنڊ به سڀ شهرن ڏانهن وڃي. زراعت

ڪان سواءِ ذاتي استعمال جو سڀ شيون شهرن مان اچي مٿال. ڪارون، موٽر سائيڪلون، فرج، ٽي. وي، ڪپڙا، دوائون، فرنيچر، جڳهه ٺاهڻ جو سامان، لوهه، سيمنٽ، ٽائلس، باٿ روم جو سامان، رنگ، لائيٽ جو سامان. منهنجي خيال ۾ ڪاڏي جي ان مڇيءَ ۽ گانگٽن کان سواءِ ٻي هر شيءِ شهر مان ٻهراڙيءَ ۾ اچي ٿي.

ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته، شهر هميشه ٻهراڙين جو رت چُوسيندا آهن. سو سائين هاڻ ته ٻهراڙيءَ جا ماڻهو شادين جو ڪاج به شهرن ۾ ڪن. يعني ٻهراڙيءَ جي رت ۽ پگهر جو سمورو پورهيو خود بخود شهرن ڏانهن منتقل ٿيو وڃي. جهاز ۾ اندر داخل ٿيڻ کان پوءِ به جهاز گهٽي دير کان پوءِ اُڏاڻو. شايد جهاز ڏاڪا کان Before time اچي ويو هو. جهاز جي اُڏام کان اڳ جهاز جو اسٽاف مسافرن جي سامان کي جهاز اندر ٺاهي رکندو ويندو آهي. اُڏام کان اڳ ٻي ڪا سروس ڪانه ٿيندي آهي، پر جهاز جي اُڏام کان پوءِ هر سروس شروع ٿيو وڃي، جنهن ۾ ڪائڻ پيئڻ سان گڏ فلم به ڏيکارين. اڳي هڪ وڏي اسڪرين تي فلم ڏيکاريندا هئا، هاڻ هر سِيٽ جي پويان اسڪرين لڳي پئي آهي. سڄي اُڏام دوران وينا فلمون ڊراما ڏسو ۽ خبرون ٻُڌو. ٻار ڪارٽون ڏِسن. جهاز جي مسافريءَ جو ٽائيم به هاٽي وڃي گهٽبو. جِت ويهه سال اڳ ڏهه ڪلاڪ لڳندا هئا، اُت هاڻ سَت اَٺ ڪلاڪ لڳن. ماني ڪائڻ شرط مِنا سُمهي پئي. مون کي وري سفر دوران ننڊ اچي ئي ڪانه! پوءِ ڀلي اها مسافري گهوڙي جي هجي يا هوائي جهاز جي. ڏينهن هئڻ ڪري دريءَ مان ٻينو ڏِسان يا جهاز اندر. جهاز جي شروعاتي شهر کان آخري منزل تائين. اُڏام دوران جيڪي جهاز اندر اِسڪرين تي ڏِسڻ ۾ اچي ۽ معلوم ٿئي ته. جهاز هاڻ ڪٿ پرواز ڪري رهيو آهي ۽ هاٽي ڪهڙي شهر مٿان اُڏامي رهيو آهي، ڏسي رهيو آهيان. جت جبل هجن ته اهي جبل ڏيکارين. جت پاٽي يا ساوڪ هجي ته اُتي اها ڏيکارين. جهاز پاڪستان کان پوءِ سڄي ايران ۽ سڄي ترڪيءَ مٿان اُڏامندو وڃي ترڪيءَ جي يورپ واري آخري چيڙي، استنبول شهر مٿان پرواز ڪرڻ لڳو ته. پهريائين ترڪيءَ ۾ پوءِ انگريزيءَ ۾ انائونسمينٽ ٿي ته. پاڻ هاڻ استنبول انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لهڻ وارا آهيون ۽ جهاز آهستي آهستي هيٺ زمين پيڙو ٿيو ته. مسافرن اُتي پنهنجو پنهنجو سامان ريڪن تان لاهي هيٺ هٿيڪو ڪري ويهي رهيا ۽ ڪي وري ٿي بيهي رهيا ۽ جيئن جهاز جو دروازو کُليو ته مسافر دروازي ڏانهن هلڻ لڳا. اسين به انهن ۾

هئاسين. مون جڏهن ڪراچيءَ مان استنبول لاءِ ويزا تي ورتي، تڏهن مون کي ٻوبيءَ ٻڌايو ته، ترڪيءَ جي ويزا ڪهڙي ويب سائيٽ تي لکيل آهي ته ڪراچيءَ مان جيڪو مسافر Turkish Air Lines ۾ لنڊن، پيرس ۽ آمريڪا ويندو ته، استنبول ايئرپورٽ تي ويهه پائونڊ في ڏيئي، هو استنبول لاءِ هڪ هفتي جي ويزا وٺي سگهي ٿو. پر ان سان گڏ لفظ May be به لکيل هو. تنهنڪري مون May be واري رسڪ ڪونه ڪنئي. پر هينئر ايئرپورٽ تي ڏٺم ته ٽرانزٽ ويزا لاءِ جُدا ڪائونٽر هو ۽ اتي اسان ڏٺو ته اسان واري لائين کان به وڏي لائين لڳي پئي هئي، ڇو ته اڄڪلهه استنبول ۾ به سياح ايتري تعداد ۾ اچن، جيترا پيرس ۽ لنڊن ۾ اچن. خاص ڪري روس جي ٽُٽڻ کان پوءِ رشيا ۽ اوڀر يورپ جا سياح گهڻو ڪري موڪلون ملهائڻ ترڪي اچن. ڇو ته هنن کي مغربي يورپ جي ڀيٽ ۾ اهو ويجهو آهي ۽ پڻ لنڊن، پيرس ۽ مغربي ملڪن جي مقابلي ۾ ترڪي ڪجهه سستو آهي. تنهنڪري جيئن اڄڪلهه پاڪستان جا ماڻهو آمريڪا ۽ يورپ جي ويزا جي سختين ڪري دبئي يا ملائيشيا گهمڻ ويندا آهن. آئون سمجهان ٿو ته ماڻهو جيڪڏهن هڪ دفعو ترڪي ڏسي اچن ته، جيڪر وري ڪڏهن به ترڪيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ملڪ ڪونه وڃن! استنبول ايئرپورٽ، لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ، ٽيٽ وِڪ، ٽوڪيو جي ناريٽ ايئرپورٽ ۽ پيرس جي چارلس ڊيگال ايئرپورٽ جهڙو ۽ جيترو ئي مصروف ايئرپورٽ آهي. جتي سڄي دنيا جا ڪيترائي جهاز پئي لٿا ته ٻيا پئي اُڏاٿا. ايئرپورٽ جي بلڊنگ تمام وڏي به ماڙ ۽ جديد طرز تعمير هئي، جت مسافرن لاءِ هر سهولت مُيسر هئي. اسان اميگريشن ڪائونٽر تي لڳل بورڊ پڙهياسين، ڪجهه هن ريت هئا: پهريون ۽ ٻيو نمبر ڪائونٽر نيٽو ملڪن جي شهرن جي لاءِ، ٽيون ۽ چوٿون ترڪ شهرين لاءِ، ڪائونٽر پنجون، ڇهون، سَتون ۽ ڪجهه ٻيا باقي ٻين ملڪن لاءِ هنن سيني ڪائونٽرن کان جُدا ۽ ٿورو پريرو هڪ ٻيو به ڪائونٽر هو جتان Transit ويزا ملي. انهيءَ ويزا لاءِ هر ملڪ بابت جُدا جُدا قاعدا ۽ قانون آهن. اسان Other countries واري ڪائونٽر تان پنهنجي پاسپورٽ تي اميگريشن آفيسر کان ٺپا هڻائي، پنهنجو سامان ڪٺي ان جو جائزو وٺي ٻاهر نڪتاسين. پر اتي ڪنهن ملڪ جو ٽوئر ڪونه ڪيو هو. جيتوڻيڪ محبوب سندس سينٽ اينڊريو يونيورسٽي جي ڪلاس فيلو ڊورڪا سان گڏ هو ڊورڪا جو ملڪ هنگري ۽ ٻيو يورپ گهمي

قري آيو آهي، پر مون سان ۽ ماڻس سان گڏ ڪنهن ملڪ جو سفر ڪونہ ڪيو آهي. سو ڪيس چيم تہ، تون لنڊن مان استنبول پهچي هوٽل ۾ ستي ٽوئر بُڪ ڪرائي تہ اسين بہ ٽا اچي اتي پهچون، پوءِ گڏجي ٽا ترڪي گهمون. سو هو اسان کان بہ ڏينهن اڳ استنبول پهتو ۽ چيائين تہ آئون توهان کي ايئرپورٽ تي وٺڻ ايندس. پر جيئن تہ استنبول جو اندر گرائونڊ ستين بجي شروع ٿئي، تنهنڪري ٿوري دير ٿيندي ۽ توهان ايئرپورٽ تي منهنجو انتظار ڪجو. پيو تہ اسان جو هوائي جهاز ايئرپورٽ تي ڪجهہ وقت سوير پهتو. جيستائين محبوب پهچي تيستائين اسان هڪ ڪينٽين تي وڃي ويناسين. اتي هڪ ماڻهوءَ سان ملاقات ٿي، جيڪو ٽيهن سالن جو نوجوان ٿي لڳو. پاڻ چيائين تہ، آءٌ ڪراچيءَ جو رهاڪو آهيان. C.N.G Kits جو ڌنڌو ڪندو آهيان ۽ بہ ٽي ڏينهن استنبول ۾ رهي، پوءِ روم ويندس، جتان سامان خريد ڪري ڪراچي پورٽ لاءِ بُوڪ ڪرائي واپس ڪراچيءَ ويندس. مون کان پُڇيائين تہ توهان چانهہ پيئندا يا ڪافي ۽ آنتيءَ لاءِ چا آڻيان، ائين چئي هو اسان لاءِ ڪافي جا بہ مگ وٺي آيو. ڪافي پي اسان ٻاهر آياسين تہ، پاڻ اسان کان موڪلائي ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي شهر روانو ٿي ويو. ويندي ويندي پنهنجو ڪارڊ بہ ڏئي ويو. اسين اتي بينچ تي ويهي محبوب جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. ٿوريءَ دير ۾ ئي محبوب پهتو ۽ اسان ٽيڪسيءَ واري کي چاليهہ ليرا ڀاڙو ڏئي اچي ٽيڪسيءَ ۾ ويناسين. ٽيڪسي بلڪل نئين هئي ۽ ٽيڪسي ڊرائيور کي مون کان بہ سٺو فُل سوٽپيل هو. هن اسان جو بيگون کڻي اچي ٽيڪسيءَ ۾ رکيون ۽ ڪار استنبول جي شاهراهن تي ڊوڙڻ لڳو. هتي جي موسم عاشقانہ لڳي پئي هئي. هونئن بہ استنبول شهر تاريخي شهر هئڻ سان گڏ رومانوي منظرن ۽ ماڳن جي موجودگيءَ سبب خود بہ هڪ رومانوي شاهڪار ٿي پيو آهي، جيئن ڪنهن سُهڻي معشوق وانگر ماڻهو ڪيس ڪيترن ئي نالن سان ياد ڪندو آهي، تيئن هن شهر تي بہ ماڻهن ڪيترائي نالا رکي ڇڏيا آهن. مثلاً: قسطنطنيہ، اسلامبول، استانبول، ايتنول، ڪشتا، ڪونڊ، پلي، گاسڊ نتنوبولس، ڪانتبيستينوبل، زارگراڊ، رومة الڪبريٰ، نئون روم، نئون يروشلم، زيارت، باب مملڪت، پادرين جو شهر، شهر خلافت، تخت سلاطين، خوشين جو دروازو، چشم دنيا، عالم پناهہ، پولس ٻيا بہ ڪيترائي نالا هوندا، پر مون جيڪي ٻُڌا ۽ پڙهيا، سي هتي لِکيا اٿم. اسين دنيا جي هن حسين ترين شهر جي روڊن رستن تان ٿيندا

تقريباً اڌ ڪلاڪ اندر اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. هوٽل رسيپشن تي ويٺل نوجوان ڇوڪرو جنهن جو نالو سمير هو، تنهن اسان کي ترڪي ٻوليءَ ۾ چيو ”گوبائيڊن“ معنيٰ گُڊ مارننگ. هوٽل جو نالو هيپو ڊروم هو. جيڪا سلطان احمت علائقي ۾ آهي. هن علائقي تي اهو نالو سلطان احمد جي نالي تان پيو پر جيئن تہ ترڪ احتراماً احمد ۽ محمد نالا ڪونہ رکن، تنهنڪري هن علائقي کي چون سلطان احمت. هوٽل جي لڪپڙهہ ڪان واندو ٿي ڇوڪري کان پُڇيم تہ اسان جي ملڪ ۾ هڪڙي مخصوص قسم جي ٽوپيءَ کي اسان چئون ترڪي ٽوپي، اها رنگ جي ڳاڙهي ٿئي ۽ ان ۾ هڪ وڏو ٽوئر ٽيندو آهي، جيڪا اسان جي ملڪ ۾ اڄڪلهہ مون فقط نوابزاده نصر الله کي پاتل ڏٺي ۽ مون سمجهيو تہ ترڪيءَ ۾ ماڻهو هيءَ ٽوپي ڏاڍي شوق سان پائيندا هوندا. اسان جي ملڪ جي ٽي. وي چينلن تي بہ ترڪي گانن تي راڳين کي اها ترڪي ٽوپي پاتل هوندي آهي، پر هتي تہ اها ٽوپي مون هڪ ماڻهوءَ کي بہ پاتل ڪانہ ڏٺي. پاڻ کِلي چيائين تہ اها ٽوپي اسان ترڪن جي نہ پر مراڪش وارن جي قومي ٽوپي آهي. اهو ٻُڌي ڏاڍي کِل آئي ۽ عجب پڻ ٿيو تہ ترڪيءَ ۾ ترڪي ٽوپي ڪانہ ٿئي ۽ شام ۾ شامي ڪباب ڪونہ ٿئي. چين ۾ توهان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪي چيني بوسڪيءَ جا ڪپڙا پاتل ڪونہ ڏسندا ۽ يونان ۾ توهان کي ڪٿي بہ يوناني دوا ڪانہ ملندي.

آئون مناسب ٿو سمجهان تہ ترڪي گھمڻ کان اڳ توهان کي ترڪيءَ جي باري ۾ ڪجهہ ٻُڌايان.

ترڪيءَ واري 1919ع ۾ شروع ٿيندڙ قومي انقلابي عمل سماج تي گهرا اثرات مرتب ڪيا. انهيءَ انقلاب کان اڳ قديم رومي ۽ يوناني سلطنتن وانگر عثماني سلطنت جي سموري عرصي دوران پڻ ترڪي عوام جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ طرف ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو ويو. ان جي ابتڙ خلافت عثمانيہ جي خليفن ٿريس ۽ بلقان وارن علائقن کي وڌيڪ اهميت ڏني. وڌيڪ حيران ڪندڙ هيءَ حقيقت آهي تہ خلافت عثمانيہ جو امير طبقو پاڻ کي ترڪ سڏائڻ ۾ پنهنجي بيعزتي سمجهندو هو. هن طبقي کي ٻهراڙيءَ واري توڙي شهري ترڪ رعيت کان سخت نفرت هئي ۽ رعيت کي هن طبقي کان ڪنهن بہ قسم جي امداد خير ڪا ملندي هئي. ترڪ رعيت سان اقليت جهڙو ناروا سلوڪ ڪيو ويندو هو پر هاڻي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ترڪن پنهنجو نرالو مؤقف قائم ڪيو. هنن پنهنجي قومي سورمي

مصطفيٰ ڪمال پاشا جي اڳواڻيءَ هيٺ سيورس وارو سامراجي معاهدو رد ڪندي پنهنجي ترڪ قوم ۽ ترڪي رياست جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو. مصطفيٰ ڪمال 19 مئي سن 1919ع ۾ استنبول جي اميرن جي سازش کان پاڻ بچائيندو مختصر لشڪر ساڻ سيمسن واري ماڳ وٽ اچي سهڙيو. سيواس ۽ اِرزورَم شهرن ۾ ترڪ قومپرست سياستڪارن طرفان قومي ڪانفرنسون منعقد ڪيون ويون ۽ قومي آزاديءَ جي حصول لاءِ هڪ عبوري حڪومت تشڪيل ڪئي وئي ۽ وڏي جفاڪشيءَ سان هڪڙي نئين ترڪ فوج منظم ڪئي وئي. مصطفيٰ ڪمال جي اڳواڻيءَ هيٺ فرينچن ۽ روسين جي لشڪرن کي ترڪيءَ جي سرحدن ۾ لوڏي ڪڍيو ويو ۽ سن 1921ع جي جنوريءَ کان مارچ مهينن واري مُدت ۾ يوناني فوج کي لڳاتار ٻن لڙائين ۾ زبردست شڪست ڏني، جنهن سبب يوناني فوج ترڪ قومپرست لشڪر کان هارائيندي، پسپا ٿيندي، ساحلي رستو وٺي پوين پيرن پنهنجي ملڪ ڀڄي وئي. اهڙيءَ ريت سيپٽمبر سن 1922ع ۾ ترڪيءَ جي سرزمين سمورين ڌارين فوجن کان آزاد ٿي وئي. سن 1923ع ۾ ترڪي هڪ ريپبلڪ يعني رعيتي راڄ واري رياست هئڻ جو اعلان ڪيو. مصطفيٰ ڪمال پاشا ان جو پهريون صدر ٿيو ۽ انقره شهر کي رياست جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو ويو. انقره شهر ترڪي ملڪ جي تقريباً وچ تي آباد آهي. لئوسان شهر ۾ سيورس واري رد ڪيل معاهدي بدران ڪم ايندڙ هڪ نئين معاهدي جي تشڪيل لاءِ مذاڪرات ڪيا ويا ۽ هُيتي جي علائقي کان سواءِ ترڪي رياست جون اجوڪيون سرحدون انهيءَ وقت متعين ڪيون ويون. هُيتي وارو علائقو گهٽو پوءِ سن 1939ع ۾ ٿيل راءِ شماريءَ موجب ترڪي رياست ۾ ضم ڪيو ويو.

ترڪيءَ ۾ مغربي طرز زندگي اختيار ڪرڻ وارو عمل تاريخي طور تي هڪ بلڪل نرالو عمل هو.ويهين صديءَ عيسويءَ جي ويهن ۽ ٽيهَن وارن ڏهاڪن دوران ترڪ قوم جهڙيءَ ريت تمام گهڻا سماجي سڌارا عمل ۾ آندا، اهڙو عزم ۽ همٿ انسانذات جي سماجي تاريخ ۾ وِرلي نظر ايندي. انهن سڌارن جو مقصد ترڪ قوم هٿان ڪيئي صدين تي مشتمل وچايل وقت جو ازالو ڪرڻ هو. مصطفيٰ ڪمال جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ٿيل ترڪ رعيتي راڄ، غير مذهبي حڪومت تي مشتمل هو. انهيءَ مقصد جي حصول خاطر خلافت وارو سرڪاري

نظام رد ڪيو ويو. تعليم ۾ ازدواجي نظام غير مذهبي اختيار ڪيو ويو. ترڪي ٽوپي پائڻ تي بندش لڳائي وئي. ترڪي ملڪ ۾ عيسوي سن رائج ڪيو ويو ۽ آچر جو ڏينهن آرام لاءِ موڪل وارو ڏينهن مقرر ڪيو ويو. ترڪي ٻوليءَ ۾ پڙهَ سُڌاران نافذ ڪيا ويا. ترڪي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ عربي ۽ پارسي ٻولين جا لفظ ترڪي ٻوليءَ مان خارج ڪيا ويا ۽ ٻول لِکڻ لاءِ ڪم ايندڙ عربي الف- ب رد ڪري، ان جي بدران رومن الف- ب لاڳو ڪئي وئي. عدالتي نظام ۾ موجود اڳوڻا قانون رد ڪري ان جي جاءِ تي سوئيٽزرليند وارو قانون ۽ قاعدو حرف بہ حرف نافذ ڪيو ويو. عورتن کي مردن جي برابر قانوني حق حاصل ٿيا. وقت جو عالمي مغربي نظام لاڳو ڪيو ويو ۽ تور ۽ ماپ وارو عالمي اصول اختيار ڪيو ويو. سرڪار پنهنجن محدود وسيلن سان ئي سهي، پر ملڪ جي صنعتي ۽ مواصلاتي نظام کي سُڌارڻ لاءِ حقيقي ڪوشش ڪرڻ لڳي. مغربي طرز اختيار ڪرڻ جي ڪوشش دؤران صدر هڪ فرمان جاري ڪيو جنهن ۾ چيو ويو تہ، هر ترڪ ماڻهو پنهنجي نالي کي مغربي طرز موجب اختيار ڪري.

مصطفيٰ ڪمال کي پنهنجي ترڪ قوم ”اتاترڪ“ يعني قوم جو ابو جو خطاب ڏنو. اهو فقط قومي سورمي مصطفيٰ ڪمال جو اخلاقي اختيار هو جنهن موجب نهايت خوش اسلوبي ۽ آسانيءَ سان هيترا سارا سماجي سڌارا قوم جي واضح اڪثريت قبول ڪيا ۽ انهن جي مخالفت فقط چند جنوني مذهبي ماڻهن ڪئي، جن جي انهيءَ دؤر ۾ ڪابہ اهميت ڪانہ هئي. ترڪيءَ جي معاشري کي مغربي تمدن جي طرز تي جديد بنائڻ خاطر گهربل حقيقي سڌارا آڻڻ لاءِ مصطفيٰ ڪمال مطلق العنان طرز حڪومت قائم ڪئي، پر عوام لاءِ هميشه جمهوري فيصلا ڪيا ويا ۽ عوام کي حڪومت جي جبر کان آجو رکيو. سن 1938ع ۾ اتاترڪ جي وفات کان پوءِ آزاديءَ واري جنگ ۾ سندس ساٿي هٿ طور وفاداري ساٿيءَ، جنرل عِصمت اِنونُو ملڪ ۾ جمهوريت بحال ڪرڻ جي واعدي تحت حڪومت جون واڳون سنڀاليون. ٻي عالمي لڙائيءَ دؤران ترڪي ڪنهن بہ جنگي ڌُر سان شامل ڪونہ رهيو. پر جمهوريت جي بحاليءَ وارو تجربو معطل رهيو. نيٺ سن 1949ع ۾ آزاد چونڊن جي نتيجي طور پُرڪشش شخصيت جي مالڪ سياسي اڳواڻ عدنان مينڊرس جي رهبريءَ ۾ مخالف سياسي ڌُر،

ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ فتح حاصل ڪري حڪومت جوڙي، پر ناتجربيڪاري ۽ ڪي قدر هڪ پارٽيءَ ڪي دائمي طور اقتدار ۾ رهڻ واري پاليسي اختيار ڪرڻ سبب سن 1960ع ۾ فوج حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، حڪومت تي پاڻ قابض ٿي ويهي رهي ۽ عِدنان مينڊرس کي ماري ڇڏيو. سن 1961ع ۾ جمهوريت وري بحال ٿي، پر مخلوط حڪومت، فوج طرفان سخت دٻاءُ تحت ڪم ڪندي ڪو خاطرخواه ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر رهي. البت سن 1965ع ۾ شفاف چونڊون ڪرايون ويون. جنهن تحت سلمان ڊيمرل جي اڳواڻيءَ ۾ اڳوڻي جمهوري پارٽيءَ ڪاميابي ماڻي. پر سندس حڪومت قبرص جزيري واري گهوٽالي ۾ ڦاٿل هئڻ سبب، وڌيڪ خراب ٿيندڙ ملڪي معيشت کي بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهي. تنهن ڪري ملڪ فسادن جي ور چڙهي ويو. اُنهيءَ صورتحال مان ناجائز فائدو حاصل ڪندي سن 1970ع ۾ فوج ٻيهر اقتدار تي مارشل لا جي صورت ۾ قبضو ڪيو.

ٽن سالن ڪانپوءِ نيٺ جمهوريت بحال ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ بِلَنت ايجِوت جي اڳواڻيءَ هيٺ کاٻي ڌُر واري جمهوري پارٽيءَ حڪومت جوڙي اها حڪومت پڻ فوج جي عدم تعاون سبب قبرص مسئلي ۽ تيل جي مهانگائي جي اثرات جي شڪار رهي. تنهن ڪري ملڪي معيشيت وڌيڪ خراب ٿي. سياست ۾ ساڄي ۽ کاٻي ڌُر جو ٽڪر وڌيڪ تيز ٿيو ۽ هزارين ماڻهو سياسي انتقام جا شڪار ٿيا ته فوج وجهه وٺي اقتدار تي وري به قابض ٿي وئي، جنهن جي اڳواڻي جنرل ڪينان ايورن ڪئي. سن 1980ع ۾ فوج حڪومت تي قبضو ڪري سمورين سياسي پارٽين کي تشدد سان ڪُچلڻ شروع ڪيو. سليمان ڊيمرل ۽ بِلنت ايجِوَت سميت سمورن مکيه سياسي ليڊرن، شاگرد ليڊرن ۽ مزدور ليڊرن کي قيد ڪيو ويو. اُنهن سان گڏ سندن حمايت ڪندڙ صحافي نمائندن کي به جيل ۾ وِڌو ويو.

سن 1982ع ۾ جنرل ايورن ريفرينڊم ذريعي هڪ قانون پاس ڪرايو جنهن تحت حڪومت جا مکيه اختيار فقط صدر کي حاصل ٿيا. انهيءَ قانون موجب صدر جي چونڊ لاءِ اميدوار فقط هڪڙو هو جيڪو جنرل ايورن خود پاڻ هو ۽ هر انهيءَ عهدي تي 1988ع تائين قابض رهيو. انهيءَ سال عام چونڊون ٿيون جن ۾

مادر وطن پارٽي ترگت اوزل جي اڳواڻيءَ ۾ ڪاميابي ماڻي جيڪو مليتيا سان تعلق رکندڙ هڪ معاشي ماهر هو. سندس عالمانه ۽ مدبرانه صلاحيتن سبب ملڪي معيشت بحال ٿي، حقيقي جمهوري نظام بحال ۽ مستحڪم ٿيو ۽ ملڪ خوشحال ٿيو پر 1991ع وارين عام چونڊن ۾ سليمان ڊيمرل جي اڳواڻيءَ ۾ جمهوري پارٽي ڪامياب ٿي.

اڄوڪو جديد ترڪي ملڪ ترقي يافته ۽ ترقي پذير ملڪن جي وچ تي بيٺو آهي. ملڪ جي زراعت سان وابسته لکين افراد ته اڃا هاڻي وڃي ڪو سُک جو ساهه کنيو آهي. انهن مان ڪيترائي خاندان شهرن ڏانهن وڃي رهيا آهن، پر هاري طبقي جي واضح اڪثريت اڃا تائين پنهنجي زمينن تي آباد آهي. ترڪي ملڪ يورپيئن يونين جي ميمبر ٿيڻ واري خواهش ڪافي سالن کان رکندو اچي ۽ انهيءَ ڏِس ۾ بيحد ڪوشان آهي، پر ترڪ عوام ۾ هڪ مختلف سوچ پيدا ٿي آهي ته يورپي ملڪن جي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ جي باوجود قومي معيشت ۾ سڌاري ۽ واڌاري جي اميد گهٽ آهي ۽ قومي ساک جي دوام جي توقع ناهي. انهيءَ جي پيٽ ۾ سوويت يونين کان آزاد ٿيل مسلم رياستن جهڙوڪ آذربائيجان، اُزبڪستان، ترڪمانستان ۽ قازقستان سان معاشي، سياسي ۽ ثقافتي اتحاد وڌيڪ فائديمند ۽ عزت ڀريو ٿيندو. مذڪور مسلم رياستن ۾ ٻولي به پنهنجي ترڪي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ انهن سمورين رياستن ۾ ڪافي ثقافتي ۽ سماجي هڪجهڙايون موجود آهن. تنهنڪري يورپي قومن جي اتحاد ۾ شامل ٿي سندن دربان ٿي رهڻ کان بهتر آهي ته، مٿي ڄاڻايل ۽ ٻين پاڙيسري مسلمان ملڪن سان اتحاد ۽ عالمي مسلم برادريءَ وارو گهربل اتحاد وڌيڪ دُرست، وڌيڪ ڄاڻادار ۽ وڌيڪ عزت جو باعث ٿيندو.

صنعتڪاري ۽ جديدڪاريءَ سبب گهڻو ڪري سرنديءَ وارا ڪيترائي خاندان شهرن ۾ وڃي آباد ٿيا آهن. تنهنڪري شهرن ۾ ڪيئي مسئلا پيدا ٿيا آهن. جهڙوڪ: رهائش جو مسئلو، گُذر جو مسئلو، تعليمي مسئلو، صحت جو مسئلو، جديد شهري سهولتن جو مسئلو وغيره.

انهيءَ کان سواءِ ڪُرد اقليت وارو مسئلو به موجود آهي. ڪرد اقليت قومي آباديءَ جو 25 سيڪڙو آهي، جيڪا ملڪ جي ڏکڻ اوڀر ايراضيءَ ۾ باغي اقليت جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن کي ٻوليءَ جو پنهنجو نرالو لهجو آهي. صليبي

جنگين دؤران يورپ جي عيسائي فوجن کي مات ڏيندڙ عظيم سپه سالار سلطان صلاح الدين ايوبي پڻ انهيءَ ڪرد اقليت جو باشندو هو.

اسان سمير کان ڪمري جي چابي وٺي ڪمري تي آياسين. هن ۾ ويهه پنجويهه کن ڪمرا مس ٿيندا. هن هوٽل کان سواءِ هن ڪمپنيءَ جون هن ئي علائقي ۾ هن هوٽل جهڙيون ۽ هن جيڏيون ٻه ٻيون به هوٽلون هلندڙ آهن. هيءَ هوٽل ننڍي پر ڏاڍي خوبصورت هئي. ٻيو ته اها شهر جي مرڪزي علائقي جي بلڪل وچ ۾ هئي، جنهنڪري اسان کي رات جو ماني کائڻ لاءِ ڪنهن سواريءَ جي ضرورت ڪانه پوندي هئي. باقي ناشتو هوٽل وارا ئي ڏيندا هئا. ٻنپهرن جو ڪاڌو مختصر ڪائبو هو ته، جيئن بدن هلڪو رهي ۽ زياده کان زياده گهمي سگهون. هي علائقو شهر جو مرڪز هئڻ ڪري سياحت جي لحاظ کان ڪافي مُکيه جڳهيون سَڌ پَنڌ تي هيون. اسان ماني کائي ٿورو آرام ڪري محبوب جي رهنمائيءَ ۾ شهر گهمڻ لاءِ روانا ٿياسين. اسان پهريائين آيا صوفيه چرچ ۽ بُلو مسجد جي وچ واري علائقي جي باغ ۾ ڦوهارن اڳيان اچي بيٺاسين. هڪ طرف بلو مسجد ٻِئي طرف آيا صوفيه چرچ، وچ ۾ لاجواب باغ، جنهن جي وچ تي هڪ تمام وڏو عاليشان ڦوهارو. ان جي چوڌاري سَوين بينچون پيل هيون ۽ پرسان ئي ريل گاڏي جيڪا سڄي استنبول شهر ۾ وڃي. ٽرين ۾ چڙهجي ته خبر ڪانه پوي ۽ ماٿهو سمنڊ منجهه ٺهيل ٽيونل وسيلي سمنڊ اندران ئي وڃيو شهر جي ٻئي پاسي نِڪري. آيا صوفيه چرچ ۽ بلو مسجد جي وچ ۾ روڊ تي بيشمار بسون پيون سياحن کي لاهين ۽ چاڙهين. هن باغ جنهن ۾ اسين بيٺا آهيون، اتي ايڏي ته رش آهي جو هلڻ ئي دشوار آهي. هن باغ جي چا ته سُونهن آهي! مِنا ته هڪ هڪ گُل کي ڏسي خود به ٽڙي پئي، ڇو ته اسان جي گهر ۾ جيڪو باغيچو آهي، اهو سندس ئي شوق ۽ محنت جي ڪري قائم آهي. سو پاڻ هيڏي عاليشان باغ ۾ پوکيل ڪيئي قسمن جا حسين ۽ معطر گُل ڏسي خوشيءَ ۾ اصل باغ بهار ٿي پئي!

اسان پنهنجي گهمڻ جي شروعات بِلو مسجد کان ڪئي، جيڪا مون کي تاج محل کان به وڌيڪ پُروقار، خوبصورت ۽ ڪشادي لڳي. تاج محل سن 1648ع ۾ ٺهي راس ٿيو ۽ بِلو مسجد ان کان به اڳي سن 1619ع ۾ جُڙي راس ٿي. تاج محل جمنا نديءَ جي ڪِناري تي ٺهيل آهي ۽ بلو مسجد باسفورس سمنڊ کان چند قدمن جي مفاصلي تي اَڏيل آهي. تاج محل ايشيا کنڊ ۾ آهي ته بلو

مسجد وري يورپ ڪنڊ جي حَسين ٽڪرين تي ٺهيل آهي. تاج محل ۾ درَ ۽ دريون ٺوريون ٺهيل آهن. پر بلو مسجد ۾ 36 لاجواب وڏا دروازا ۽ ٻه سؤ سٺ نهايت سُهڻيون دريون ٺهيل آهن. تاج محل سڄو سنگ مرمر جو ٺهيل آهي، ته بلو مسجد ۾ فقط سلطان جو حُجرو سنگ مرمر جو ٺهيل. باقي سڄي مسجد اندران 21543 بلو رنگ جي بلاڪن سان ٺهيل آهي. بلو مسجد جا گُنبذ ۽ نيلون ايڏيون ته شاندار ۽ خوبصورت آهن. جو ان جو ڪنهن به مسجد، مقبري يا عمارت سان مقابلو ئي نٿو ڪري سگهجي. اسان پنهنجا جُتا پلاسٽڪ جي پئڪيٽن ۾ وِجهي جيڪي مسجد جي ٻاهر رکيا هئا، هٿ ۾ ڪٺي مسجد اندر داخل ٿياسين. مسجد اندران ٻاهر کان به وڌيڪ سُٺي ٿي لڳي. منجهس لاجواب فانوس آويزان ۽ بيحد سُهڻا غاليچا وڇايل هئا. مسجد ڏسڻ لاءِ توهان کي هر قوم، نسل ۽ ملڪ جا ماڻهو سَوَن جي تعداد ۾ هر وقت ڏسڻ ۾ ايندا. مزيدار ڳالهه اها ته نماز جي وقت به سياح مسجد اندر نظر ايندا. بلو مسجد ۾ عورتن جي نماز پڙهڻ لاءِ جُدا جڳهه مخصوص آهي، جنهن ۾ هر نماز جي وقت سَوَن جي تعداد ۾ عورتون نماز پڙهنديون آهن. مِنا به عورتن واري حصي ۾ نفل پڙهيا. مسجد اندر سياح فوٽو ڇڪي ۽ فلمون به پيري رهيا هئا. سلطان احمد هيءَ نيري مسجد آيا صوفيه چرچ واري اسڪوائر جي سامهون سن 1619ع ۾ تعمير ڪرائي، انهيءَ جو مقصد آيا صوفيه چرچ سان مقابلي طور نه، پر شهر جي ٻين مناسب هنڌن تي اڳيئي عاليشان مسجدون اَڏيل هيون. انهن ماڳن جي پيٽ ۾ هن علائقي ۾ مسجد جي تعمير ضروري سمجهندي پنهنجي يادگار طور نيري مسجد هن علائقي ۾ تعمير ڪرائي. ان لاءِ گهربل ايراضيءَ جي حصول خاطر ڪيترين ئي غير اهم توڙي اهم ۽ قديم عمارتون ڊاٺيون ويون. شهر جي يادگار عمارتن مان گهڻيون متضاد ۽ مزيدار ڳالهيون فقط هن بلو مسجد بابت ٻُڌجن ٿيون. ڪيترائي ماڻهو انهيءَ خيال جا آهن ته، بلو مسجد جي اڏاوت بهترين قسم جي آهي، ته ڪجهه ماڻهو وري اهڙا به آهن جن جي چوڻ موجب بلو مسجد تي ڪيل خرچ ضرورت کان وڌيڪ آهي ۽ آرائش پڻ اجائي گهڻي ڪيل آهي. يقيناً آيا صوفيه چرچ وانگر هن مسجد جي ڪشادگي ٻين سيني مسجدن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ۽ نقشي ۾ مستطيل جي بدران بلو مسجد بلڪل چورس ٺهيل آهي. مُکيه ۽ نرالي ڳالهه هيءَ ته هن مسجد اندر بلو يا نيري رنگ جي ڪاشيءَ جون سِرون لڳل آهن، جن جي حُسنِ تعمير ۾

واقعي حقيقي اضافو ڪيو آهي. انهيءَ رنگ سبب هن ”مسجد سلطان احمد“ کي عام طرح بلو مسجد پڻ سڏيو ويجي ٿو. بلو مسجد جو ستر فوٽ قطر وارو شاهي گُنبذ ڇهن نيم گُنبذن تي بيٺل آهي. هرهڪ نيم گُنبذ ٽن پورچن يعني ڇڄَنَ تي اَڏيل آهي ۽ هر پورچ ٻن وَنگن (Arches) تي ٺهيل آهي سموريون وَنگون عاليشان پيلپاين مٿان جوڙيل آهن. واقع بلو مسجد جي اڏاوت هڪ بهترين نمونو آهي. مسجد ۾ ٺهيل سلطان جو حُجرو خالص سنگ مرمر جي بيحد خوبصورت ڊزائين جي جاريءَ سان ٺهيل آهي. درين جون طاقيون عاج، سِپَ ۽ ٻئي ڪنهن سُهڻي مصالحي سان جَڙيل آهن. دريون بہ نهايت سُهڻيون، پر چون ٿا تہ اهي اصل دريون ڪونہ آهن. شايد اصل دريون موجود درين کان بہ وڌيڪ سهڻيون هجن! چاڪاڻ تہ سلطان احمد اميرالمؤمنين جي حيثيت ۾ ۽ پنهنجي دين سان پيار ڪندڙ جي حيثيت ۾ زمانن تائين برقرار رهندڙ هن يادگار بلو مسجد کي بيحد چاهہ سان اڏايو. مسجد جي تعمير واري ڪم جي اڳواڻ، محمد آغا، خلاف معمول بلو مسجد ۾ ڇهہ مينار جوڙايا. هن کان اڳي ڇهہ مينار فقط ڪعبة الله جي چوڌاريءَ اَڏيل مسجد الحرام جا ٺهيل هئا. تنهنڪري عثماني سلطنت ۾ رعيت هن مسجد ۾ مينارن جي انگ ۾ واڌ تي سخت غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو. عوام جي دل جوئي ڪرڻ لاءِ سلطان احمد بلو مسجد جي اڏاوت واري ڪم جي اڳواڻ خود محمد آغا کي مڪي شريف موڪلي مسجد الحرام ۾ ستون مينار تعمير ڪرائي مسجد الحرام جي فوقيت بحال ڪرائي، تڏهن وڃي سلطنت جي رعيت ماٺ ڪئي. بلو مسجد جا دروازا پڻ نرالي انداز سان مسجد جي وٽندڙ اڱڻ ۾ کُلن ٿا. سلطان احمد 27 سالن جي ڄمار يعني ڀوهہ جوانيءَ ۾ وفات ڪئي. ڪيس بلو مسجد ۽ آيا صوفيہ چرچ جي وچ واري ايراضيءَ ۾ بلو مسجد جي ويجهو دفن ڪيو ويو. سندس تُربت جي پير ۾ سندس زال ۽ سندس پُٽ دفن ٿيل آهن. جن ۾ ٻہ پٽ: 1. سلطان عثمان ثاني ۽ 2. سلطان مراد چوٿون بہ شامل آهن. اسان هيءَ دنيا جي عاليشان بلو مسجد ڏِسي پوءِ مسجد جي بلڪل سامهون ۽ باغيچي جي ٻئي طرف آيا صوفيہ چرچ ڏِسڻ لاءِ وياسين.

آيا صوفيہ هڪ لاجواب عمارت آهي، جيڪا حضرت عيسيٰ عليه السلام جي وفات کان بہ اڳ ۾ تعمير ٿي ۽ عبادتگاهہ طور استعمال ٿي. وري عيسائين هن عمارت کي پنهنجي دؤر ۾ گِرجا طور استعمال ڪيو ۽ فتح اسلام کان پوءِ

مسلمانن جي سموري دؤر حڪومت ۾ هيءَ عمارت مسجد طور استعمال ٿي. پر اڄ هيءَ عمارت سيني مذهبن وارن ماڻهن لاءِ کُليل ۽ عجائب گهر طور استعمال ٿئي ٿي، جنهن کي ڏِسڻ لاءِ سڄي دنيا مان ماڻهو ڪهي استنبول اچن. هي آيا صوفيہ چرچ، بلو مسجد واري گُنبذ کان بہ وڏي گُنبذ واري عمارت آهي، جيڪا ڪمال جي ڪاريگريءَ سان ٺاهي وئي آهي. انسان هميشه کان مذهبي، فوجي ۽ پنهنجي رهائشگاهہ طور ڪيئي محل محلاتون ٺاهيندو اچي، جنهن کي ماڻهو ڏِسيو دنگ رهجيو وڃي.

آيا صوفيہ چرچ ڪنهن زماني ۾ رنگين پٿر ۽ رنگين شيشي جي ٽُڪرِين جي جڙاءَ سان ٺهيل فرش، ڀتين ۽ ڇتين ۾ ڪمال جي ڪاريگريءَ سان لڳل مختلف ڊزائينن ۽ نمونن جي رنگين شمعدانن سبب تعميراتي سُونهن ۾ پيو ڀهڪندو هو. قربانيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ ميز سُهڻي رنگ سان رڱيل هئي. اڳڻ ۽ عبادتگاهہ کي جدا ڪندڙ جعفريءَ تي يسوح مسيح ۽ ٻين ڪيترن ئي عيسائي درويشن جون تصويرون آراستہ هونديون هيون. انهن کي ياد ڪندي چرچ جي زيارت ڪندڙن کي حضرت سليمان عليه السلام کي غائبانہ طور شهنشاهہ جٽسٽِينِيئن جا چيل لفظ ذهن تي تري ايندا آهن تہ ”حضرت سليمان عليه السلام! آئون تو کان بہ گوءِ کٽي ويس، ڇاڪاڻ تہ يروشلم شهر ۾ تنهنجي جوڙايل عبادتگاهہ کان منهنجو اڏايل هي چرچ اڏاوت ۾ وڌيڪ شاندار آهي.“ پر اڄ اهو چرچ پنهنجو اڳوڻو عروج بلڪل وڃائي ويٺو آهي ۽ وقت جي غُبار ۾ غرق آهي. هي آيا صوفيہ چرچ سن 1933ع کان عجائب گهر طور استعمال ٿئي پيو. منجهس چرچ طور ٿيل آرائش جي فقدان هئڻ باوجود سندس اڏاوتي شان بيشڪ ساراهن لائق آهي روم ۾ سينٽ پيٽر واري چرچ ۽ لنڊن ۾ سينٽ پال واري چرچ کان پوءِ آيا صوفيہ چرچ جو گُنبذ پوري دنيا ۾ سڀ کان وڏو گُنبذ آهي. ڇهين عيسوي صديءَ ۾ تہ هن جهڙو عظيم چرچ سڄي دنيا ۾ ڪٿي بہ اَڏيل ڪونہ هو پر اهڙي شاندار اڏاوت جو تصور بہ ڪونہ هو. اصل آيا صوفي چرچ جنهن کي بازنطيني ماڻهو شاهي چرچ سَڏيندا هئا، شهنشاهہ ٿِيوڊوسِيئَس ٻئي (Theodosius II) شهنشاهہ ڪانسٽينٽائين اعظم (Emperor Constantine the Grat) جي دؤر ۾ اڳي ئي ٺهيل پُراڻي چرچ واري ماڳ تي سن 415ع ۾ اَڏايو هو اهو فتح جي يوناني ديوي نائيڪ (Nike) جي نالي ٿيل فسادن دؤران لڳل باهہ جو کاڄ ٿي ويو تہ

شهنشاهه جٽسٽِينيئَن (Justinean) پنهنجو شانُ برقرار رکڻ ۽ ناموس خاطر اڳوڻي چرچ کان به وڌيڪ شاندار چرچ وڏ ۾ وڏ جلد اڏي راس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ فسادن جي خاتمي کان پورا چاليهه ڏينهن پوءِ چرچ جي اڏاوت جو ڪم چالو ڪرايو جيڪو پنجن سالن جي عرصي ۾ تڪميل کي پهتو. چرچ جي افتتاحي تقريب 26 ڊسمبر سن 537ع يعني سينٽ اسٽيفن جي يادگار ڏينهن تي ٿي. اها هئي آيا صوفيه چرچ جي مختصر تاريخ. آئون سمجهان ٿو ته هيءَ دنيا جي واحد عبادتگاهه آهي ، جتي عيسائيت کان اڳ عيسائيت جو دؤر ۽ مسلمان دؤر حڪومت جون سڀ مذهبي نشانيون اڄ به قائم آهن. مثال طور حضرت عيسيٰ عليه السلام، بيبي مريم، الله پاڪ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم ۽ چئين خليفن جا نالا هن عبادتگاهه ۾ اڄ به توهان کي نظر ايندا. ۽ تعجب به ٿيندو. پر شاباس هجي مسلمانن کي جن ٻين مذهبن جي ڪنهن به نشان کي ڪونه ڊاهيو نه ته موجوده اسرائيل واري رياست ۾ مسلمانن جي عبادتگاهن سان اسرائيلي ڪارندن جيڪو حشر ڪيو آهي، تنهن جو سڄو احوال موجوده فلسطيني اختياريءَ واري هڪ وزير نبيل شاد بي. بي. سي کي تازو انٽرويو ڏيندي ڪيو آهي، جنهن جي ٻُڌڻ سان ماڻهو جا لِڱَ ڪانڊارجيو وڃن ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچيو وڃن. اهي بي. بي. سي تي ٻڌايل احوال ٻيهر ورجائيندي به انسانَ کي شرم ٿو اچي. اسان آيا صوفيه چرچ مان نِڪري ٿوري دير پارڪ ۾ ويهي ڪجهه آرام ڪيون پوءِ هتي ويجهو ئي هڪ ٻي تاريخي ماڳ کي ڏسڻ لاءِ اُسهياسين. تنهن جو نالو آهي: سسٽيرين باسليڪا (Cistern Baslica). هي تاريخي ماڳ به قبل مسيح دؤر جي شهر لاءِ واٽر سپلاءِ طور ٺاهيو ويو هو. هيءَ هڪ ڍڪيل جڳهه آهي، جيڪا آئون سمجهان ٿو ته چئين پنجن ايڪڙن ۾ ٿيندي. ان جي ڇت چاليهه پنجاهه فوٽ اوچي ٿيندي. جڳهه جي تر ۾ موجود حوض اڄ به پاڻيءَ سان ڀريل آهي، جنهن ۾ مخلف مُلڪن جا سِڪا هزارن جي تعداد ۾ پيل هئا. جيڪي ڇت ۾ لڳل بجليءَ جي روشنيءَ سبب صاف نظر اچي رهيا هئا. اسان جي روبرو به ٽوئرسٽ انهيءَ پاڻيءَ ۾ سِڪا اُڇلائي رهيا هئا. چون ٿا ته ڪنهن دؤر ۾ هتي پاڻي ڪنهن ٻئي ملڪ مان نهر وسيلي هن پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ ٿي پهتو جتان وري اهو پاڻي سنهين نالين يا ڪسين ذريعي سڄي استنبول شهر جي سمورن گهرن ۾ پهچايو ويندو هو. هن واٽر سپلاءِ اسٽيشن جي ڇت کي سنگ مر مر جي 363

ٿلهن پيلرن تي بيهاريو ويو آهي. James Bond-007 فلم جي هڪ سيريل جي شوٽنگ بہ هن پاڻيءَ جي تلاءُ ۾ ڪئي وئي هئي. واقعي! ماڻهو پنهنجي سُک لاءِ ڪيڏي نہ محنت ۽ ڪيترا نہ ٽڪسات ٽوڪري ۽ پنهنجي انهيءَ سُک کي قائم رکڻ لاءِ ڪيترن جا سُک ٽو ڦِتائي!

اسان هتان کان پوءِ ٽيوب ٽرين ۾ سفر ڪندي، سمنڊ ۾ نهيل ٽيونل منجهان لنگهندا، باسفورس ڪاريءَ جي ٻئي ڪِناري تي پهچي وياسين. هن ڪِناري کان ئي باسفورس سمنڊ واري ڪاريءَ جو سير ڪرڻ لاءِ سَوين لانچون ۽ جهاز هزارين سياحن ۽ مسافرن کي روزانو هن ڪاريءَ جو سير ڪرائڻ ۾ مشغول آهن. سمنڊ جي هن ڪِناري تي سمنڊ گُهمڻ لاءِ ٽڪيٽ خريد ڪرڻ وارن جون ڪيتريون ئي قطارون لڳيون پيون هيون. اسين بہ هڪ لائين ۾ لڳي بيناسين ۽ ٽڪيٽ خريد ڪيا. ٽڪيٽ تي اسان کي سير ڪرائڻ لاءِ مقرر ٿيل جهاز جو نمبر بہ لِکيو پيو هو. اسان کي انهيءَ نمبر واري جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ کن انتظار ڪرڻو پيو ۽ جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ وري بہ قطار ۾ بيهڻو پيو. جهاز تي ماڙ هو. منجهس ادائي ٽي سؤ کن ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش هئي. جهاز جو ٽيون ماڙ صفا کُليل هو. تنهنڪري هر مسافر اوڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ٽي ڪئي، پر اسين پهريائين فلور تي ويهي رهياسين. هن جهاز اندر هڪ عاليشان هوٽل بہ هئي. اسين جيئن تہ صبح جو ناشتو ڪري نڪتا هئاسين، تنهنڪري بہ پيرا فقط جوس پيتوسين. اجوڪي ٽوئر دؤران انهيءَ جوس کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ ڪانہ کاڌيسين. تنهنڪري سيني کي اڃي ٻُک لڳي، سو جهاز جي هن هوٽل ۾ پيٽ پري ماني کاڌيسين. تيستائين جهاز بہ ماڻهن سان پرجي ويو ۽ باسفورس سمنڊ جي نيري پاڻيءَ کي چِيريندو هلڻ لڳو. سمنڊ جي وچ تي ترندڙ هن جهاز مان اسان کي سمنڊ جي ٻنهي ڪِنارن تي موجود ٽڪرين تي آڏيل استنبول شهر اڳ کان وڌيڪ وڻندڙ ۽ وڌيڪ شاندار ٿي لڳو. جڳهين سان گڏ شهر جي وِٽڪار ڪيبل ڪارن، چئين پُلين واري هن شهر کي جڻ تہ چار چنڊ هٽي ڇڏيا هئا. مٿي ٽڪرين تي اهو منظر تہ سمنڊ ۾ وري سَوين ٻيڙين ۽ انهن جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيل سامونڊي پوليس جي لانچن بہ ڏاڍو سنو ڇهڇٽو لڳائي ڇڏيو هو. جهاز اسان کي سمنڊ ۾ گُهمائيندو گُهمائيندو وڃي سمنڊ جي ٻئي پاسي نڪتو. استنبول شهر جو اُلهندو پاڱو يورپ کنڊ ۽ اُپرندو پاڱو ايشيا کنڊ ۾ آهي. انهيءَ جهاز ۾

گُهمندي اڌ ڪلاڪ اندر يورپ کان ايشيا پهچي وياسين. جهاز باسفورس جي اُپرندي ڪناري تي پندرهن کن منٽ ترسي وري اڳيان هلڻ لڳو ۽ انهن پُلن هيٺان لنگهيو جيڪي جيمس بانڊ زيرو زيرو سيون (James Bond-007) فلم ۾ ڏيکاريل آهي ۽ جتي فلم ۾ فائيٽ جا سِين فلمايل آهن. انهيءَ هنڌ ۽ پُل وٽ به اسان کي هن جهاز گُهمايو. اڳي استنبول شهر جي ٻنهي پاڱن کي ملائڻ لاءِ فقط هڪڙي پُل ناهي وئي هئي، پر هاڻ سمنڊ جي مٿان ٻي پُل به ٺاهي اٿن. انهن ٻنهي پُلين تي ماڻهن کي پيادو هلڻ جي اجازت ڪانهي. اهي ٻئي پُلون بنا پيلرن جي ٺهيل آهن، يعني انهن پُلين کي سمنڊ اندر ڪو پيلر يا اسپان ڏنل ڪونهي. جڏهن جهاز هن باسفورس سمنڊ جي وچ تي پهچي ٿو ته، ماڻهو پاڻ کي دنيا جي ٻن کنڊن يعني يورپ ۽ ايشيا جي وچ ۾ ڏسيو، پنهنجي اندر ۾ هڪ عجيب خوشيءَ وارو احساس محسوس ڪري ٿو ته مارا هينئر آئون دنيا جي ڪهڙي نه عجيب ماڳ تي موجود آهيان! جتان ماڻهو ٻنهي کنڊن کي هڪ ئي وقت ۾ پيو ڏِسي. هزارين سال اڳ ته هتي پهچڻ لاءِ بادشاهن کي به ڪيتريون ئي جنگيون ڪرڻيون پونديون هيون، جن ۾ فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي کين هتي پهچڻ جي سعادت نصيب ٿيندي هئي ۽ هن باسفورس سمنڊ هزارين سالن دؤران زماني جا ڪيترا نه رنگ تبديل ٿيندي ڏٺا هوندا! پر خود هي سمنڊ پنهنجو اهو اڳوٽو هلڪو بلو رنگ برقرار رکيو اچي! باسفورس سمنڊ تي هينئر ري ٽنيين ري ٽوٽيين پُلين کان سواءِ به ٻيون به پُليون ٺهيل آهن جتي سَوَن جي تعداد ۾ ماڻهو ويهندي ڪنڌين سان مڇيون پيا مارين. استنبول شهر جي يورپ واري پاسي سمنڊ جي ڪِناري تي سَوَن جي تعداد ۾ عاليشان هوٽلون اَڏيل آهن، جتي توهان کي هر وقت لذيذ مقامي توڙي مغربي کاڌن کان سواءِ استنبول جي مشهور ۽ لاجواب مڇي پَلامت (Palamut) به ملي سگهندي، جنهن جو بيحد لذيذ سواد، هر استنبول ايندڙ سياح کي ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي. اسان تمام دير سان پنهنجي رهائش واري هوٽل تي پهتاسين، تنهنڪري اُتي ئي ماني کائي سُمهي رهياسين. ٻئي ڏينهن صبح سوير اُٿي تيار ٿي، هوٽل ۾ ناشتو ڪري استنبول شهر جي هڪ تمام قديم ۽ عظيم بازار جنهن کي هتي جا ماڻهو ڍڪيل بازار سڏيندا آهن ۽ ڪي ان کي گرانڊ مارڪيٽ به چوندا آهن، اها بازار گُهمڻ لاءِ ٽيڪسي ڪري روانا ٿياسين. اڄ اسان جو استنبول ۾ ٻيو ڏينهن هو. اهو گُمان غالب آهي

تہ موجود ڍڪيل بازار واري ماڳ تي شهر جي آڳاٽي دؤر ۾ بہ هڪڙي بازاري يا منڊي موجود هئي. انهيءَ دؤر ۾ انهيءَ وقت جي حاڪم رومي شهنشاهہ ڪانسٽينٽائين طرفان هن شهر جو نالو ڪانسٽينٽِينوپل (Constantinople) سڏبو هو. جديد منڊين ۽ بازارين جي تعمير کان اڳ واري دؤر ۾ ڍڪيل بازار جي تعمير دنيا جي اوڀر طرف رهندڙ قومن جو رواج هو. ڍڪيل بازار نہ رڳو سُڪون ۽ سَولائي جو سبب هئي، پر اها چورن چڪارن جي ڦُرلٽ کان بہ بچيل رهندي هئي. استنبول شهر واري هيءَ ڍڪيل بازار، دنيا جي سڀني ڍڪيل بازارين کان وڏي ڍڪيل بازار آهي. سلطان محمد فاتح طرفان سن 1460ع ۾ اَڏايل هن زانو رکڻ لاءِ مضبوط جڳهين جي اڏاوت کان پوءِ هن بازار ۾ دڪانن جون ڪيئي نيون قطارون ٺهيون. انهن دڪانن جون ڇتيون گُنبذن جون ٺهيل هيون، جن جي مٿان بادگر يا منگهہ ٺهيل هئا. سن 1896ع واري زلزلي کان پوءِ ۽ وري سن 1954ع واري لڳل باهہ کان پوءِ هن بازار ۾ ٿيل نقصان جي ازالي طور وري بہ گُهربل مرمت ڪرائي وئي. اڄڪلهہ هيءَ بازار خود هڪ شهر جي صورت اختيار ڪري ويئي آهي، جنهن ۾ هزارين عاليشان دڪان ٺهيل آهن، ان سان گڏ هن ڍڪيل بازار ۾ مختلف پيٽين تي هڪ شاندار مسجد، هڪ سٺو اسڪول، هڪ وڏي پوسٽ آفيس ۽ هڪ پوليس اسٽيشن پڻ قائم آهي. هيءَ بازار روزانو صبح جو اَٺين وڳي کان شام جو ستين وڳي تائين کُليل هوندي آهي ۽ آچر جي ڏينهن بند هوندي آهي. هيءَ ڍڪيل بازار رڳو سياحن ۽ سيلانين کي راحت رسائڻ لاءِ ڪانہ جوڙي وئي هئي، پر هن بازار ۾ هِيرن جواهرن کان وٺي مِٽيءَ ڪٽڻ واري سُپين تائين هر قسم ۽ قيمت جي وَٿَ وِڪري لاءِ موجود ملندي. تنهنڪري هن بازار ۾ ٿيندڙ واپار شهر جي وِڪرَندڙِ رونق کي بحال ڪيو آهي. شايد انهيءَ مقصد جي حصول خاطر سلطان محمد فاتح پنهنجي نالي مسجد ۽ توپ ڪپي محل جي اڏاوت کان پهرين هيءَ ڍڪيل بازار جوڙائي هئي. هن بازار ۾ اتڪل هر ڪنهن خريدار کي ترقي ڪيل واپار ۽ نفعي جو پَلِيءَ پَتِ احساس ٿئي ٿو. صراف يعني سون ۽ هِيرن جا واپاري، بازار جي وچ ۾ سمورين قيمتي وَٿن ساڻ حقيا ويٺا آهن. جڏهن تہ چمڙي ۽ ٻارن جي شين ۽ رانديڪن جا دڪان بازار جي پوئين ٻاهرين قطارن ۾ قائم آهن. آڳاٽي زماني ۾ بہ بازار جي گهٽين جا نالا اتي وِڪامجندڙ جنسن يا شين موافق پازيب گهٽي يا ترڪي ٽوپي گهٽي وغيره هئا.

جديد ٽُرڪي قوم جو معمار مصطفيٰ ڪمال ”اتاترڪ“ ترڪي ٽوپي ناهڻ بند ڪرائي ڇڏي. ڍڪيل بازار واري ترڪي ٽوپي گهڻيءَ ۾ اڄڪلهه نيري رنگ جي زين ڪپڙي مان ٺهيل ڪپڙن جو واپار ٿئي ٿو. ڍڪيل بازار ۾ لڳل سائين بورڊن کي نئين سِر صاف ڪري سُنا رنگ هڻي وڻندڙ نموني سان آراستہ ڪيو ويو آهي، جتي ايندڙ ڏيهي توڙي پرڏيهي ماڻهوءَ کي يقيناً لُطف حاصل ٿيندو. بازار جي وچ ۾ ٻن شاهي دڪانن ۾ تامي ۽ ٻين ڌاتن ۽ مصالحن جا ٺهيل عجيب نوادرات موجود آهن، اهي تمام وڏي تعداد ۾ آويزان آهن. تنهنڪري اهي ناظرين کي مشهور ڏند ڪٿا، چاليهن چورن واري غار ۾ پيل خزاني وانگر جَهلڪندا نظر اچن ٿا.

استنبول شهر ۾ موجوده واپاري مرڪزن جو سلسلو گولڊن هارن ساموندي نار تائين پکڙيل آهي. هيءَ ڍڪيل بازار تہ انهيءَ سلسلي جي ڏنگ تي قائم آهي. هن بازار مان ڦُٽي ٻاهر نڪرندڙ گهٽين مان هڪڙي ڪتابن جي واپار واري ڪتابن واري گهٽيءَ ۾ ٺهيل ڦوهارو، جتي هينئر ٻلين جو وڏو تعداد موجود آهي، شهر جي اوائلي دؤر جو يادگار آهي. انهيءَ وقت شهر جو نالو بائزنٽيئم هو. ڍڪيل بازار جي اُتر طرف، پُراڻين هوٽلن جي قطار آهي، جتي هاڻي هوٽل وارو ڏنڏو ڪونهي، البت ريڙهن وارا مزدور ۽ پُراڻي مشينريءَ جا دڪان چالو آهن. هتي چانهہ جا هوٽل بہ آهن، جتي مزدور طبقو اچيو ٽڪ پيچي. هن بازار يعني Covered Bazzar ۾ منا نہ صرف پنهنجي لاءِ پر اسان سيني لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ خريد ڪندي ڪافي شاپنگ ڪئي. انهيءَ شاپنگ وارا ٿيلها مِنا وٽ گهٽ پر محبوب وٽ گهڻا نظر آيا. سامان جا اهڙا ٿيلها، بازار مان نڪرندڙ هر ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هئا. هن بازار ۾ اڄ ترڪ باشندو ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ هو باقي گهڻو ڪري سڀ حاضر ماڻهو مختلف ملڪن کان آيل سياح نظر ٿي آيا. مون مِنا کي چيو تہ هاڻ واپس هوٽل تي هلون، ڇو تہ هي هيترو سارو سامان کيستائين پيا ڦيرائيندا سين. تہ پاڻ چيائين تہ ماني ڪائي پوءِ مصر بازار هلبو. هي سامان کڻڻ وارو تنهنجو مسئلو نہ پر اسان جو مسئلو آهي، تنهنڪري انهيءَ بابت توهان بلڪل بي فڪر رهو. سو اسان ڍڪيل بازار جي پرسان ئي هڪڙي هوٽل ۾ ماني کاڌي. سڄي دنيا ۾ سُونهن ماڻڻ ۽ ماني کائڻ جو مزو جيڪو توهان کي ترڪيءَ ۾ ملندو اهڙو لُطف توهان کي شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻئي هنڌ نصيب ٿئي! سڄي دنيا ۾ عورت جي حُسنَ جو عروج يا ڪمال

ترڪيءَ ۾ ئي انتها تي پهچي ٿو. سندن ڪا هڪڙي خوبي هجي ته بيان ڪجي! رب پاڪ ترڪ خواتين کي سَوين خوبين سان نوازيو آهي. سندن جسم ۾ عجيب ۽ نرالي لچڪ ۽ لوڏ آهي ته هلڻ ۾ خاص وقار، سندن اکين ۾ سحر انگيز ڪشش ۽ سندن هر قدم ۾ ناز وارو عجيب انداز نهايت موهيندڙ آهي. ترڪ خواتين مون کي ته سراپا حورون ۽ پريون ٿي لڳيون! سندن سُونهن بيشڪ هزارين سالن کان پوري دنيا ۾ مشهور آهي. ترڪيءَ جا ڪاڏا ۽ ميوا به ترڪ خواتين جي سُونهن وانگر تازا، لذيذ خوشبودار ۽ ڏاڍا وڻندڙ ٿين. ترڪيءَ جي هوٽلن جي اڳيان ڪو هندستاني يا پاڪستاني لنگهيو ته هوٽلن جا ملازم ڪيس شاهه رُخ خان يا سلمان خان جي نالي سان مخاطب ٿيندا يا ڪيس انڊين يا پاڪستاني ڪري سڏيندا. پوءِ جيڪڏهن توهان چيو ته ها، آئون پاڪستاني آهيان ته ڏاڍا خوش ٿيندا ۽ يڪدم چوندا ”پاڪستان ترڪي بوٿ فرينڊس“. پوءِ جيڪڏهن توهان سندن هوٽل ۾ ويا ته توهان کي رسيپشن وارن وٽ رسائي ڪرسيءَ تي ويهاري پاڻ واپس ٻاهر نڪري ٻين گراهڪن لاءِ ٻيڻا هوڪا ڏيندا. مون کي ترڪيءَ ۾ مسور جي دال جو ٿهيل سُپ ڏاڍو وڻندو هو. ڏاڍي لاجواب ٽيسٽ هوندي هُيَس. منا ۽ محبوب کي وري هنن جو پڪل ڪڪڙ ۽ ڪباب ڏاڍا وڻندا هئا. ترڪيءَ جي سِڪي جو نالو ”ليرا“ آهي، جيڪو هڪ انگريزي سِڪو ”پائونڊ“ متاثر سان لکن جي تعداد ۾ ملي ۽ ماڻهو هڪ پل ۾ لکاپتي ٿيو وڃي ۽ خرچ ڪرڻ مهل به ماڻهو ترت ئي لکن جي تعداد ۾ ليرا ڏئي ڪنگال ٿيو وڃي. اسين به ماني ڪائي هوٽل وارن کي هزارين ليرا ڏئي هڪ ئي پَل ۾ ڪنگال ٿي وياسين. ترڪيءَ ۾ ترڪ ڪاڏنءِ ميون کان وڌيڪ مشهور ترڪيءَ جون مٺايون آهن، جن کي ترڪ ماڻهو ”بڪلاوا“ چون، اهي مٺايون ايتريون ته لذيذ آهن جو هر سياح اُهي ضرور کائي ۽ ترڪيءَ مان واپس وڃڻ مهل پنهنجي فيمليءَ ۽ يارن دوستن لاءِ تحفي طور خريد ڪري کڻيو وڃي. چون ٿا ته هي مٺايون کنڊ سان نه پر ماکيءَ سان ٺاهيندا آهن، تنهنڪري اهي عام مٺائيءَ کان وڌيڪ لذيذ ٿين ٿيون. آئون Diabetic آهيان، تنهنڪري ڪاڏي پيتي ۾ مجبوراً پرهيز ڪندو آهيان. پر بُڪلاوا مٺائيءَ مون کي به پرهيز ٽوڙڻ تي مجبور ڪري وڌو. اسان ماني کائڻ کان پوءِ استنبول شهر جي هڪڙي ٻي به قديم ۽ مشهور بازار، جنهن جو نالو اسپائيس مارڪيٽ يا مصالح بازار آهي، اها گهمڻ لاءِ روانا ٿياسين.

مصالحا بازار پهچڻ کان اڳ آئون توهان کي ڪجهه استنبول جي باري ۾

ٻڌائيندو هلان. دنيا جي تاريخ موجب رومي سلطنت جي شهنشاهه ڪانسٽينٽائين هي شهر فتح ڪرڻ کان پوءِ شهر جي نئين سر تعمير جا بنياد شعوري طور هڪ ٻيو روم شهر بنائڻ خاطر جوڙايا. تنهنڪري سڀ کان پهرين شهر جو اصلو نالو ”بائزنٽيئم“ رد ڪري شهر تي شهنشاهه سندس نالي مان نهندڙ نئون نالو ڪانسٽَينٽِينوپِل رکيو قديم روم وانگر هن شهر ۾ به ٻين شهرن ۾ ماڳن ڏانهن ويندڙ رستن جي ماپ وارو پٿر هتي به سُنهري رنگ وارو نصب ڪيو ويو. انتظام جي سلسلي ۾ به اصل روم شهر وانگر هن شهر کي به چوڏهن واردن ۾ ورهايو ويو. هتي هڪ سينٽ هائوس ۽ فورم پڻ قائم ڪيو ويو ۽ وڏي ڳالهه اِها ته شهنشاهي شان مستحڪم ۽ برقرار رکڻ خاطر شهنشاهه ڪانسٽينٽائين هي شهر ستن ٽڪرين تي آڏيل هئڻ جو اعلان ڪيو ڇو ته روم شهر به ستن ٽڪرين تي آڏيل هو. حقيقت موجب استنبول شهر سان وابسته ڪن ٽڪرين کي ڳولهي لهڻ ۾ تصور کان ڪافي ڪم وٺڻو پوندو، ڇو ته انهن مان فقط ٽن ٽڪرين، جهڙوڪ: پهرين ٽڪري، ٽئين ٽڪري ۽ پنجين ٽڪريءَ جي ڪجهه اوچائي محسوس ٿئي ٿي، باقي ٻيون چار مڙئي نالي ۾ ٽڪريون آهن. پهرين اها ٽڪري آهي جنهن تي توپ ڪپي محل ۽ آيا صوفيه چرچ آڏيل آهن؛ ٻي ٽڪري شهر جي اُتر واري پاڳي ۾ آتش زده علائقي تي مشتمل آهي؛ ٽيون نمبر ٽڪريءَ تي مسجد سليمانيه تعمير ٿيل آهي. چوٿون نمبر ٽڪريءَ تي سلطان محمد فاتح جي اڏايل مسجد موجود آهي؛ پنجون نمبر ٽڪري گولڊن هارن نار سان سلهاڙيل آهي؛ ڇهه نمبر ٽڪريءَ تي توپ ڪپي گيٽ آڏيل آهي ۽ ست نمبر ٽڪري استنبول شهر جي ڏکڻ اولهه ڪنڌ تي واقع آهي. قديم استنبول يعني شهر جي پُراڻي پاڱي ۾ سلطان احمد اسڪوائر واري علائقي ۾ تعمير ٿيل هڪ عاليشان پويلين ۾ سياحن کي گُهربل معلومات واسطي هڪ مرڪز قائم ڪيو ويو آهي. هن علائقي ۾ جرمني ملڪ جي حاڪم قيصر ثانيءَ جي نالي نهيل ڦوهارو سلطان عبدالحميد جي وڏي پاءُ طرفان ڏنل تحفي طور تعمير ڪرايو ويو هو جيڪو جرمني جي شهر برلن ۾ ترڪيءَ جو سفير مقرر ٿيل هو. جرمني انهيءَ عرصي دؤران ترڪيءَ جو سڀ کان وڏو اتحادي ملڪ هو. جديد تعمير لاءِ گهربل ايراضيءَ ڪارڻ هتي اڳ ئي موجود ڪافي عمارتون ڊاهي پٽ ميدان ڪيو ويو پر آيا صوفيا باٿس ۽ ڏاکڻي پاسي واريون ڪجهه ننڍيون عمارتون بچي ويون.

بازنطيني دؤر حڪومت ۾ هن علائقي ۾ آگسٽيئَن (Augusteion) نالي هڪڙو زبردست واپاري مرڪز قائم هو. آيا صوفيہ چرچ وارين عمارتن جي بلڪل ڪاڀي پاسي وٽان شهر جي مُکيہ گهٽي برانز گيٽ ۾ داخل ٿئي ٿي. چرچ جي سامهون هڪ ڊگهي ٿنڀي تي رومي شهنشاهہ جَسٽِينِيئَن (Emperor Justinion) جو سنهري رنگ وارو مجسمو نصب ٿيل آهي. انهيءَ مجسمي واري ٿنڀي جي ويجهو ئي سوني رنگ وارو ميل پٿر کُتل آهي، جتان سلطنت ۾ پکڙيل سمورا رستا ماپيل هئا. سلطان احمد اسڪوائر جي اُلهندي طرف باٿس آف زيوڪسيپوز نالي عاليشان حمام ٺهيل آهن. ڪجهہ اڳتي سينٽ اسٽيفن واري چرچ جي ٽاورن جي پويان گهوڙن جي ڊوڙ وارو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو. سلطان احمد اسڪوائر جي ڏاکڻي پاسي جي سامهون سينيٽ هائوس نالي هڪ عاليشا عمارت ٺهيل آهي. سلطان احمد اسڪوائر ۾ چرچ ۾ ٿيندڙ مذهبي ڏهاڙن دؤران وقت جا شهنشاهہ پڻ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. سن 1204ع ۾ صليبي جنگيون ڪندڙ عيسائي مذهبي انتهاپسندن فوجن طرفان هن علائقي ۾ تمام گهڻي ڦُرلٽ ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ سونا زيور ۽ اڻ ڳڻيل سچو سون وڏي مقدار ۾ ڦريو ويو هو. تنهنڪري هي علائقو برباد ٿي ويو. شهنشاهہ بِليچونائي محل ۾ جيڪو شهر جي مضافات ۾ تعمير ٿيل هو. انهيءَ ۾ رهڻ لڳو. سن 1261ع ۾ بحال ٿيندڙ سلطنت وٽ دولت بلڪل مختصر وڃي بچي، ڇو تہ آمدنيءَ جا وسيلا گهٽجي ويا. تنهنڪري سرڪاري خرچ جي پورت بہ مَس مَس پئي ٿي. چوڏهين عيسويءَ صديءَ ۾ هي آيل هڪ سيلانيءَ لکيو تہ شهر جو عظيم چرچ تباهہ حال ۽ خالي ٿيو پيو هو ۽ انهيءَ جا دروازا ڀڳل ۽ پٽ ۾ پيا هئا.

هاڻي وري گُهمون ٿا مصالح بازار! چون ٿا تہ هيءَ بازار سلطان والده مسجد کي وقف ڪيل دڪانن ۽ ٻين عمارتن تي مشتمل آهي، مصالحا بازار جي مسواڙ اچا تائين سلطان والده مسجد جي خرچ ۾ ڪم اچي ٿي. مقامي ماڻهن جي وڏي گهڻائي مصالحا بازار کي مصر جي بازار ڪوٺي ٿي، ڇو تہ هن بازار ۾ وِڪرو ٿيندڙ تقريباً سموريون شيون، ٻُوٽيون ۽ مصالحا نيل نديءَ جي واديءَ مان چونڊي آندا وڃن ٿا. اڄڪلهہ هيءَ بازار انگريزي الف- ب جي حرف ايل (L) جي شڪل موافق شاهي هال جي صورت ۾ شاهي ڍڪيل بازار جي حصي طور موجود آهي. هن مصالحا بازار ۾ زيورن ۽ هيرن کان وٺي ڏٻن ڪولڻ وارين بجليءَ جي چاٻين

تائين شيون وِڪري لاءِ موجود آهن. تنهن کان سواءِ ڳوٺرين، برنين ۽ شيشي جي نلين ۾ رکيل سَوين قسمن جون عجيب ۽ نراليون شيون ڏِسندي لُطف پيو اچي. سمورين يورپي قومن وانگر تُرڪ پڻ مصالحن کي فقط کاڌي ۾ استعمال ٿيندڙ شيون ڪري ڪونہ پائيندا هئا. پر اُهي هر ٻوٽيءَ کي دوا يعني ڦَڪِي ٻُڪِي، رنگ ڻاهڻ واري دوا، شين کي سُڪائي، سَنڌي صحيح صورت ۾ برقرار رکڻ واري دوا، سِينگار ۽ سُرهاڻ طور ڪتب ايندڙ دوا ۽ نهايت ڪمائتي جڙي ٻُوٽي ڪري سمجهندا ۽ ڪتب آڻيندا هئا. سلطان والده مسجد ۽ مصالحا بازار جي وچ ۾ قائم بازار جتي مختلف فصلن جا ٻج ۽ باغبانيءَ ۾ ڪم ايندڙ اوزار وِڪجن ٿا، انهيءَ بازار ۾ شهر جي درخواست نويسن جو بہ وڏو تعداد موجود آهي، جيڪي سرڪاري ڪمن لاءِ حاجتمند ماڻهن کي گھربل فارم ڀري ڏيندا آهن ۽ ڪن کي ٽائيپ رائيٽر تي درخواستون لِکي ڏيندا آهن. اسان مصر بازار يا مصالحا بازار مان سواءِ ڪنهن بہ خريداريءَ ڪرڻ جي گھمي ڦري ٽيڪسي ڪري شهر جا چڪر لڳائيندا اچي پنهنجي رهائش واري هوٽل تي پهتاسين. جت مون ۽ محبوب آرام ڪيو. منا پنهنجي گرانڊ بازار ۾ ڪيل شاپنگ واري سامان کي پيڪ ڪرڻ ۾ لڳي وئي. هوٽل ۾ اسان جا ٻہ ڪمرا هئا، جن کي وچان بہ دروازو هو جيڪو ضرورت موجب بند ڪري يا کولي ڇڏبو هو. اسان جڏهن گھمي ڦري اچي هوٽل تي آرامي ٿيندا هئاسين تہ محبوب اسان کي ڪمري تي ڇڏي ۽ ڪڏهن ٻاهران ئي موڪلائي واپس اڪيلي سِر گُھمڻ هليو ويندو هو ۽ پوئينءَ رات واپس ايندو هو. ڪڏهن تہ صفا صاف صبح جو موٽندو هو. منا سامان پيڪ ڪري ورتو ۽ اسان بہ ڪجھ آرام ڪيو. پوءِ رات جي مانيءَ لاءِ پنڌ ئي پنڌ شهر ۾ نِڪري پياسين. اسان جي هوٽل جنهن علائقي ۾ هئي، شهر جون گھٽيون مشهور جڳهيون ۽ وڏي تعداد ۾ رهائش ۽ کاڌي پيتي جون وڏيون توڙي ننڍيون هوٽلون بہ تنهن ئي علائقي ۾ هيون. تنهنڪري هن علائقي ۾ سڄي رات ڇهچٽو لڳو پيو هوندو آهي ۽ هڪ هنڌان کان ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻ لاءِ ڪڏهن بہ ٽيڪسي ڪانہ ڪرڻي پوندي هئي. هوٽل کان ٿورو ئي اڳتي چڙهائي تي بلو مسجد، آيا صوفيہ ميوزم، توپ ڪپي محل ۽ ان جي اندر حرم ۽ انهن مختلف عمارتن جي وچ ۾ وڏو عاليشان باغيچو ان سان گڏوگڏ رستو تہ ان کان سواءِ هن رستي تي ٽرام بہ هلي ٿي. هت کاڌي جون بہ جام هوٽلون آهن جتي هر وقت تازو

۽ مزيدار ڪاڏو حقيو مليو. اسان به انهن سيني جڳهين کي پار ڪندا، ويهارو ڪن منٽن ۾ اچي انهن هوٽلن وٽ پهتاسين ته، اهي ئي روايتي پليڪار وارا ٻول ٻڌاسين ته هلو شاهه رُخ خان، سلمان خان، انڊين پاڪستاني. اسان پاڪستاني چيو ته يڪدم جواب مليو ته، پاڪستان ترڪي بوٿ فرينڊس، ويلڪم ويلڪم! اها پليڪار ٻڌي هوٽل ۾ داخل ٿي، ويهي مانيءَ جو آرڊر ڏنو ته پنجن منٽن اندر مزيدار ماني آڻي ڏنائون. ماني کائي نڪرڻ جي ڪئي سين، پر اوچتو گجگوڙ سان زبردست برسات شروع ٿي وئي ته مجبوراً برسات بند ٿيڻ جي انتظار ۾ هوٽل ۾ ويٺا رهياسين ۽ اينڊڙ ويندڙ گراهڪن کي ڏِسندا رهياسين. هڪ نه پر ڪيئي ٻوليون ڳالهائيندڙ گراهڪ نظر آيا، جن ۾ آرمينِيئَن، يوناني، ايراني، ترڪ، پولش، عرب، اناطوليئن، بلغاري، اطالوي، برطانوي، فرانسيسي ۽ قفقازين سميت ڪيئي ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو هئا. انهن سيني ماڻهن جا استنبول شهر ۾ پنهنجا پنهنجا محلا، ٽائون ۽ علائقا مخصوص آهن، جن ۾ هو آباد آهن. مثلاً: آرميني ماڻهن جي رهائش علائقي کي هٽ ڪُم ڪپي (Kum Kapi) چون. اهڙيءَ طرح Bayoglu علائقي ۾ رومي ماڻهو پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي اڄ به قائم رکيو اچن، تيئن شهر ۾ رهندڙ ٻين غير ترڪ قومن جا ماڻهو پنهنجن مخصوص علائقن ۾ پنهنجي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي قائم رکيو اچن. برسات ختم ٿي ته اسان به واپس رهائش واري هوٽل ڏانهن هلڻ واري ڪئي ۽ سڄو ڏينهن هل هلان ڪرڻ سبب گهڻو ٿَڪل هئاسين، سو ڪمري ۾ بستري تي صرف ليٽڻ جي دير هئي، تنهنڪري ڪمري تي پهچي ٿُرت سُمهي رهياسين. صبح سوير اُٿي تيار ٿي ناشتو ڪري استنبول شهر جي مشهور بازار استقلال گُهمڻ لاءِ روانا ٿياسين. هن بازار کي شاهي رستي تي قائم هئڻ ڪري ۽ منجهس گهٽي ۽ سُهٽي وڏڪار ڪري وڏراهه به سڏيندا آهن. آءٌ سمجهان ٿو ته استقلال استنبول جي سُني ۾ سُني بازار آهي. اچو ته توهان کي به هن بازار بابت ڄاڻ ۽ پوءِ اسان سان گڏوگڏ سير به ڪرايون.

ڪنهن دؤر ۾ هن وڏراهه تي قائم عظيم بازار واري هن علائقي کي Grand Rue de Pera نالي سان سڏيو ويو، جتي مختلف ملڪن جا ايلچي ۽ سفير استنبول شهر جي گڙنگ سينئن ۽ اميرن سان ياراڻا تعلقات استوار ڪرڻ جي شغل کي پنهنجو صوابديدي عمل ڪري پائيندا هئا. اوڻيهين عيسوي صديءَ

دؤران مذڪور وڏراهه يورپي طرز تعمير تي مشتمل عاليشان گهرن وارين گهڻ ماڙ شاهي عمارتن ۾ زبردست تجارتي مرڪزن سان گهيرجي وئي. اڄڪلهه انهن عمارتن مان گهڻائي انهن عمارتن جي آهي، جن جا پهرئين ۾ ٻي ماڙ ڪان مٿان طبق خالي ٿيا پيا آهن. پر ان جي باوجود به هيءُ علائقو اڄ به استنبول شهر جي وڻج واپار ۾ وندر ۽ ورونهن جو مُکيه مرڪز آهي. شايد اها حقيقت سادي ۾ ٻي ضرر هجي، پر هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته ساڀيان ڪان رهجي ويل خوابن واري هن وڏراهه جي سڄي شهر جي پيٽ ۾ حيثيت نرالي ۾ واپار ۾ وندر ورونهن جي نسبت ڪيفيت جمالي آهي. هن علائقي جي خصوصيتن ۾ هڪڙي هن علائقي ۾ تعمير ٿيل عمارتن جي طرز تعمير واري خوبصورتي به نرالي آهي، جنهن ۾ انهن عمارتن جا ٻير يعني پالٿو لوهه مان ٺهيل جهنگلا نهايت سُهڻين ولين جي ڊزائينن تي مشتمل مختلف رنگن جي گُلن سان ڇانيا پيا آهن. هن علائقي ۾ تعمير ٿيل مختلف ملڪن جي سفارتخانن واريون عمارتون پنهنجي طرز تعمير ۾ هڪٻئي کان وڌيڪ خوبصورت، نراليون ۾ ڏاڍيون وڻندڙ آهن. ڪيترن ئي سفارتخانن جي چوديواريءَ يا ڪوٽ اندر تمام سُهڻي طرز تعمير حامل گهر ٺهيل آهن. استقلال شاهراهه کان تقسيم اسڪوائر تائين شهر جي هن عظيم بازار واري علائقي ۾ هر ڏهن منٽن ۾ ٽرامون يعني وڏن شهرن اندر وڏن رستن تي هلندڙ ننڍيون ريل گاڏيون هلن پيون.اهڙيون ٽرامون ڪراچي شهر ۾ به هلنديون هيون. جيڪي سن 1885ع ۾ چالو ٿيون. ڪراچي شهر ۾ ٽرام شروعات ۾ ڪوئلي تي هلندي هئي، پر گهڻي دُونهن ڪيڻ سبب ٽرام مان ڪوئلي تي هلندڙ انجڻ ڪڍي ان جي بدران ٽرام ۾ به گهوڙا جوٽيا ويا، جيڪي ان کي ڇڪيندا هئا. اهي گهوڙا هر ٻن ڪلاڪن کان پوءِ تبديل ڪيا ويندا هئا. گهوڙن کي گهڻي اُس کان بچائڻ لاءِ مٿائن سولو هيٽ هٽي کين ڇانءَ ڪري ڏني ويندي هئي. پوءِ وري گهوڙن کي ڇڏي ٽرام ڊيزل مشين تي هلائي وئي. ٽرام سولجر بازار کان ڪياماڙيءَ تائين هلندي هئي. اهو پنجن ميلن جو مفاصلو هو تنهن جو ڀاڙو فقط هڪ آنو هوندو هو. مون به ان ۾ سفر ڪيو هو. آئون سمجهان ٿو ته ڪراچيءَ ۾ ٽرام ستر واري ڏهاڪي ڌاري بند ٿي وئي. هتي يعني استنبول شهر جي شاهراهه استقلال ۾ ٽرام ۾ سفر ڪرڻ بدران پيادل گهمڻ ۾ وڌيڪ لُطف آهي. البت ٽرامن جي حادثن کان بچڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪجي. ٽيونل واري قاتڪ وٽان

استقلال شاهراهه تي هلڻ شروع ڪبو تہ ٿُرت ئي ساڄي هٿ تي سُئيڊَن ملڪ جو سفارتخانو يا قونصليٽ موجود آهي. اها بہ سؤ سال پُراڻي عمارت اڄ بہ پنهنجي شانُ ۽ شوڪت سان موجود آهي. انهيءَ سفارتخاني ڪان ٿورو پريان روس جو سفارتخانو ٺهيل آهي. هن عمارت جو نقشو روسي بادشاهه وٽ ڪم ڪندڙ اٽلي جي معمارن (Fossati Brothers) فوساٽي برادرس تيار ڪيو هو. هيءَ عمارت سن 1837ع ۾ جُڙي راس ٿي. منجهس پِتين ۽ ڇِتين کي ملائيندڙ اندرين ڪانس تي اُڪر جو عاليشان ڪم ٿيل آهي. جنهن کي واڱڻائي رنگ ڏنئي نهايت جاذب نظر ۽ پُرڪشش بنايو ويو آهي. عمارت جا سمورا ڪالم نيو گريسيئن (Neo-Grecian) طرز تعمير تي مبني آهن. اجا اڳتي هلڻ سان هن شاهراهه تي ڏچ قونصليٽ جي سڄي ڪير جهڙي سفيد. نهايت سهڻي ۽ ڏاڍي وڻندڙ عمارت ڏسڻ ۾ ايندي. اها عمارت بہ روسي سفارتخاني واري عمارت ٺاهيندڙ ڪاريگرن فوساٽي برادران جوڙي هئي. شاهراهه سان لڳندڙ تمام گهٽيون عمارتون جيڪي سفارتخانن جي عمارتن ڪان ڌار آهن، اهي محرابي يا ونگن واريون آهن. جن وٽان هن شاهراهه استقلال مان ڪيئي محرابي گهٽيون ڦٽي نڪرن ٿيون. انهن گهٽين کي ترڪي ٻوليءَ ۾ پساجي (Pasaji) چئبو آهي. مثلاً: Avrupa Pasaji ۽ Cicek Pasaji. سسيڪ پساجي کي انگريزي ٻوليءَ ۾ Flower Arcade. يعني گُلن واري محرابي گهٽي چوندا آهن. اها گهٽي شهر جي مشهور پساجي آهي، جنهن ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪيفي يعني ننڍيون هوٽلون ٺهيل آهن. اتي هر وقت رش لڳي پئي آهي. اسان بہ اهڙيءَ ئي هڪ ننڍي ڪيفي ۾ ويهي برگر کاڌا ۽ چانهه پيتي. ڪيفي ننڍي هئي، پر ڏاڍي ويل ڊيڪوريٽيڊ هئي. هتي هيڏيءَ رش ۾ چانهه پي ڪجهه دير ويهي ڪيفي ۾ آرام ڪرڻ جو تہ ڪوبہ ماٺهو سوچي بہ نٿو سگهي، سو اسين بہ چانهه پي هوٽل مان ٿُرت نڪتاسين. ڪيفي جي ٻاهران هڪڙي اخبار واري جي ڪيبن هئي، جتان مون هڪڙي انگريزي اخبار خريد ڪئي. گُلن واري محرابي گهٽيءَ سان لڳ عمارت بہ اصل ۾ استقلال شاهراهه سان وابستہ آهي. انهيءَ عمارت ۾ سڀ ڪان وڌيڪ سَستي ۽ بهترين وندر ۽ وروئهن جو مناسب بندوبست ٿيل آهي. انهيءَ عمارت جي ٻاهرين ڪاسُ تي انگريزي وڏن اکرن ۾ CITY OF PERA لِکيل آهي. گُلن واري محرابي

گهٽيءَ جي ٻئي طرف ۾ سٽي آف پيرا بلڊنگ جي سامهون گلاتا سراءِ ليسِيسِي (Galate Saray Lesisi) نالي عاليشان اسڪول آهي. گُلن واري محرابي بازار جي پويان استنبول شهر جي زبردست مڇي مارڪيٽ آهي، جيڪا خود ڪيترين ئي ننڍين گهٽين تي مشتمل آهي. شاهراهه استقلال جي هيٺئين چيڙي جي ويجهو ڪابي هٽ تي مسجد آغا تعمير ٿيل آهي. اها سلطان محمد ثانيءَ جي دؤر حڪومت ۾ جوڙي وئي هئي. مسجد کان ٿورو پرتي هيٺئن پاسي فرينچ قونصليٽ جي پُروقار عمارت اَڏيل آهي. انهيءَ عمارت جي سامهون يعني مخالف طرف نِڪرندڙ هڪڙي گهٽي توهان کي هڪڙي يوناني چرچ وٽ پهچائيندي، جنهن جو نالو Aya Triada آهي، يعني پاڪ مثلث وارو گرجا. هي گرجا جديد گوٿڪ طرز تعمير موجب، سٺي نموني سان پوکيل باغيچي ۾ اَڏيل آهي. سڄي استقلال بازار جي مٿان تمام گهٽي تعداد ۾ سرچ لائيٽون لڳل آهن، جن هن بازار جي سُونهن کي چار چنڊ نہ پر چوراسي چنڊ هٽي چڙيا آهن. محبوب هڪ پيرو اڳي بہ هن بازار مان رات جو چڪر لڳائي آيو هو، تنهن ٻڌايو تہ هت رات جو تمام گهٽي رش هوندي آهي ۽ بازار مٿان گهٽيون وڏيون لائيٽون لڳل هئڻ ڪري هتي رات جو بہ ڏينهن لڳو پيو هوندو آهي، پر اسين هتي ڏينهن جو گهمڻ آيا هئاسين، تنهنڪري روشنيءَ جو اهو جلوو ۾ جمال ڪونہ ڏٺوسين. منا هتان ترڪيءَ جا ليڊيز ڪپڙا ۽ ڪجھ اسڪارف خريد ڪيا، باقي آئون ۽ محبوب ونڊو شاپنگ ڪندا رهياسين. محبوب ٻڌايو تہ رات جي وقت هي بازار لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ ۽ پيرس جي شانزلي زي کان بہ وڌيڪ سُهڻي ٿي لڳي. انهيءَ وقت هتي ايڏي تہ رش هوندي آهي جو هلڻ ۾ بہ تڪليف پئي محسوس ٿيندي آهي. ترڪيءَ گذريل ڏهن سالن ۾ ايڏي تہ ترقي ڪئي آهي، جو هي ملڪ هاڻ دنيا جي ٻيو نمبر Growing Economy يعني ترقي ڪندڙ معيشت وارو ملڪ ٿي پيو آهي گروئنگ ايڪانامي وارن ملڪن ۾ پهريون نمبر چائنا، ٻيو نمبر ترڪي، ٽيون نمبر برازيل آهي. چوٿين ٿا تہ چوٿين نمبر تي هندستان آهي، پر تازو ئي بي. بي. سي تان انڊيا جي هڪ وڏي ڏاهي مائي ارونا ڏتي راءِ جو انٽرويو ٻُڌم. هن ٻڌايو تہ انڊيا ۾ صرف چند سرمائيدارن ترقي ڪئي آهي، باقي انڊيا جون پنج رياستون جن ۾ بهار ۽ جارکنڊ بہ شامل آهن، اتي آفريڪا جي غريب ملڪن کان بہ وڌيڪ غربت آهي. انڊيا جي اَسي ڪروڙ ماڻهن جي روزانہ آمدني آمريڪا

جي هڪ ڊالر ڪان بہ گهٽ آهي. استنبول جي استقلال شاهراهہ جو اهڙو شانُ ڏسي مون کي اصغر خان واري تحريڪ استقلال ياد اچي وئي. پاڪستان جي سياست ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان پوءِ ڪنهن سياستدان جو گهٽي ۾ گهٽو پورهيو آهي تہ اهو اصغر خان جو آهي. جيتوڻيڪ ڀٽي جي شهادت کان پوءِ شهيد محترمہ بينظير تي بہ ڏُکن جا پهاڙ ڪِري پيا. پر وري بہ ڪيس انهن ڏُکن جو اجورو مليو جو پاڻ پاڪستان جي بہ ڀيرا وزيراعظم تي ۽ سندس شهادت کان پوءِ سندس وَرَ آصف علي زرداريءَ کي بہ انهيءَ ناتي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو عهدو ڪُرسي صدارت نصيب ٿي. جيتوڻيڪ منجهس شهيد ڀٽي ۽ شهيد بينظير ڀٽي واري جرئت ۽ همٿ ڪانهي ۽ پاڻ حڪومت بہ Sharing is Caring جي اصول موجب هلائي رهيو آهي. ٻئي طرف هيءَ بہ حقيقت آهي تہ جيڪڏهن بينظير جي شهادت واري وقت دوران پيپلز پارٽيءَ ۾ آصف علي زرداري نہ هجي ها تہ جهڙيءَ طرح ورديءَ وارن سيني ڀٽن کي ماري ڇڏيو اهڙي نموني اُهي پيپلز پارٽي ختم ڪري يا ڏاڙابنديءَ جو شڪار ۽ منتشر ڪري ڇڏين ها. سو عرض پئي ڪيم تہ شهيد ڀٽي سان گڏوگڏ اصغر خان بہ سياست جي شروعات ڪئي ۽ انهيءَ دور ۾ جڏهن فوجي آمر ايوب خان شهيد ڀٽي کي جيل ۾ بند ڪيو تہ انهيءَ خال کي پرڻ لاءِ اصغر خان ڀٽي جي سياسي اسٽيج تي عدم موجودگيءَ کي محسوس ڪرڻ ڪونہ ڏنو. اسين انهيءَ وقت قومپرست سياست جي سرگرمين ۾ مشغول هئاسين. پر وقت ملڻ تي اصغر خان جي جلسن ۾ بہ شريڪ ٿيندا هئاسين. سندس سياسي سرگرميون اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهنديون هيون ۽ هو پڻ ايوب، ڀٽي ۽ ضياء جي ادوار حڪومت دوران ڪيترا سال جيلن ۾ نظربند رهيو. هن پنهنجي ڪتاب "ميرا سياسي سفر" ۾ لِکيو تہ سندس پُٽ عمر اصغر بہ آخر ڪيس ڇڏي، پهرين وڃي "سنگي" نالي هڪ اين. جي. او هلائي، پوءِ جڏهن جنرل مشرف حڪومت تي ٻي نالي مارشل لا مڙهي قبضو ڪيو تہ ان جي ڪئبينيٽ ميمبر طور وفاقي وزير ٿيو ۽ ٿوري ئي وقت اندر پاڻ خودڪشي ڪري ڇڏي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "لڳي تہ لڪ ڪري، ٽُٽي تہ ٽَڪو بہ نہ ڪري!" سو جڏهن اصغر خان جي پارٽي ختم ٿي تہ سندس پُٽ بہ سندس پارٽيءَ کي ڇڏي ويو! اصغر خان هاڻ ڪڏهن چوڏهن آگسٽ يا ڪنهن ٻئي قومي ڏينهن تي خوشامدي ڪامورن يا سياستدانن وانگر اخبارن ۾ پنهنجو فوٽو ڇپرائڻ ۾ عافيت

پائيندو آهي. ڏسو ڪاوش تاريخ 2011-8-14. ہم کیا ہیں جو لوگ ہمیں یاد کریں فراز، لوگ توخدا کو بھی بھول جاتے ہیں! سو اسان به تحريڪ استقلال کان واپس ٿا اچون. استنبول شهر جي شاهراهه استقلال تي. اتان ڪان پوءِ اسان جي منزل مسجد سليمانيه آهي، جيڪا استنبول شهر ۾ هڪ عظيم فن تعمير جو شاهڪار آهي، جنهن ڪي پڻ استبول شهر ايندڙ هر سياح ڪي ضرور شوق سان ڏسڻ گهرجي. هونئن ته استنبول سڄو شهر مسجدن سان ڀريو پيو آهي، پر بلو مسجد ۽ سليمانيه مسجد شهرن جون به عظيم ۽ تاريخي حيثيت جون حامل مسجدون آهن ۽ سندن شانُ بين ترڪي ۾ سمورين مسجدن ڪان نرالو آهي. اڄ جمعي جو ڏينهن آهي، تنهنڪري ڪوشش ڪبي ته جمعي نماز هن ڀلاري مسجد سليمانيه ۾ ادا ڪريون. اسان ٽيڪسي ۾ هن مسجد ڏانهن روانا ٿياسين. رستي ۾ هلڪو مِينهن پئي وٺو تنهنڪري ٽيڪسيءَ مان لهي ٿورو پنڌ ڪري مسجد شريف پهتاسين. مسجد شريف جو پري کان ڏيک ڏاڍو پيارو ۽ لاجواب هو! الائجي ڇو مون ڪي سڄي دنيا جي مسجدن کان استنبول جي مسجدن جي اڏاوت وڌيڪ سُٺي ۽ سُهڻي محسوس ٿئي ٿي. سندن گنبذ، مينار ۽ اندران گُنبذن جون خوبصورت ڇٽيون، تن تي وري نهايت سهڻي گلڪاري ۽ گهرو سليٽي رنگ هنن مسجدن کي سڄي دنيا جي ٻين مسجدن کان علحده ۽ منفرد بنايو بيٺو آهي، جنهن ڪري هي مسجدون دل کي ڏاڍيون وڻندڙ پُروقار ۽ بيحد سهڻيون لڳن ٿيون. اسين جُتا لاهي وضو ڪري نماز لاءِ مسجد ۾ داخل ٿياسين. هيءُ مسجد سليمانيه استنبول شهر ۾ ايراضيءَ جي لحاظ کان ٻيو نمبر وڏي مسجد آهي. پر طرز تعمير موجب اها سڀني مسجدن کان وڌيڪ سُهڻي آهي، هيئن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته هيءَ مسجد فن تعمير جو اهڙو ئي شاهڪار آهي، جهڙو هن مسجد شريف جو اڏائيندڙ حاڪم، سلطان ”سليمان عاليشان“ هو. هن مسجد شريف جو معمار سِنان (Sinan) هو جيڪو سموري ملت عثمانيه ۾ هڪڙو عظيم ترين انجنيئر هو. هن عظيم معمار جي فن جو ڪمال هن مسجد شريف جي اڏاوت تي اچي دنگ ٿيو. سلطان سليمان، عاليشان سلطنت عثمانيه جو ڏهون نمبر بادشاهه هو جنهن سلطنت جون سرحدون يورپ جي شهر ويانا جي جهان پناهه تائين اچي پهچايون، پر هو اهو شهر فتح ڪري نه سگهيو. مسجد سليمانيه جي تعمير سن 1550ع

عيسويءَ ۾ شروع ٿي ۽ اها سن 1557ع ۾ يعني ستن سالن ۾ جُڙي راس ٿي. مسجد شريف جي عمارت سان سلطان سليمان عاليشان ۽ سندس زال خرم سلطان جا مقبرا بہ لڳ آهن. ڪجھ ٻيون عمارتون بہ بعد ۾ مسجد شريف جي پرسان اَڏيون ويون، جن ۾ مسجد جي معمار سنان جو مقبرو بہ آهي. مسجد جي اڳيان ورانڊي جا ٿنڀا بهترين قسمن جي رنگين پٿرن سان جهڙوڪ ماربل، پورفري ۽ گرينائٽ جا ٺهيل آهن. مسجد جي چئني ئي ڪُنڊن تي چار نهايت شاندار ۽ اوچا منارا ٺهيل آهن، جيڪي سلطان ”سليمان عاليشان“ کي استنبول شهر تي حڪمراني ڪندڙ عثمانيہ سلطنت جو چوٿون نمبر سلطان هجڻ جو انگ ڄاڻائين ٿا. مسجد ۾ تعمير ٿيل ڏهن بالڪنين وارو انگ عثمانيہ گهراڻي جي حڪمرانن ۾ سندس ڏهون نمبر هئڻ جي علامت آهي. مسجد شريف چورس شاهي هال تي مشتمل آهي. انهيءَ جي ڇت ڏيڍ سؤ فوٽن جي ٺهيل هڪڙي عظيم گنبذ سان ڍڪيل آهي، جنهن جو قطر 87 فوٽ آهي. درين ۽ دروازن ۾ تمام سهڻي قسم جو رنگين شيشو ڪم آندو ويو آهي، جنهن مان سِج جي روشني لنگهي مسجد اندر عجيب انداز سان ڪيئي رنگ پکيڙيو ڇڏيو. مسجد ۾ رکيل ممبر ۽ محراب پروڪونيشيا واري سنگ مرمر جا ٺهيل آهن. درين، درن ۽ ممبر ۾ هيرا، موتي ۽ عاج اهڙي ڪمال جي ڪاريگريءَ سان جُڙيا ويا آهن، جو سندن حُسن ڏسندڙن کي حيران ۽ بيحد متاثر ڪري ٿو. مسجد سليمانيہ ۾ قرآن شريف ۽ حديث مبارڪ جي پڙھ تمام سُهڻي خطاطي ٿيل آهي، جيڪا ملت عثمانيہ جي عظيم خطاط احمد ڪرهسري ۽ سندس قابل شاگرد حسن سليبيءَ جي فن جو ڪمال باجمال آهي. مسجد شريف جو سمورو فرش ڳاڙهي رنگ جي غاليچن مان ٺهيل مُصلن سان ڍڪيل آهي. ڪعبة الله شريف جو طرف ڏيکاريندڙ محراب مسجد شريف جي ڏکڻ واري ديوار ۾ ٺهيل آهي. مسجد شريف جي پرسان اَڏيل سلطان سليمان عاليشان ۽ سندس زال جي مقبرن ۾ ازنڪ ڪاشيءَ جو نهايت خوبصورت انداز سان استعمال ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اها ڪاشي تمام گهڻي وڻندڙ لڳي ٿي. هڪ روايت موجب سلطان سليمان عاليشان، مسجد جي معمار سنان کي مسجد شريف جو افتتاح ڪرڻ لاءِ ان جي ڪُنجي ڏني هئي. استنبول جي هڪ ٻئي مشهور روايت موجب تہ، فقط مسجد جي معمار يعني انجنيئر سنان کي ئي اها حقيقت معلوم هئي تہ ڪنهن زلزلي اچڻ جي باوجود،

هن مسجد شريف جي عمارت ٽُٽي ٽُڪر ڪانہ ٿيندي ۽ خدانخواستہ ڪنهن يونچال اچڻ سبب زمين مان اُکڙِي تہ اها پڇڻ ۽ پُرڻ کان سواءِ سڄي ساري وڃي سمنڊ ۾ ڪِرندي. محبوب ۽ آءٌ مردن واري پاسي ۽ منا عورتن واري حصي ۾ نماز پڙهڻ وئي. اهو عورتن وارو پورشن مسجد ۾ داخل ٿيڻ واري گيٽ جي کابي پاسي ڪجھ مٿيرو ڪري ناهيو ويو آهي. مسجد ۾ ڪابہ V.I.P شخصيت نماز پڙهڻ لاءِ آيل هئي، جو مسجد کان ٻاهر مسجد وٽ گهٽي تعداد ۾ فورس جون گاڏيون ۽ سيڪيورٽي ڊيوٽيءَ تي بيٺل گارڊ ڏناسين. پر ايترا نہ جيترا پاڪستان ۾ ڪنهن وي. آءِ. پي جي ڊيوٽي دؤران هوندا آهن. مسجد اندر گارڊ وغيره ڪونہ هئا. مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ سڄي مسجد شريف چڱيءَ طرح گُهمي، ڦري، ڏِسي، پوءِ اچي مسجد جي سامهون ٺهيل هڪ وڏي مارڪيٽ اندر قائم هڪ ڪيفي تي ويناسين. هيءَ مارڪيٽ بہ مسجد جي ڪوٽ اندر ٺهيل ۽ مسجد جي ئي پراپرٽي (مليڪت) هئي، جنهن ۾ هوٽلن سان گڏ ڪيترا سارا ٻيا بہ دڪان هئا. اسين مسجد شريف مان نِڪرڻ شرط هوٽل تي ان لاءِ ويٺاسين جو ٻاهر ٿوري برسات پئي وسي ۽ ٻيو تہ هاڻ اهو فيصلو ڪجي تہ، پاڻ وڏيڪ گُهمڻ لاءِ ڪيڏانهن هلون. پهرين بيري کي سَڏ ڪري ڪافيءَ جو آرڊر ڏنوسين تہ ان سان گڏ ڪجھ بسڪوٽ بہ کڻي آيو. اسان کيس چيو تہ اسان تہ بسڪوٽن جو آرڊر ڪونہ ڏنو هو، تنهن تي پاڻ چيائين تہ، ڪافيءَ جي آرڊر سان گڏ بسڪوٽ بہ هوندا آهن. اسان ڪافي پي بل ڏنو جيڪو تمام ٿورو هو. محبوب جڏهن لنڊن کان استنبول پئي آيو تہ لنڊن ۾ ڪنهن دوست کيس ٻُڌايو تہ استنبول وڃين پيو تہ اُتي جو هڪ مشهور سينٽ سَيوِيئَر جو ڪورا واري علائقي ۾ ٺهيل چرچ ضرور ڏِسج، سو مون کي چيائين تہ بابا هاڻ پاڻ اهو چرچ هلي ڏسون. تنهن ڪري هوٽل مان نِڪري اچي چرچ ڏانهن روانا ٿياسين. مون کيس ٽيڪسيءَ ۾ سفر ڪندي ٻُڌايو تہ، پاڪستان جا ماڻهو گُهمڻ لاءِ گهڻو ڪري يورپ يا آمريڪا وڃن ٿا ۽ اتي ٽوئر ڪرائڻ وارن ادارن يا ڪمپنين جا اهلڪار سياحن کي گهڻو ڪري سندن ئي مذهب، تهذيب ۽ ثقافت جون يادگار جايون جهڙوڪ: قلعا ڪوٽ، محل محالتون ۽ ڪليسائون، ڪئٿيڊرل وغيره گُهمائين ٿا ۽ سندن قومي سورمن جي معرڪن ۽ جنگين جا ڪارناما بيان ڪندا آهن. ساڳيءَ طرح انڊيا وڃون تہ اسان کي رام ڪرشن جا ڪيئي مندر جهڙوڪ: هري راما هري ڪرشنا

مندر، لوٽس مندر، برلا مندر وغيره ضرور ڏيکاريندا. اڄڪلهه 99 سيڪڙو هندستاني فلمن ۾ توهان کي هر هر هندو مذهب جي پرچار محسوس ٿيندي، توهان کي انهيءَ حقيقت جو هڪ مثال ٻڌايان ٿو ته هڪ ڀيرو جنهن فقط هندستاني فلمون ڏٺيون ۽ جن ۾ پَرٽي ۾ مرٽي جون فقط هندو مذهب واريون رسمون ڏٺيون هيون، تنهن کي سندس پيءُ کنهن تدفين لاءِ پاڻ سان گڏ قبرستان وٺي ويو. هن جڏهن لاش قبر ۾ رکي پوريندي ڏٺو ته پٽس کان پُڇيائين ته لاش کي زمين ۾ ڇو پيا ڏيکين، کيس ساڙين ڇو نه ٿا. ڇو ته هن فلمن ۾ فقط لاش سڙندي ڏٺو هو، نه کي دين اسلام جي طريقي موجب، اهو دفن ٿيندي ڏٺو هو. مطلب ته ٻارن توڙي وڏن کي ڪتاب پڙهڻ، فلمون ڏسڻ ۽ مختلف جايون جڳهيون، ڪارخانا، مذهبي عبادتگاهون، محل محلاتون، ڪوٽ قلعا، نمائشي جايون ۽ وندر گاهون ۽ تعليمي درسگاهون ۽ عجائب گهر گهمي ڏسڻ سان انهن منظرن جي حقيقي سمجهه حاصل ٿئي ٿي. مون محبوب کي ٻڌايو ته ٽيهه چاليهه سال اڳ پاڪستان جا ماڻهو ملڪ کان ٻاهر گهمڻ لاءِ يورپ ۽ آمريڪا تمام گهٽ پر ڪابل، تهران، بيروت، قاهره، دمشق ۽ ڪاسا بلانڪا گهمڻ گهٽي تعداد ۾ ويندا هئا. ڇون ٿا ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن ملڪ جو وزيراعظم ٿيو ته پاڻ سنڌ جي ان وقت واري وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي چيائين ته، مون کي ڪراچي شهر آفريڪي ملڪ مراڪش جي گاديءَ واري شهر ڪاسا بلانڪا جهڙو ڪري ڏيکاري ڏي، جنهن لاءِ جيترا به پئسا کپن سي آئون مهيا ڪندس. ڀٽي صاحب جي رٿابنديءَ تحت ڪراچي جي سامونڊي ڪِناري تي هڪ شاندار ڪسينو ٺاهڻ جي شروعات ٿي. ۽ اتي Sea View نالي سان هڪ زبردست رهائشي منصوبي جي اڏاوت چالو ٿي. ڪراچي هوائي بندر کان بحري بندر تائين بين الاقوامي معيار جو هڪڙو عاليشان شاهراهه تعمير ڪيو ويو . هِل پارڪ ۽ ٻيا ڪيترائي باغ باغيچا ٺاهيا ويا. تمام گهٽي تعداد ۾ صنعتي، تجارتي ۽ رهائشي تعميراتي منصوبا چالو ڪيا ويا، جنهن ۾ اسٽيل مل ۽ قاسم پورٽ به شامل هو. جنهن تان سڄو پنجاب ڀٽي صاحب تي ڪاوڙجي پيو ته تون ڪراچي ۾ لاڙڪاڻي کي پيرس ٿو بنائين. ملڪ جا سڀ سياسي مخالف ليڊر خاص ڪري ايئر مارشل اصغر خان ۽ غلام مصطفيٰ ڪر ته پنهنجي هر جلسي ۾ گڏجاڻين ۾ اهڙو ذڪر ضرور ڪندا هئا. اسين سينٽ سَيوِيئر چرچ جي گيٽ

وٽ اچي ٽيڪسيءَ مان لٿاسين. انهن سان گڏ ٿي ٽوئرسٽ بسون ۽ سياح گهڻي تعداد ۾ نظر آيا. انهن سان گڏ اسين به چرچ ۾ گهڙي وياسين. ڊِرَيمَين روڊ جي دنگ وٽ هي سينٽ سَيوِيئَر وارو ڪورار چرچ يا ڪليسيا اَڏيل آهي. هن علائقي کي ڪورا يا ڪاريا جي نالي سان سَڏيو ويجي ٿو تنهنڪري هن گرجا کي ڪورا چرچ به ڪوٺيندا آهن. هن عيسائي عبادتگاهه ۾ Mosaics يعني رنگين پٿرين ۽ شيشي جي رنگين ٽُڪرين جو جڙاءُ ۽ ديوارن تي ٿيل رنگين مصوري بازنطيني فن مصوريءَ جو بهترين نمونو آهي، جيڪو سڄي ترڪي ملڪ ۾ بي مثال آهي. هي گرجا اصل ۾ شهنشاهه جَستِينِيئَن جوڙايو هو. پوءِ يارهين عيسوي صديءَ ۾ وري ڪومنني ان کي مڪمل طور نئين سر تعمير ڪرايو. هي چرچ جي سارسنڀار ڪرڻ خاطر چوڏهين عيسوي صديءَ ۾ هڪ ٿيوڊور نالي اعليٰ عيسائي عملدار مقرر ڪيو ويو. اهو سياسي سازش جو شڪار ٿيندي پنهنجي حياتي جا پويان ڏينهن هڪ سقيم راهب جي حيثيت ۾ هن چرچ ۾ ئي گُذاري ويو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن گرجا جي پوين پيرو بحالي، آرائش ۽ زيبائش جو سهرو انهيءَ راهب ٿيوڊور جي سِر تي آهي. سلطنت عثمانيه جي پوئين دؤر ۾ جڏهن شهنشاهه يا سلطان بلاچرنائي پيليس (Blachernae Palace) نالي محلات ۾ وڃي رهڻ لڳا ۽ آيا صوفيه چرچ ۽ انهيءَ علائقي جو عروج ختم ٿي ويو ته هن سينٽ سَيويئر چرچ جو وري به وارو وريو ۽ شاهي خاندان جا افراد مذهبي ڏِهاڙن تي هن چرچ ۾ اچڻ لڳا. هن چرچ ۾ بيبي مريم جي هڪڙي سهڻي مورتي به رکيل آهي جنهن کي مشهور روايت موجب رنگ ڪرڻ وارو شخص سينٽ ليوڪ (Saint Luke) هو.

ڪورا واري علائقي ۾ هن پيٽيءَ تي سائيز ۾ ننڍو پر طرز تعمير مطابق هي گرجا عاليشان آهي. مٿس نِيرو پلستر تي ٿيل رنگين مصوري آرائش ۽ زيبائش ۾ بيمثال آهي. هن چرچ جي فرش تي رنگين پٿرين شيشي جي رنگين ٽُڪرين جو جڙاءُ (Mosaics) به نهايت خوبصورت ۽ دلڪش آهي. بازنطيني دؤر جي ٻين گرجائن جي سجاوٽ وانگر هن چرچ جي ديوارن تي نيري پلستر تي ٿيل مصوريءَ جي بحاليءَ ۾ بازنطيني طرز فن پليءَ پٽ عيان آهي. مذڪور فريسڪو (Fresco) نيروي پلستر تي ٿيل مسوريءَ ۾ بائيبل مقدس ۾ جاٽايل واقعن جي تصوير نگاري بيحد سهڻي نموني سان ٿيل آهي. انهن تصويرن ۾ سڀ کان

وڏيڪ اهميت جي حامل تصوير Last Judgement يعني، آخري فتويٰ تي مشتمل آهي. اهيءَ تصوير ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام فتويٰ وارو دستاويز هٿ ۾ جهلي، متي ڪري ماڻهن کي ڏيکاري رهيو آهي. تنهن کان سواءِ انهيءَ تصوير ۾ حضرت آدم عليه السلام، بيبي حوا، بائيبل مقدس جي قديم نسخي ۾ ڄاڻايل ڪيترن ئي ٻين نبي سڳورن ۽ غير مسيحي بادشاهن جون تصويرون جوڙيل آهن. اهي سمورا الله پاڪ طرفان سندن ڪيل سمورا گناهه آخري فتويٰ موجب معاف ٿيڻ سبب سَرها نظر اچن ٿا. هڪ ٻي تصوير ۾ هڪڙو ٻرندڙ ٻوڙو ڏيکاريل آهي ته، ٻئي طرف حضرت يعقوب عليه السلام هڪڙي ملائڪ سان ڪُشتي ڪيڏندي ڏيکاريو ويو آهي. رنگين پٿرين ۽ شيشي جي جڙاء يعني (Mosaics) موزيڪ فن ۾ راهب ٿيوڊور کي هي چرچ نئين سر تعمير ڪرائي حضرت عيسيٰ عليه السلام کي پيش ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. موزيڪ جڙاء ۾ مسيح عليه السلام کي هن سڄي سنسار جي حاڪم جي حيثيت ۾ متي تي شاندار تاج پهريل ڏيکاريو ويو آهي ۽ سندس حياتيءَ جا ڪجهه اهم واقعا به چٽيا يا جڙاء ۾ ناهيل آهن. تنهن کان سواءِ گهڻن ئي ٻين درويشن ۽ حوارين جون تصويرون به جڙاء ۾ چِٽيل آهن. اسان کي هي چرچ گُهمندي رات ٿي وئي، تنهنڪري هتان نِڪرڻ شرط سِڌا پنهنجي رهائش واري هوٽل ڏانهن روانا ٿياسين. هوٽل تي پهچي رسيپشن ڪائونٽر تي وينل ملازم سمير کي گوناڻيڊن (معني گڊ مارننگ) چوندا وٺائنس ڪمري جي چابي وٺي مانيءَ جو آرڊر ڏئي اچي ڪمري پيڙا ٿياسين ۽ ماني کائڻ کان پوءِ ٿُرت سُمهي رهياسين. صبح سوير ننڊ مان اُٿي تيار ٿي ناشتو ڪري ترڪيءَ جي مشهور ۽ قديم گيلاٽا ٽاور کي ڏسڻ لاءِ اوڏانهن روانا ٿياسين. الائجي ڇو انسان جي اها فطرت آهي ته، هو پنهنجا گهر ۽ شهر مٿاهين جڳهين تي ٺاهي رهڻ لڳي ٿو. انهن شهرن ۾ وڏا وڏا ٽاور يعني منارا يا بُرج ٺاهي حال سارو سطح ارض کان وڌ ۾ وڌ اوچائيءَ تي پنهنجي گهٽي کان گهٽي ڏورانهن هنڌن تي ماڳن تائين موجود هر شيءِ جو مشاهدو پيو ڪري ۽ انهن منارن يا بُرجن تان ڏسڻ ۾ ايندڙ انسانن کي به خبر پوي ٿي ته، انهن بُرجن تي پهتل ماڻهو اسان کي به ڏسن ٿا. آئون سمجهان ٿو ته انهيءَ خيال، اميد ۽ اِرادي انسان کي هوائن تائين رسايو ۽ انسان نيٺ اُڏام کٽولي يعني هوائي جهاز ايجاد ڪيو جو هاڻ انسان وچي آسمان ۽ خلائن ۾ اُڏامندو ۽ سير ڪندو. اڳ ۾ انسان صرف هڪ هنڌ تان ٽاور ۾ ويهي

هيٺ تي ڏٺو ۽ هاڻ هوائي جهاز ۾ چڙهڻ کان پوءِ سڄي ڌرتي ته ڄڻ سڄي ڪائنات سندس اکين هيٺان اچي وئي آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سوَن سالن کان ٽاور ٺاهڻ جا آثار ملن ٿا، جن ۾ ڪيترائي ته ختم ٿي ويا آهن، پر ڪٿي ڪجهه اڄ به قائم آهن. اڄا تائين دنيا ۾ نوَان نوان ۽ اوچا ٽاور يا بُرج ٺهن پيا ۽ سندن بلنديءَ جي رڪارڊ ٽُٽن ۽ ٺهن پيا. تازو يعني فقط به ٽي سال اڳ دنيا جي بلند ترين ٽاور "بُرج الخليفه" جي نالي سان دُبئي ۾ جُڙي راس ٿيو آهي. انهيءَ جي اوچائي جو رڪارڊ اڄا تائين ڪنهن به نئين ٽاور ڪونه ٽوڙيو آهي، دنيا جا جيڪي مُک ٽاور گيلاٽا ٽاور کان اڳ مون ڏٺا آهن، سي هي آهن:

1. اٽليءَ وارو پيزا ٽاور، 2. ٽاور آف لنڊن، 3. دهليءَ وارو قطب مينار، 4. پيرس وارو ايفل ٽاور، 5. ٽوڪيو ٽاور، 6. ڪوالالمپور وارو پيٽرونس ٽاور، 7. سکر وارو معصوم شاهه جو منارو، 8. دبئيءَ وارو بُرج الخليفه، 9. استنبول وارو گيلاٽا ٽاور. انهن کان سواءِ دنيا ۾ ٻيا به ڪيترائي ٽاور موجود آهن، پر سڄي دنيا جا سڀ ملڪ ۽ هر ملڪ جا سمورا ماڳ مڪان ۽ منارا ڏسڻ بلڪل ناممڪن آهي. ٻيو ته ٺهيو پر ڪراچيءَ جا ڪيترائي اهڙا ماڻهو هوندا جن اڄا تائين سڄي ڪراچي به ڪانه ڏٺي هوندي. ڪروڙين پاڪستاني اهڙا به هوندا جن اڄا تائين سڄو پاڪستان به ڪونه ڏٺو هوندو. سو سڄي دنيا جا سڀ ملڪ ۽ انهن ملڪن جا سڀ ماڳ مڪان ڏسڻ ممڪن ئي ڪونهي. آمريڪي ماڻهن مان گهڻن کي آمريڪا جي سڀني رياستن جا نالا به ڪونه ايندا هوندا.

پاڻ هاڻ اچون ٿا گيلاٽا ٽاور جي سيرَ تي. مون دنيا ۾ جيڪي به ٽاور ڏٺا آهن، تن ۾ هي گيلاٽا ٽاور سڀني ۾ وڏيڪ پُراڻو آهي. جيتوڻيڪ اٽليءَ وارو پيزا ٽاور هن ٽاور کان گهڻو اڳ ٺهڻ شروع ٿيو هو، يعني سن 1173ع ۾، پر اهو ٺهڻ دؤران ئي هڪ طرف جُهڪي پيو، جنهن کي وري ٺاهڻ ناممڪي سمجهي تقريباً پوڻا به سؤ سال ان جي اڏاوت جو ڪم بند رهيو. پر وري سن 1350ع ۾ هن پيزا ٽاور کي ٺاهڻ شروع ڪيائون. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ گيلاٽا ٽاور سن 1350ع ۾ ٺهي راس ٿي چڪو هو. ترڪي جي حڪومت هن قديم تاريخي يادگار جي چوڌاري تمام سٺي تعميرات ڪرائي آهي ۽ گل گلزاري ڪري هن ماڳ کي سياحن لاءِ هڪ تمام پُڪشش پوائنٽ ڪري ڇڏيو آهي. گيلاٽا ٽاور توهان کي استنبول شهر ۾ پري پري کان نظر ايندو. هي ٽاور سلطنت عثمانيه ۾ هڪڙي ڪوٽ جو

حصو هو. انهيءَ دؤران هن ٽاور جي چوٽيءَ رات جي وقت ۾ ٻاهر ٻاري روشني ڪئي ويندي هئي، جيڪا هڪ لائيٽ هائوس وانگر پري پري کان نظر ايندي هئي. تنهنڪري هن ٽاور کي انهيءَ وقت ٻاهر وارو ٽاور پڻ سڏيندا هئا. اسان کي ٽيڪسيءَ ٽاور کان ٿورو پريرو لاٿو جنهن ڪري اسين ڪجهه پنڌ ڪري اچي ٽاور وٽ پهتاسين. ٽاور ۾ داخلا جي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ وڏيون وڏيون قطارون لڳيون پيون هيون، پر ٻاهرين ملڪن ۾ ٽڪيٽن ڏيڻ جو اهڙو ته سنو انتظام ٿيل هوندو آهي، جو انهيءَ ۾ ڪا گهڻي دير ڪانه لڳندي آهي. اسان سيني جي ٽڪيٽ محبوب خريد ڪئي ۽ اسان وري به ٽاور جي مٿئين طبق تي وڃڻ لاءِ لفٽ جي داخلا واري قطار ۾ بيهي رهياسين. ماڻهن کي مٿي پهچائڻ لاءِ به جُدا جُدا لفٽون هلي رهيون هيون، هر لفٽ جي دٻي ۾ ويهه کن ماڻهن جي چڙهڻ جي گنجائش هئي، اسان به هڪ لفٽ ۾ چڙهي مٿي پهتاسين. ٽاور جي مٿان چوڌاريءَ هڪڙي لوهي مضبوط گِرل لڳل هئي، جنهن کي جهلي سياح اڳتي هلندا ٿي ويا. مٿي ايڏي ڪشادگي ۽ ماڻهن جي ايتري رش ڪانه هئي، جيتري ٽوڪيو ٽاور ۽ ايفل ٽاور تي ٿيندي آهي. اهي ٽاور جيئن ته هن جديد دؤر ۾ جُڙي راس ٿيا آهن ۽ انهن کي موجوده تقاضا موجب تعمير ڪيو ويو آهي، پر هي گيلاٽا ٽاور پُراڻي دؤر ۾ يعني سن 1350ع ۾ جوڙيو ويو هو. اسان ٽاور جي جهنگلي وارو هڪ پورو ڦيرو ڏنو، مووي ٺاهي، فوٽو ڪڍيا ۽ سڄي استنبول شهر کي هتان ڏسي پوءِ هن ٽاور اندر هڪ تمام سٺي ڪيفي ۾ ڪجهه وقت ويهي ڪجهه کائي پي پوءِ هيٺ لٿاسين. هن ٽاور جي ٻي ماڙ تي هڪ نائيٽ ڪلب پڻ قائم آهي. ان جي مشهوريءَ جا پوسٽر ۽ بينر ٽاور اندر توڙي ٻاهر لڳل ڏٺاسين. هن ٽاور جي آسپاس ڪنهن زماني ۾ غريب ماڻهن جا ننڍڙا ننڍڙا گهر ٺهيل هوندا هئا، پر هاڻ انهن ماڻهن کي شهر جي ٻئي ڪنهن پر معروف هنڌ آباد ڪيو ويو آهي ۽ هن علائقي کي سڌاري ڪشادو ۽ صاف سٿرو بنايو ويو آهي. تنهنڪري هاڻ هتي سولائيءَ سان اچي وڃي سگهجي ٿو. گيلاٽا ٽاور جي پرسان ئي هن شهر جي اُلهندي ۽ اُڀرندي ڀاڱي کي ملائيندڙ واحد ٽيونل پُل شهر جي وچ ۾ وهي استنبول شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ واري باسفورس ڳچي سمنڊ يا سامونڊي ڪاريءَ هيٺان ٺهيل آهي. هي دنيا جو سيني کان ننڍو زير زمين ۽ زير آب ريل گاڏيءَ جو بندرگاهه آهي، جنهن به سياح يا سيلانيءَ استنبول شهر ۾ اچي به نه ڏٺو تنهن ڄڻ ته

استنبول شهر ٽي نہ ڏنو! هي ٽيونل گلياٽا ٽاور واري پُل وٽان تقريباً 600 گز هلڪي چاڙهيءَ وانگر ڏگهو ٽيندو وڃيو استقلال شاهراهہ وٽ ڇيهہ ڪري. هن چاڙهي نما ريلوي گذرگاهہ جي تعمير جي اصل مقصد جي ڄاڻ تہ معلوم ڪانهي، پر چوڻ ۾ اچي ٿو تہ شهر جي گهٽين واري گپاگيهہ کان بچڻ ۽ وقت بچائڻ خاطر. خصوصاً چوپايو مال گهڻي تعداد ۾ شهر جي ٻنهي پاسن ۾ جلد کان جلد آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ اهڙي گذرگاهہ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. هن ٽيونل کي مذاق خاطر ”ڪوئي جو ڏر“ بہ چوندا آهن. هن 2034 فوٽ ڏگهي زير آب و ارض گذرگاهہ مان ريل گاڏيءَ کي لنگهندي ڪجهہ منٽ ٿا لڳن ۽ ماڻهو منٽن اندر هڪڙي ڪنڌ مان ٻئي ڪنڌ يعني يورپ يا ايشيا ۾ پهچيو وڃي ۽ اها ڳالهہ ڳڻي حيرت ۾ پئجيو وڃي.

اسان هاڻ هتان ٽيڪسي ڪري دنياءِ اسلام، ترڪي ۽ استنبول جي انهيءَ عجائب گهر ڏانهن روانا ٿياسين جيڪو هڪڙي شاهي محل ۾ قائم ڪيو ويو آهي. انهيءَ محل کي هت ’توپ ڪپي محل‘ جي نالي سڏيو ٿو وڃي. هي اسان جي هوٽل کي بہ تمام ويجهو هو. استنبول وڃي ۽ ماڻهو هي عجائب گهر نہ ڏسي تہ معنيٰ استنبول ٽي نہ ڏٺو! هتي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي تبرڪات سان گڏ ٻين نبي سڳورن، اصحاب ڪرام ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي اولاد جون بہ ڪيتريون ئي لاجواب، بيمثال ۽ يادگار شيون سَوَن سالن کان هن عجائب گهر ۾ محفوظ آهن. اسان ٽيڪسيءَ مان لهي، ٽڪيٽ وٺي، سيڪيورٽيءَ وارن کان ڪليئر ٿي پوءِ عجائب گهر اندر داخل ٿياسين. هت سياحن جي تمام گهڻي رش هئي. منا چيو تہ هت پهرين حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي تبرڪات جي زيارت ڪري پوءِ ٻين گئلرين ۾ هلنداسين. دنيا جي مختلف مسلم قومن وقتاً فوقتاً انيڪ قسمن جا نوادرات گڏ ڪري محفوظ ڪيا آهن. انهن ۾ سڀني کان وڌيڪ اهميت جا حامل ”مقدس نوادرات تا اوقاف“ سڏيا وڃن ٿا. انهن جو تعداد ڇهہ سؤ کان بہ وڌيڪ آهي، سي هت توپ ڪپي محل جي ”خصوصي ايوان“ قائم عجائب گهر ۾ نهايت حفاظت سان نمائش لاءِ رکيل آهن. مذڪور نوادرات ۾ بہ سڀني کان وڌيڪ تقدس جا حامل هيٺان اسم قرار ڏنا ويا آهن:

1. عيسائي حواري جا بَپِٽِسٽ جو سِرُ مبارڪ.

2. حضرت علي ڪرم الله وجه جي تلوار
3. رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سونهاري شريف جو هڪڙو وار مبارڪ
4. حضرت موسيٰ عليه السلام جي لٺ
5. حضرت يوسف عليه السلام جي پڳ مبارڪ ۽
6. حضرت دائود عليه السلام جي تلوار

نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو هڪڙو ڪڙتو مبارڪ، چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن وقت افغانستان جي شهر قنڌار واري مرڪزي مسجد ۾ محفوظ ڪيل آهي. افغان ماڻهن جي روايت موجب اهو جبو مبارڪ، بخارا جي امير مراد بيگ، افغان امير احمد شاهه کي تحفي طور ڏنو هو. اهو ڪڙتو مبارڪ نهايت حفاظت سان تالي چابيءَ سان بند رکيو آهي ۽ فقط ڪنهن خطرناڪ قومي گهوٽالي دؤران زيارت لاءِ ٻاهر آندو ويندو آهي. سن 1996ع ۾ افغان طالبان جي اڳواڻ مُلا عمر افغانستان ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ اتي جي علماء کي انهيءَ جُبي مبارڪ جي زيارت ڪرائي ته انهن مولوين مُلا عمر کي اميرالمؤمنين يعني سموري مسلم اُمت جو خليفو قرار ڏنو. انهيءَ کان اڳ انهيءَ ڪُڙتي مبارڪ جي زيارت سن 1930ع ۾ افغانستان ۾ پيدا ٿيل ڪالرا جي مرض دؤران به ڪرائي وئي هئي. مقدس نوادرات جي هن ذخيري بابت پهريون پيرو حقيقي جامع احوال توپ ڪپي محل ۾ قائم عجائب گهر جي منتظم طرفان پڌرو ٿيو. انهيءَ ذخيري ۾ ڇهه سؤ کان وڌيڪ نوادرات رکيل آهن، جن ۾ ڪيترن ئي پيغمبرن سڳورن، اصحابن ۽ درويشن سان منسوب اسم به اچي وڃن ٿا. اهي نوادرات محل جي بيحد ڳجهن ڪمرن مان وڏي جاکوڙ سان ڳولهي ڦولهي ۽ جانڪي رکيا ويا آهن. انهن مان ڪجهه اهڙا مقدس نوادرات به آهن جي روزانه نمائش نٿي ٿئي. توپ ڪپي محل ڪيئي صدين تائين گهڻن ئي بادشاهن جو رهائشگاهه هو جنهن دؤران هتي گهڻن ئي پرڏيهي بادشاهن، سفيرن ۽ اميرن جي آجيان، ملاقات ۽ مهماني ٿي. هن محل جي اهميت نه فقط منجهس رهندڙ سلطانن جي ڪري آهي، پر انهيءَ جي افاديت منجهس محفوظ ڪري رکيل انهن مقدس نوادرات جي سبب پڻ وڏي وئي آهي. سن 1517ع ۾ مصر فتح ڪرڻ ڪان پوءِ سلطان سليم اول،

مملوڪ رياست، عباسي خلافت ۽ حجاز جي امارت مان هٿ آيل نوادرات استنبول ڪٺائي آيو. سلطان سليم اول هٿ آيل نوادرات توپ ڪپي محل ۾ گڏ ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سندس جاءِ نشين به اها روايت ويهين صدي عيسويءَ تائين برقرار رکي. انهن حاڪمن نبي سڳورن ۽ ٻين عظيم مسلم شخصيتن جي مقدس شين سان گڏ تعظيم جي حامل مختلف ماڳن مان هٿ آيل نوادرات هن محل ۾ سهيڙي ۽ سنڀالي رکيا. اوڻيهين ۽ ويهين عيسوي صديءَ جي شروعات دؤران وهابين طرفان انهن نوادرات کي نقصان پهچائڻ کان بچائي محفوظ ڪرڻ مُکيه تشويشناڪ معاملو هو. وهابين جي خيال ۾ مقدس شين جو احترام ڪرڻ بُت پرستيءَ جي مترادف هو. تنهنڪري مذڪور نوادرات کي ناس ڪرڻ لاءِ اهي تعاقب ڪرڻ لڳا. انهيءَ امڪاني حملي کان بچا طور مذڪور مقدس نوادرات کي توپ ڪپي محل ۾ محفوظ ڪيو ويو. پهرين عالمي جنگ دؤران جڏهن مديني منوره کي خلافت عثمانيه کان ڌار ڪرڻ جو فيصلو ٿيو تڏهن شهر جي نگران فرحدين پاشا چند مقدس نوادرات سميت مديني منوره جي حاڪمن کي ڪيئي صدين دؤران ملندڙ سوکڙيون استنبول شهر ڏانهن موڪليون. اهي هن وقت توپ ڪپي محل ۾ قائم عجائب گهر ۾ محفوظ ڪيل آهن. ميوزم جي مقدس نوادرات واري رجسٽر ۾ داخلا موجب انهن جو تعداد 605 آهي، جنهن ۾ هٿيار، لباس ۽ ڪتب خاني سان وابسته اسم به شامل آهن. نبي سڳورن سان وابسته شين کي امانات سڏجي ۽ ٻين عظيم مسلم هستين سان وابسته شين کي تبرڪات سڏجي ٿو. ماضيءَ جي دستاويزن ۾ انهن سمورن اسمن کي ”ال امانات ال مبارڪه“ لکيو ويو آهي. هن وقت انهن کي ”مقدس نوادرات“ ڪوٺين ٿا. عثمانوي خليفن مادي عناصر ۾ تقدس نه خير ڪو پانيو پر تنهن هوندي به رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي استعمال وارين شين ۾ قدرتي پاڪيزگي ۽ نعمت جي موجودگيءَ ۾ ايمان جا حامل هئا. تحسين نالي مصنف پنهنجي ڪتاب ”امانات مقدسه“ جيڪو سن 1953ع ۾ شايع ٿيو تنهن ۾ لِکيو آهي ته: الله تعاليٰ جو شڪر آهي، جو ڪيئي صدين دؤران تقدير جي مختلف تاريخي واقعات سبب هي مقدس نوادرات هڪ هنڌ ميڙيا ويا، مقدس امانات جو هي بي بها خزانو ڪجهه ايمان جي بنياد تي ۽ ڪجهه قسمت يا وري سبب ذرو ذرو ٿي ترڪن کي حاصل ٿيندو

رهيو. حقيقت ۾ مذڪور امانات مقدسه نه فقط ايمان جي جذبي تحت ميڙيا ۽ محفوظ ڪيا ويا، پر اهي فني ڪاريگري، ثقافتي لحاظ، توڙي تاريخي اعتبار کان وڏي اهميت ۽ قدر و قيمت جا حامل عناصر آهن، جن جي سارسنڀال ۽ روايتي عزت ۽ احترام بيحد گهڻو نظر اچي ٿو. جيستائين اسين موجود آهيون تيستائين هنن امانات مقدسه جي سارسنڀال ۽ حفاظت جو مقدس فرض نهايت محبت، عزت ۽ احترام سان ادا ڪبو رهبو.

ڪملي مبارڪ: ڪُل امانات مقدسه ۾ رسول مقبول صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪملي يا چادر مبارڪ سڀ کان وڌيڪ تقدس جي حامل آهي. اعليٰ ترين رتبي سبب ترڪ سلطانن انهيءَ کي سوني جي پيٽين منجهه، شاهي تخت يعني سلطان جي گاديءَ واري ڪمري ۾ محفوظ ڪري رکيو انهيءَ ڪري شاهي تخت واري ڪمري سان شامل سمورين جڳهين، جن ۾ ديوان عام، سراءِ غلامان ۽ دارالخزانه به اچي وڃن ٿا، انهن کي گڏيل يڪي نالي ”ايوان هاءِ ڪلمي مبارڪ“ سان سڏڻ لڳا. جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن ماڻهن کي دين اسلام جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي ته پاڻ سڳورا سخت مخالفت ۽ مقابلي جي سامهون آيا. سندن مخالفن ۾ هڪرو شخص ڪعب نالي سان شاعر پڻ هو سو مسلمانن طرفان مڪي شريف جي فتح کان پوءِ، پنهنجي معاندانه ڪردار سبب ڊڄڻ ۽ لِڪڻ لڳو ته سندس پاءُ سندس ڪردار ۽ رويي کي غلط سمجهندي ڪيس ڏاڍي جُٽ ڪئي. انهيءَ جو مٿس ڏاڍو مثبت اثر ٿيو ۽ هو ڏاڍو شرمسار ٿيو. نيٺ جان جوکي ۾ وِجهي، لِڪندي ڇُپندي مديني شريف پهچي، چمڙا پوش ٿي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مجلس ۾ وڃي پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جن کان سوال ڪيائين ته جيڪو شخص پنهنجي ڪيل گناهن کان توبه ڪري ايمان آڻي ته، انهيءَ جا گناهه بخش ڪيا ويندا يا نه؟ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جواب ڏنو ته ها، انهيءَ شخص جا گناهه بخش ڪيا ويندا. اها ورندي ٻُڌي ڪعب ٻيو سوال ڪيو ته جيڪڏهن ڪعب بن ظُهير به پڇتائي پنهنجي گناهن بخشائڻ لاءِ توبه ڪري ۽ دُعا گُهري دين تي ايمان آڻي ته انهيءَ کي به بخشش نصيب ٿيندي ڇا؟ رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن انهيءَ سوال جو به جواب اثبات ۾ ڏنس ته

هن پنهنجو حقيقي تعارف ڪرايو ۽ پاڻ ڪريمن جي چادر يا ڪلمي مبارڪ بابت هڪ قصيدو پڙهڻ شروع ڪيو جيڪو پوءِ ڏاڍو مشهور ۽ مقبول ٿيو. اهو قصيدو ٻڌي رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پنهنجي اها چادر مبارڪ پاڻ تائين لاهي شاعر ڪعب بن ظُهير جي ڪُلهن تي وِجهي ڪيس سوکڙيءَ طور عطا ڪئي.

اسان پهريائين هنن مقدس امانات جي زيارت ڪئي. هي نوادرات مقدسه ڪيترن ئي مختلف اسمن تي مشتمل آهن. جن ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪملي مبارڪ، سندن جهنڊو مبارڪ، سندن جُتي مبارڪ، پاڻي پيئڻ جو پيالو سندن پير مبارڪ جو پٿر تي چِٽيل نشان، تلوار ۽ ڪمان، احد واري جنگ دؤران سندن شهيد ٿيل ڏند مبارڪ، وضوءَ ۾ ڪتب ايندڙ مٽي ۽ سندن مُهر مبارڪ شامل آهن. انهيءَ کان سواءِ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڪاڌو رڌڻ واري ديڳڙي، حضرت يوسف عليه السلام جي پڳ مبارڪ، حضرت دائود عليه السلام جي تلوار، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي سونهاريءَ جا وار، قرآن پاڪ جو اهو نسخو جيڪو حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه پڙهيو رهيو هو ته مٿس خوني حملو ٿيو انهيءَ قرآن پاڪ تي اهي رت جا نشان اڄ بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا پر اهي هاڻي گهڻي قدر ميسارجي ويا آهن. ڪيترن ئي اصحابن سڳورن جون تلوارون، بيبي فاطمة الزهره جو چولو مبارڪ، حضرت امام حسين عليه السلام جو ڪڙتو مبارڪ، پڳ مبارڪ ۽ سندن چادر مبارڪ جو هڪ ٽڪرو، امام ابوحنيفہ رحہ جو ڪڙتو، اويس قرنيءَ جي ٽوپي، پيران پير عبدالقادر جيلانيءَ ۽ امام شيرانيءَ جا تاج، مولانا جلال الدين روميءَ جا پيالا، ڪنهن وقت ڪعبي شريف جي ڇت ۾ لڳل سونا نارا يا نيسارا، حجر اسود جا سون ۽ چانديءَ جا ٺهيل ڍڪڻ، ڪعبي شريف جا ڪلف، چابيون، غلاف، ڪڙا، ميڻ بتيون، اگربتيون، ڪعبي شريف ۽ مسجد نبويءَ ۾ گُلاب جو پاڻي ڇٽڪارڻ لاءِ ڪم ايندڙ گلاب آبدانيون، انهن مقدس عمارتن جي مرمت ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺ، پٿر ۽ شيشي جا ٽڪرا، روضة النبوي جي صفائي ڪرڻ سان گڏ ڪيل خاڪ پاڪ جنهن کي ”جوهر السعادت“ سڏين ٿا، نوادرات جي حفاظت لاءِ ڪم ايندڙ پيٽيون، صندوقون، ڪنوار پوتيءَ جو ڪاٺ، تلوارن رکڻ جون مياڻيون،

رحل، ٻُهاريون، خاڪ دان، مشهور خطاطن طرفان حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جون پاڪ حديثون ۽ قرآن ڪريم جون آيتون سهڻي خطاطيءَ جون حامل، فريمن ۾ آراسته، مصلا، تسبيحون، ٽامي ۽ چانديءَ جا پيالا، صوفي درويشن واريون ڍڳهيون ٽوپيون يا ڪلاهه، آب زمزم جا ڪوزا، رومال ۽ رومالن تي چٽڪاري يا ڀُرَ ڪرڻ وارا پور پڙ امانات مقدسه ۾ شامل آهن. نور محمد ۽ پرهه اڳئي هتان ٿي ويا آهن ۽ اسان به اڄ هنن امانات مقدسه جي زيارت ڪريون پيا. ”امانات مقدسه،“ نالي ڪتابچي جو مصنف، حلمي ايدين، تاريخ فنون جو ماهر، استنبول شهر جي توپ ڪپي محل ۾ قائم ڪيل عجائب گهر جو ڊپٽي مئنيجر آهي. انهيءَ کان اڳ هو عجائب گهر ۾ قائم ڪيل ”ايوان امانات مقدسه“ جو ڊويزنل مئنيجر هو. اسان ساڻس ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو سِيٽ تي ڪونه هو.

ترڪ ملت عثمانيه جي سلطانن جون تلوارون به امانات مقدسه ۾ شامل آهن. انهن ۾ سلطان عثمان جي تلوار، جنهن جو ترڪي نالو ”تقليد سيف“ آهي، انهيءَ تلوار کي خلافت عثمانيه جي سلطانن جي تاجپوشيءَ واري رسم دؤران وڏي اهميت حاصل هوندي هئي. انهيءَ تلوار کي ترڪيءَ ۾ عثماني گهراڻي جو پايو وِجهندڙ سلطان عثمان اول جي نسبت سان ”عثمان جي تلوار“ سڏڻ لڳا. اها روايت تڏهن کان شروع ٿي جڏهن سلطان عثمان اول کي سندس سياڻي صلاحڪار ۽ سهري شيخ اديبالي (Shaikh Adebali) اها تلوار ”تلوار اسلام“ جي حيثيت سان سلطان عثمان اول جي ڪمر تي ٻَڌي. بادشاهه جي چيلهه تي تلوار ٻَڌڻ واري رسم، بادشاهه جي تخت نشينيءَ کان پوءِ ٻن هفتن جي مُدت اندر ادا ڪئي ويندي هئي، جيڪا شهر جي ايوب مسجد سان لڳ مقبري واري محلات ۾ منعقد ٿيندي هئي. اها محلات گولڊن هارن نالي آبي رستي تي ڪَپ تي اَڏيل آهي، جتان بادشاهه جي رهائش وارو توپ ڪپي محل ڪو گهڻو پري ڪونه هو. ان جي باوجود بادشاهه وڏي ڌام ڌوم سان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اوڏانهن ويندو هو. مقبره ايوب ڪامپليڪس سلطان محمد ثاني مشهور اصحابي ابو ايوب انصاريءَ کي خراج طور تعمير ڪرايو هو جيڪو مسلمانن طرفان هن شهر کي ڪيل پهرئين گهيري دؤران شهيد ٿيو هو. اهو گهيرو ستين عيسوي صديءَ ۾ ڪيو ويو هو. چيلهه

تي تلوار ٻَڌڻ واري عمل کي بادشاهه جو پنهنجن تيرهين صديءَ عيسويءَ وارن ابن ڏاڏن سان تعلق برقرار رکڻ ۽ پيغمبر اسلام صلي الله عليه وآله وسلم جن سان سندس يعني اسلامي خلافت ۽ مؤمنن جي امير جي تعلق جي تجديد جي حيثيت سبب تقدس جو حامل عمل قرار ڏنو ويو. بادشاهه چيلهه تي تلوار ٻَڌڻ واري علامتي عمل ڪرڻ سان نه فقط رياست جو حڪم، تخت ۽ تاج جو مالڪ بڻيو ٿي، پر انهيءَ سان گڏ سموري مسلم اُمت جو سالار پڻ. سلطان عثمان اول جي جاءِ نشين نئين سلطان کي ”تلوار عثمانيه“ قونيه شهر جي صوفي درويش شريف ٻَڌي هئي، جنهن کي خصوصاً انهيءَ تقريب سعيد لاءِ اُتان گُهرايو ويو هو. سن 1299ع ۾ سلطان عثمان اول قونيه شهر ۾ پنهنجي رهائش اختيار ڪئي، انهيءَ وقت کان وٺي مذڪور صوفي فرقي جي درويشن کان بادشاهه کي اميرالمؤمنين جي حيثيت ۾ سيف عثمان چيلهه تي ٻَڌڻ واري رسم چالو ٿي ۽ اهو شرف انهن صوفي درويشن کي حاصل رهيو. انهيءَ وقت کان اڳ ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ بُرسا ۾ ۽ ڪجهه وقت پوءِ قسطنطنيه ۾ قائم ٿيو. اوڻيهين عيسوي صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين غير مسلمانن کي مسجد ايوب ۾ داخل ٿيڻ ۽ بادشاهه جي چيلهه تي تلوار ٻَڌڻ واري رسم ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت ڪانه هئي. اها غير رسمي قبيلن ۽ گروهن تي پيل بندش سلطان محمد پنجين لاٿي، جنهن سندس رسم ۾ ملڪ جي سمورن غير مسلم فرقن جي نمائندن کي دعوت ڏئي شريڪ ڪيو. اها رسم 10 مئي 1909ع تي منعقد ٿي، جنهن ۾ خصوصي طور يوناني يهودي فرقي جي مُکيه ربيءَ ۽ آرمينيا واري عيسائي فرقي جي پادرين به شرڪت ڪئي. غير مسلم فرقن کي مذڪور رسم ۾ شرڪت جي اجازت ملڻ تي آمريڪي اخبار ”دي نيويارڪ ٽائيمز“ هڪڙو مفصل مضمون شايع ڪيو. سلطان محمد پنجين جي پاءُ ۽ جاءِ نشين سلطان محمد ڇهين سندس تلوار ٻَڌڻ واري رسم جي فلم پڻ پرائي هئي، جيڪا انهيءَ سلطان جي ملت عثمانيه جي آخري سلطان هئڻ سبب آخري رسم هئي، جيڪا فلمائي وئي هئي. اسان ڪوشش ڪئي ته جيئن برٽش ميوزم يا پيرس جي لوور ميوزم يا روم جي ويسٽيڪن سٽي وانگر جت توهان انهن ميوزمن جي باري ۾ ڪتاب ۽ سيڊيز گهرڻ تي خريد ڪري سگهو ٿا تيئن هت به هن ميوزم جي متعلق ڪتاب ۽ سيڊيز خريد ڪيون، پر سيڊيز لاءِ چئون ته

سياٽي سو محبوب ۽ منا کي چيم تہ پاڻ هاڻ اڄ حرم ۾ گھمڻ جو پروگرام ڪينسل ٿا ڪريون ۽ سياٽي اچي حرم گُھمون. تنهن تي پاڻ ياد ڏياريون تہ سياٽي پاڻ پرنسس آئيلينڊ گھمڻ هلنداسين ۽ پرين پاڻ لنڊن هلنداسين. سو مجبورن اسان هاڻ وري هن ئي ميوزم جي ٻي پورشن لاءِ ٽڪيٽون وٺي حرم واري طرف گُھمڻ لاءِ روانا ٿياسين. اسان داخل ٿيڻ کان اڳ حرم جي دروازي وٽ ڪيفي مان کائڻ لاءِ ڪجھ خريد ڪري کائي پي پوءِ اندر داخل ٿياسين. هي محل خليفن ۽ بادشاهن ۽ سلطانن لاءِ سَوَن سالن کان رهائش طور استعمال هيٺ رهيو آهي. توپ ڪاپي ميوزم واري طرف فوٽن ڪڍڻ تي بندش هئي پر هت اهڙي ڪابہ بندش نہ هئي. تنهن ڪري محبوب هتي ڪافي فوٽا ڪڍيا. ٿورو ٿورو مينهن وَسڻ جا ويس ڪري روم مان رمي ڪابل ۽ قنڌار تي وسي چين ۽ سمرقند کان ٿيندو هاڻ استنبول ۾ مينهڙا وسائي. هاڻ ڪابل کان ٿيندو سنڌ ۽ عالم کي آباد ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهي ۽ اسان هاڻي دنيا اسلام جي آخري خلافت جي خليفن ۽ بادشاهن جي حرمن ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. منا مون کي ٻُڌايو تہ پاڻ هن کان اڳ ۾ فرانس جي بادشاهن جا محل. پيرس ۾ ورسائل نالي انگلينڊ جي بادشاهن جو نيڪگھم محل هندستان جي بادشاهن جا محل لاهور. دهلي. آگره. فتح پور. سيڪري ۽ جپان جي بادشاهہ جو محل ٽوڪيو ۾ ڏسي چڪا آهيون.

حرم ۾ داخل ٿيڻ واري پهرئين ڪمري ۾ هڪ تمام وڏي آرسي يا آئينو لڳل آهي. جيڪو يت جيڏو ئي وڏو آهي. ان جي پاسن تي سوني رنگ سان خبر ناهي تہ چاندي يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو تمام سهڻو ڪم ٿيل آهي. مون. منا ۽ محبوب اُت بيهي هڪ ٻئي جا فوٽا ڪڍيا. اندر ڪمرن جي دروازن جي مٿان چاندي يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ تي ميناڪاريءَ جو لاجواب ڪم ٿيل هو. تنهن کي سياحن ڏاڍي چاهہ سان ٿي ڏٺو ۽ انهيءَ جا فوٽا ۽ فلمون پيري رهيا هئا. ڪمري ۽ هالن اندر ڏاڍا سهڻا ۽ وڏندڙ فانوس لڳل هئا. هي سلطاني حرم جنهن ۾ اسين هاڻ گھمي رهيا آهيون. تنهن کي ترڪي ٻوليءَ ۾ ”حرم همايون“ چئجي ٿو. اهو سلطان جي خانگي محلات جي هڪ اهم حصي طور تعمير ٿيل هو تنهن ۾ چار سؤ کان بہ گھڻا ڪمرا ٺهيل هئا. حرم ۾ سلطان جي ماءُ. سندس زالون. سندس

سُريتون، سندس ٻار، سندس خاندان جا ٻيا فرد ۽ حرم ۾ ڪم ڪندڙ خادم ۽ پهريدار خواجا سرا رهندا هئا. توپ ڪپي محل جو هي سلطاني حرم سراءِ وارو پاڱو ڪيترين ئي عمارتن تي مشتمل آهي، جيڪي مختلف ورانڊن، دالانن ۽ اڱڻن وسيلي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. خادمن، ٻين ملازمن ۽ عملدارن جي هر گروهه کي حرم جي حدن اندر رهڻ لاءِ جدا جدا جڳهيون مليل هيون. هر ٽولي کي مليل جڳهيون سندن اڱڻن جي چوڌاريءَ ٺهيل هيون. انهن عمارتن جي ڪمرن جو تعداد هڪ سؤ کان به مٿي هو. انهن عمارتن وارن ڪمرن جو ڪجهه قليل تعداد اڄڪلهه عوام جي گُهمڻ لاءِ کُليل آهي. انهيءَ مهابي اسين به هت گُهمون پيا. حرم جي دروازن کان پري حد اورانگهڻ وارو عمل عدم موجود هو. البت سلطان، سندس راڻيون ۽ زالون، سندس والده، شهزاده، سلطان جون سُريتون ۽ حرم جي حفاظت تي معمور محافظ صورتحال موافق رائج ضابطي کان آجا هئا. حرم سراءِ وارين عمارتن جو ميڙ توپ ڪپي محل جي اصل عمارتي سلسلي سان سورهين عيسوي صديءَ جي آخر ۾ دالانن يا ڊيڪيل رستن وسيلي ڳنڍيو ويو هو. حرم وارين عمارتن مان گهڻين عمارتن جا نقشا ۽ تعميراتي اصول وقت جي عظيم معمار سِنان تيار ڪيا هئا. حرم سراء جي عمارتن جو سلسلو ٻئي نمبر دالان ۾ کُلندڙ ۽ اُتان کان شروع ٿيندڙ آهي. گاڏين وارو گيٽ پڻ انهيءَ دالان ۾ کُلندڙ آهي. وقت گُذرڻ سان گڏ حرم جي عمارتن جي تعمير جو سلسلو گولڊن هارن آبي رستي ڏانهن وڌندو رهيو ۽ عظيم عمارتن جي ميڙ جي صورت اختيار ڪري ويو. هنن عمارتن جي تعمير جو سلسلو پندرهين عيسوي صديءَ کان اوڻيهين صديءَ جي شروعات تائين جاري رهيو، جنهن ۾ محلاتي تعمير واري طرز ۽ آرائشي انداز اختيار ڪيو ويو. سلطان محمود اول ۽ سلطان عثمان ٽئين جي اقتدار دؤران حرم سراء جي چند عمارتن کي نئين سر سينگاريو ۽ سنواريو ويو هو. سينگار جي هيءَ نئين طرز اڳوڻي آرائشي طرز کان بلڪل نرالي ۽ وڌيڪ جاذب نظر هئي.

دالان نمبر ٻئي جي پاسي ۾ گاڏين واري دروازي مان لنگهي گنبذ جي ڇت واري ڪمري ۾ داخل ٿيو. انهيءَ عمارت جي تعمير سلطان مراد ٽئين سن 1887ع ۾ ڪرائي. هت هاڻ سياح ٽولن جي صورت ۾ ڪمرن اندر داخل پيا ٿين ته ڪي

وري ٻين هالن ڏانهن وڌي رهيا آهن. سندن ٻاهران آندل ڪِرائي جا گائيڊ ڪين هر ڪمري، هال، فانوس، دري ۽ دروازي جي پُراڻي حيثيت بابت سمجهائي رهيا آهن. هر گروپ جي سياحن کي سندن مخصوص ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ وارو گائيڊ ڪِرائي تي آندل آهي، پر اسين ۽ ٻيا بہ بيشمار سياح بنا گائيڊ جي گُهمي رهيا آهن. هتي حرم سراء جي خزاني جي آفيس بہ هوندي هئي. هن جڳهہ اندر رکيل ڪٻٽن ۾ مختلف شين، ماڳن ۽ ملڪيت جي وقف بابت لِکيل دستاويز ۽ ٻيو اهم معاملن متعلق مواد ۽ رڪارڊ حرم جي نگران اعليٰ جي سنڀال هيٺ محفوظ ڪيل هو انهيءَ ۾ سلطان، سندس ڪُٽنب ۽ ٻين فلاحي ادارن جي مالي معاملن بابت رڪارڊ ۽ ناڻو بہ شامل هو. وضو ڪرڻ لاءِ مخصوص چشمي واري هال جي مرمت سن 1665ع ۾ حرم سراء وارين عمارتن کي لڳل باهہ کان پوءِ وڌيڪ بهتر نموني سان ڪرائي وئي هئي. حرام سراء کي باهہ لڳڻ وارو اهو ٻيو واقعو هو جيڪو 24 جولاءِ 1665ع تي واقع ٿيو. هن ماڳ کي انهيءَ وقت حرم سراء ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٺهيل هال يا صفحي واري حيثيت حاصل هئي، جنهن تي محافظن جو پهرو هوندو هو. هي ماڳ حرم، حرم جي محافظن ۽ حرم سراء جي حدن اندر رهندڙ خادمن واري مسجد، سلطاني صلاحڪارن واري باغيچي ۽ ايوانِ عدل کي پاڻ ۾ ڳنڍيندڙ هو. ايوان عدل واري عمارت وٽان سلطان، سلطاني مجلس شوريٰ جي ڪارگذارين جو معائنو ڪندو هو. هن صفحي جي ڀِتين تي سترهين صديءَ ۾ ٺهيل ڪاشيءَ جا مشهور چوڪا لڳل آهن. ڪاشيءَ جو ڪم نہ صرف سنڌ ۽ ملتان ۾ ٿئي ٿو، پر توهان کي اهو ڪم مشرق جي ڪيترن ئي ملڪن جي ثقافتي پسِ منظر ۾ سندن عمارتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. اسان وٽ انهن ڪاشيءَ جي چوڪن تي صرف گلڪاريءَ جا مختلف قسم ڏاهيندا آهن، پر ڪيترن ئي ملڪن، خاص ڪري چين ۽ جپان ۾ ڪاشيءَ جي چوڪن تي ماڻهن، جانورن ۽ پکين جون تصويرون بہ نظر اينديون. هن هال سان لڳ مسجد جي اڳيان ٺهيل ڏِڪو سلطان کي گهوڙي تي چڙهڻ ۾ ڪم ايندو هو. اتي رکيل بينچن تي پهريدار ويهندا هئا. هتي لڳل ڦوهارو هتان ڪڍائي وڃي سلطان مراد ٽئين جي خانگي شاهي حوض ۾ نصب ڪيو ويو هو. هن ماڳ جي کاٻي هٿ تي آڏيل مسجد ۾ نيري، سائي ۽ سفيد رنگ وارا ڪاشيءَ جا چوڪا لڳل آهن. انهن چوڪن جو

رنگ جهڪو ٿي ويو آهي. هن هال جي هڪڙي دروازي مان لنگهي هڪ دالان يا اڱڻ ۾ پهچبو انهيءَ اڱڻ جي ڪابي طرف خادمن ۽ پهريدارن جا رهائشي ڪوارٽر ٺهيل آهن. انهن ڪوارٽرن جي دنگ وٽ نگران اعليٰ شيدي خواجا سرا جي گهر جي عمارت ٺهيل آهي. نگران اعليٰ شيدي خواجا سرا جو عهدو عملدارن ۾ چوٿون نمبر سڀ کان اعليٰ عهدو آهي. هنن عمارتن جي وچ ۾ سلطان جي شهزادن لاءِ هڪ اسڪول ٺهيل آهي. اسڪول واري ڪمري جي ڇت تختا پوش، پِتيون ڪاٺ جي چارين سان سينگاريل ۽ فرش عاليشان ٽائيلن سان ٺهيل آهي. هت اڱڻ جي دنگ وٽ حرم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪڙو زبردست دروازو ٺهيل آهي، هتي ٺهيل هڪڙو سوڙهيو گذرگاهه سفيد غلامن جي رهائشي جڳهين ڏانهن وڃي ٿو. اهي سفيد غلام، ترڪ سلطانن کي يورپي بادشاهن ۽ شهنشاهن کان تحفي طور مليا هئا. هن اڱڻ جي چوڌاري ٺهيل عمارتون سن 1654ع ۾ حرم سراء واري علائقي ۾ لڳندڙ خطرناڪ باهه کان پوءِ نئين سر اَڏيون ويون هيون، جنهن ۾ پورٽيڪو جي پويان حرم جي خادمن جا ڪوارٽر، نگران اعليٰ جو گهر، شهزادن وارو اسڪول، سلطان سان ملاقات ڪندڙ عمائدين لاءِ ٺهيل انتظارگاهه ۽ پهريدارن وارو ڇپرو شامل آهي. حرم سراء جي خادمن جا گهر سورهين صديءَ ۾ ٺهيل ڄاڻايا وڃن ٿا. اهي ٽماڙ عمارت تي مشتمل آهن. انهيءَ عمارت جي مُهاڙيءَ تي سلطان مصطفيٰ چوٿين، سلطان محمود ٻئي ۽ سلطان عبدالمجيد اول جي امانتداريءَ وارا ڪارناما لِکيل آهن. مٿئين ماڙن وارن ڪمرن ۾ نوان ڀرتي ٿيل سيڪڙات ملازم رهندا هئا. هن عمارت جي دنگ وٽ هڪڙو يادگار چُلهو ٺهيل آهي، جنهن کي رنگين ٽائيل لڳل آهن. حرم سراء جي نگران اعليٰ جي گهر ۾ ڪچهري وارو ڪمرو، سُمهڻ وارا ڪمرا ۽ منجهن عاليشان غسلخانا ٺهيل هئا. هت نلڪن ۽ ٻين شين تي هڪڙو مخصوص ننڍڙو مونوگرام لڳل هو. ان تي لکيل ٻوليءَ کي مون ۽ محبوب پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر اها سمجهه ۾ نه آئي. اسان کي ته اجا تائين موهن جي دڙي واري ٻولي به سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي، سو هيءَ ڏاري ٻولي ڪٿان ٿي پروڙجي! شهزادن جي اسڪول وارو ڪمرو مٿِئين ماڙ تي هو ۽ حرم سراء جي نگران اعليٰ جي خاص سنيال هيٺ هوندو هو. انهيءَ ڪمري جي پِتين کي يورپي ٽائلن ۽ بروق طرز آرائش سان

سينگاريو ويو هو. حرم سراء جو مُکيہ دروازو سلطان جي ڪُٽنب ۽ سندس سُريتن جي رهائشگاهہ کي جدا ڪري ٿو. هي دروازو پهريدار جي آساميءَ ڏانهن وڃي ٿو جنهن سان حرام سراء جون ٻي مُکيہ عمارتون ڳنڍيل آهن. پهريدار واري ماڳ جي کابي طرف وارو دروازو سلطان جي سُريتن واري اڱڻ ڏانهن کُلي ٿو. پهريدار واري ماڳ وٽ وچيون دروازو سلطان جي والده واري اڱڻ ڏانهن کُلندڙ آهي. هن ماڳ جي ساڄي طرف واري گذرگاهہ گولڊن روڊ کان ٿيندي سلطان جي رهائشگاهہ ڏانهن وڃي ٿو. سلطان جي راڻين ۽ سُريتن واري اڱڻ ۾ راڻيءَ جي والده جي رهائشگاهہ جي وچ تي هڪڙي چاڙهي ٺهيل آهي، جنهن کي ”چاليهہ وِڪون“ سڏيو وڃي ٿو. اها حرم سراء جي اسپتال وٽان اڳتي وڌندي سُريتن جي رهائشگاهہ وٽان ٿيندي حرم سراء جي هيٺئن پاسي وٽ پوکيل سهڻي باغيچي وٽ وڃيو ڇيهہ ڪري. توپ ڪپي محل جي هن حرم سراء واري ڀاڱي ۾ سلطان ۽ سلطان جي والده جي رهائش واريون عمارتون حرم سراء وارين سيني عمارتن جو وڏو حصو والارين ٿيون ۽ سڀ کان وڌيڪ اهميت جون حامل پڻ آهن. سورهين صديءَ ۾ راڻيءَ جي والده جڏهن قديم سلطاني محل مان نِڪري اچي توپ ڪپي محل ۾ رهڻ لڳي تہ ان کان پوءِ سلطان ۽ راڻيءَ جي والده لاءِ مذڪور رهائشگاهہ تعمير ٿيا. سن 1665ع واري باهہ کان پوءِ انهن کي وري نئين سِر تعمير ڪيو ويو هو. موسيقيءَ وارو ڪمرو هن عمارت سان ارڙهين صديءَ ۾ ڳنڍيو ويو هو. راڻيءَ جي والده جي رهائشگاهہ جا فقط ٻہ ڪمرا گُهمڻ لاءِ ڏيکاريا وڃن ٿا. راڻي جي والده جي رهائشگاهہ ۾ ساڻس ملاقات ڪندڙ خواتين لاءِ انتظار گاهہ هن عمارت جي مٿئين ماڙ تي واقع آهي. انهيءَ عمارت جي هيٺئن ماڙ تي سلطان جي سُريتن جي رهائشگاهہ قائم هئي. هيءَ راڻيءَ جي گهر واري عمارت سلطان جي رهائشگاهہ واري عمارت ڏانهن ويندڙ گُذرگاهہ سان متصل آهي. هنن سيني جڳهين ۾ سترهين صديءَ ۾ ٺهيل نيري، سفيد، پيلي ۽ سائي رنگ واري سهڻي ڪاشيءَ جو عاليشان ڪم ٿيل آهي. مٿئين ڪمرن ۾ ارڙهين ۽ اوڻيهين صديءَ جي مغربي طرز واري پينٽنگ ٿيل آهي. امپيريئل هال حرم سراء وارين عمارتن ۾ سورهين صديءَ ۾ تعمير ٿيل ڄاڻايو وڃي ٿو. اهو هال گُنبذ واري ڇت سان ڍڪيل آهي. اهو سرڪاري مهمانن جي آجيان وارو ايوان، توڙي حرم جي

رهاڪن جي تفريح گاهہ طور ڪم ايندو هو. محبوب پُڇيو تہ ان وقت محلن ۾ بادشاهن جون وندرون بہ آئون سمجهان ٿو تہ، اهي سنڌي وڏيرن جي وندرن وانگر هونديون يا ٿورو مختلف هونديون. اسين هاڻ هڪ ٻئي سيڪشن ۾ داخل ٿياسين. شايد هي سلطانن يا شهزادن جي ڪچهريءَ جو هال هو جنهن ۾ هڪ وڏي آرامده ۽ پَٽ پٿيهر سان پرپل ويهڪ ٺهيل هئي. هن ئي هال ۾ سلطان پنهنجن خاص صلاحڪارن، مهمانن، پنهنجي والده، پنهنجي پهرين زال يا راڻيءَ ۽ ٻين زالن ۽ پنهنجن ٻارن کي موقعي موافق گُهرائيندو هو. مذهبي ڏهاڙن ۽ شادين مُرادين جون رسمون، توڙي مختلف تفريحي محفلون بہ هتي ئي منعقد ٿينديون هيون. سن 1665ع ۾ حرم سراء ۾ لڳندڙ خطرناڪ باهہ کان پوءِ سلطان عثمان ٽئين جي دؤر حڪومت ۾ هن هال کي نئين سر تعمير ڪيو ويو ۽ روڪوڪو طرز آرائش سينگاريو ويو. هال جي ڀِتين ۾ لڳل چوڪن تي سهڻي خطاطي ٿيل هئي. چوڪن جي چوڌاري ڪاشيءَ ۽ شيشي جون پٽيون لڳل هيون، سي ڏاڍيون ٺهيون. گُنبذ جي ڪانس تي ٿيل اصلوڪي مصوري اڃا تائين قائم آهي ۽ چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ پئي اچي. انهيءَ هال ۾ سلطان جو تخت يا گادي بہ رکيل آهي، جنهن جي مٿان هڪ ڇٽي رکيل آهي. هن هال جي گئلريءَ ۾ راڻيءَ جي والده جي اڳواٽيءَ هيٺ راڻي ۽ سلطان جون ٻيون زالون ويهنديون هيون. هتي رکيل سونهري پٽين واريون ڪرسيون جرمنيءَ جي شهنشاهہ ولهيلم ٻئي طرفان سلطان کي تحفي طور موڪليون ويون هيون. هال ۾ نصب ٿيل گهڙيال برطانيہ جي راڻي وڪتوريا سوکڙيءَ طور موڪليا هئا. هال سان لڳ ننڍو ڪمرو رڌڻي طور ڪم ايندو هو. انهيءَ ۾ هاڻي موسيقيءَ جي سازن جي نمائش پئي ٿي. هن ڪمري وٽان هڪ ننڍو رستو سلطان جي خانگي رهائشگاهہ ڏانهن وڃي ٿو. هن هال جو هڪ دروازو راڻيءَ جي والده جي رهائشگاهہ ڏانهن کُلندڙ آهي. ٻيو دروازو سلطان جي حمام ڏانهن کُلي ٿو. ٽيون ڳجهو دروازو هڪڙي وڏي آرسيءَ جي پويان ٺهيل آهي، جنهن مان سلطان سڄي محل ۾ ڪنهن بہ طرف باحفاظت وڃي سگهي ٿو. هال ۾ نصب ٿيل دروازن مان هڪڙو ڪاڏو ڪائڻ واري چيمبر ۾ کُلي ٿو. تنهن کان سواءِ هڪ ٻيو بہ دروازو هال ۾ لڳل آهي، جيڪو هال سان ڳنڍيل ٻين ننڍن ايوانن ڏانهن کُلندڙ آهي. انهن مان هڪ چيمبر ۾ لاجواب ڦوهارو نصب

ٿيل آهي. هت بہ محبوب فوٽا ڪڍيا. سلطان احمد ٽئين جو جوڙايل پروي چيمبر هڪ ننڍو مگر پُروقار ۽ چڱيءَ طرح آراستہ ڪمرو آهي. ان جي ديوارن تي ميوي جي پيالن ۾ نهايت سُهڻي گلڪاريءَ واري پينٽنگ ٿيل آهي. هن چيمبر ۾ ٽائيلن سان آراستہ هڪڙو بخارو بہ ٺهيل آهي. ان جي درين جي شيشن تي پڻ گلن واري نهايت سُهڻي پينٽنگ ٿيل آهي. هن ڪمري کي ”فروٽ روم“ پڻ ڪوٺيندا هئا، پر هينئر اسان جي ڪاٺ لاءِ هتي ڪوبہ ميوو موجود ڪونهي! سلطنت جو ولي عهد شهزادو سندس مخصوص رهائشگاهہ ۾ مفرد زندگي گُذاريندو هو. تنهنڪري انهيءَ عمارت کي قفس يعني پڃرو بہ سڏيندا هئا. سمورن شهزادن کي سن بلوغ تائين سلطنت عثمانيہ طرفان حرام سراء ۾ نافذ ضابطہ اخلاق موجب مختلف علمن ۽ عملن جي سِکيا ڏني ويندي هئي. تنهن کان پوءِ کين مملڪت جي مختلف پرڳڻن ڏانهن ناظم يا گورنر مقرر ڪري موڪليو ويندو هو. جتي اهي رياستي امور بابت وڏيڪ عملي انتظامي سِکيا حاصل ڪندا هئا. شهزاده حرم سراء ۾ سترهين عيسوي صديءَ جي شروعات کان وٺي رهڻ لڳا، جنهن ڪري محل جي انتظام ۾ سندن عمل دخل شروع ٿي ويو. ارڙهين صديءَ کان وٺي ولي عهد شهزادي جي رهائشگاهہ ايوان شوريٰ طور استعمال ٿيڻ لڳي. حرم سراء جي هڪڙي ايوان کي ”صوفيہ همايون“ سَڏيندا هئا. اهو ايوان سلطان جو بلڪل خانگي ۽ تمام گُجهو چيمبر هو جنهن ۾ ڪيترائي شاميانا، ڇانيل دڪا ۽ بهترين باغيچو پوڪيل هو.

حرم سراء جي بند ٿيڻ ۽ سياحن کي خبردار ڪرڻ لاءِ تہ اهي حرم سراء خالي ڪن، اهو اطلاع ڏيندڙ گهنٽيون وڄڻ لڳيون تہ اسان بہ واپس ورڻ واري ڪئي. حرم سراء ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ سياح موجود هئا. پر نِڪرڻ وقت ڪابہ اجائي رش، تڪڙ يا افراتفري ڪانہ هئي. سڀ سياح آهستي آهستي، مشڪي هڪٻئي کي هيلو هيلو ۽ ساري ساري چوندا ٻاهر نِڪرندا ويا. منا ۽ محبوب پڻ پنهنجو پنهنجو سامان سنڀاليندا حرم سراء مان ٻاهر نِڪري آياسين. جتي توپ ڪپي محل ۽ حرم سراء گُهمڻ وارا بيشمار سياح نظر آيا. اسين هتان نڪري اچي بلو مسجد جي ٻاهران پيل بئيڇن تي ويهي هتي نصب ٿيل بيشمار سهڻن ڦوهارن کي ڏسڻ لڳاسين. جيڪي بيشمار روشنين جي رنگن ۾ هڪ عجيب

روح پرور منظر پيش ڪري رهيا هئا. جن کي سياح ڏسي رهيا هئا. هن سڄي منظر کي ڏِسي مون کي شيخ اياز جو هي شعر ياد اچي ويو تہ:

ماٺهو چنڊ ٽُٻي ويو آهي،
تون تہ اُتي ئي بيٺو آهين.

اسين هتان چاڙهيءَ تان هيٺ اچي هڪ هوٽل تي ماني کائڻ بعد پرسان ئي هڪ اسٽور تان ڪجهہ سامان خريد ڪري پوءِ پنڌ ئي پنڌ اچي پنهنجي رهائش واري هوٽل تي آرامي ٿياسين. صبح سوير ناشتو ڪري ٽيڪسي ڀاڙي تي ڪري ڪباتاس (Kabatas) نالي پتڻ تي پهتاسين، جتان پاڻٺي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سمنڊ رستي 'پرنسز آئيليندس' ڏانهن روانا ٿياسين. مون هن کان اڳ يورپ انگلش چينل ۾ فرانس کان انگلينڊ، انگلينڊ کان بيلجيم ۽ جرمنيءَ جي رائن نديءَ ۾، آمريڪا جي سان فرانسسڪو مارڪو پولو جي شهر وينس ۾، انگلينڊ جي ٿيمس نديءَ ۾ ۽ هاليند ۾ ايمسٽر نديءَ ۾ ڪيئي دفعا انهن ندين ۽ سمنڊ ۾ بہ سفر ڪيو آهي، پر مون کي ٻيڙيءَ ۾ گُهمڻ جو مزو جهڙو سنڌو درياهہ ۾ منهنجي ڳوٺ ٻنيءَ وٽ ٿو اچي، اهڙو مزو ٻئي هنڌ ڪٿي بہ ڪونہ آيو. هينئر درياهہ جي ڪِنارن تي ٻيلن جا وڻ ختم ٿي ويا آهن، پر جڏهن ٻيلا پيلا ۽ منجهن عاليشان وڻ هوندا هئا ۽ درياهہ ۾ پاڻي جام هوندا هئا، تڏهن درياهہ ۾ ٻيڙين جي سير جو مزو ئي ٻيو هوندو هو. خاص ڪري چانڊوڪيءَ راتين ۾، درياهہ جي سِير تي ٻيڙين جي سَير دؤران ڇولين جو ڪپرن سان ٽڪرائجڻ جو آواز ۽ پڙاڏو ماحول کي مست ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن چوڏهين جي چنڊ جا ڪِرڻا درياهہ جي لهرن ۽ پاڻيءَ تي پوندا هئا تہ اهو اهڙي تہ سحر انگيز نموني جرڪندو هو ۽ ائين ڀانئبو هو جڻ تہ سموري درياهہ ۾ چانديءَ وارو پاڻي پيو وهي. اهڙي حسين ماحول ۾ موج ۾ اچي جڏهن شيخ اياز پنهنجي شاعري ٻُڌائيندو هو تہ ٻُڌڻ وارن تي سحر تاري ڪري ڇڏيندو هو. ٻُڌڻ وارن ۾ بابا سائين ارباب نور محمد پليجو، جمال ابڙو، ابراهيم جويو، رشيد ڀٽي، غلام رباني آگرو وارا هوندا هئا. اسين چُپ چاپ باادب سندس شاعري ٻُڌندا رهندا هئاسين. پريان ناکئو جمون ۽ آچار ميربحر واريءَ ۾ پلا پيا پچائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن بلهٽيون درياهہ جي پاڻيءَ ۾ ٽُٻ ڏينديون ڏسبيون هيون. انهن تي چنڊ جي پوندڙ چانڊاڻ جي جهلڪ ڏاڍي وڻندي هئي.

درياهہ جي ڪپرن تي وڏا گهاٽا ٻير جا وڻ پري کان هڪ عجيب ڏيک ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن درياهہ جي ٻيٽن تي راڳ جون محفلون بہ ڪرائيندا هئاسين. درياهہ شاهہ جي هنج ۾ اهي منظر ۽ محفلون موجون ۽ مستيون جڏهن ياد ٿيون پون تہ جسم ۾ جان جوان ٿي پون! کیارات تھی کہ اک کہانی میں کٹ گئی! ڪڏهن ڪڏهن شيخ اياز درياهہ ۾ رڇ لهرائي پوءِ انهيءَ ۾ ڦاسندڙ مڇين ۽ پلن کي ڏاڍي غور سان ڏسندو هو. سندس اهو دستور هوندو هو تہ محفل جي آخر ۾ هو ملاحن سان مخصوص ڪچهري ڪندو هو ۽ ٻيڙين، رڇن ۽ مڇين جا ڪيترائي نوان لفظ پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندو هو. لفظن ۽ محاورن نوٽ ڪرڻ جو اهو سلسلو سندس لاڙ جي سموري سفر دؤران جاري رهيو ۽ ڪيٽي بندر وٽ پورو ٿيو. اياز اهو سربستو احوال پنهنجي ڪتاب ”ڪٿي نہ پيجبو ٿڪ مسافر“ ۾ بيان ڪيو آهي.

استنبول شهر جي وچان وَهندڙ هن سحر انگيز سمنڊ ۾ هلندڙ ٻيڙين جو ايڏو وڏو تعداد هن کان اڳ مون صرف آمريڪا جي شهر سان فرانسسڪو ۾ ڏٺو پر استنبول مون کي سان فرانسسڪو کان بہ وڏيڪ وڻندڙ ۽ پنهنجو لڳو. جنهن جا ماڻهو ملوڪ، محبتي ۽ پنهنجا لڳا. اسان هاڻ پنهنجي بوٽ ۾ ٻنهي طرفن کان وڏين وڏين ٽڪرين مان نِڪرندا پرنسز آئليندس يعني شهزادن وارن ٻيٽن ڏانهن وڃي رهيا آهيون. اسين هت تقريباً ڏيڍ ڪلاڪ کن سفر ڪرڻ کان پوءِ پهتاسين. هنن ٻيٽن کي ڳاڙها ٻيٽ بہ ڪوٺيو ويندو هو. انهن ٻيٽن جو ڪل تعداد نَوَ آهي، جيڪي استنبول شهر جي ايشيا ڪنڊ واري پاڳي سان وابستہ شهر کان تما گهڻو پري، ساحل سان تقريباً لڳ، هن وقت شاندار تفريحي ماڳ آهي. بازنطيني، رومي ۽ عثماني گهراڻي جي اوائلي دؤر حڪومت ۾ شاهي خاندان جا جيڪي فرد بغاوت سبب حزب اقتدار کان ٻاهر رکيا ويندا هئا، انهن کي سزا طور هنن ٻيٽن تي نظربند ڪيو ويندو هو. چو تہ انهيءَ وقت ۾ اهي ٻيٽ استنبول شهر کان تمام گهڻو پري تصور ڪيا ويندا هئا،جتان باغي شهزادا باغيانہ سرگرميون انجام ڏئي نہ پئي سگهيا. انگريزن پڻ هندستان جي باغي سياسي اڳواڻن کي مالديپ جي ويجهو ڪجهہ ٻيٽن ۾ سزا طور نظربند ڪندا هئا. انهن ٻين کي ڪارو پاڻي سَڏيندا هئا. شهزادن وارن ٻيٽن تي شهزادن کي قيد رکڻ جي روايت

کان اڳ انهن ٻيٽن تي رهندا هئا. جيڪي سماجي زندگي تياڳي انهن ويران ٻيٽن تي الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا هئا. تنهن ڪري انهن ٻيٽن کي ”شهزادن وارا ٻيٽ“ سَڏڻ کان اڳ ”تياڳين وارا ٻيٽ“ سَڏيندا هئا. انهن ۾ چار وڏا ۽ پنج ننڍا ٻيٽ آهن.

**ڪائنالئادا** (Kinaliada)، **برگاز** (Burgaz)، **هيبيلِئادا** (Heybeliada) ۽ **ٻيُوڪادا** (Buyukada) وڏا ٻيٽ آهن. تنهن کان سواءِ صدف (Sedef) نالي بہ هڪڙو ننڍڙو ٻيٽ آهي، جتي انساني آبادي آهي. اهو ٻيٽ ٻيوڪادا وڏي ٻيٽ جي اوڀر طرف آهي. ڪاسڪ (Kasik) ننڍو ٻيٽ بُرگاز ۽ هيبيلِئادا ٻيٽن جي وچ ۾ آهي. تاوسان (Tavsan) ٻيٽ ٻيُوڪادا ٻيٽ جي ڏکڻ طرف آهي. ياسئادا (Yassiada) ۽ سِورِئادا (Sivriada) ٻيٽ ڪائينالئادا ٻيٽ جي ڏکڻ اولهہ ڪنڌ تي سمنڊ اندر ڪُجھ پنڌ تي موجود آهن. هي چارئي ٻيٽ ويران آهن، جن تي ڪابہ وسندي ۽ آبادي ڪانهي. ٻيُوڪادا ٻيٽ کي شهزادن وارن ٻيٽن جي راڻي چوندا آهن. استنبول شهر کان هنن ٻيٽن ڏانهن مسافر ڪٽي ويندڙ ۽ ايندڙ ٻيڙين کي ”پتڻ واريون ٻيڙيون“ سَڏيندا آهن. ٻيُوڪادا ٻيٽ جي پتڻ تي لهڻ سان سامهون تعمير ٿيل سينٽرل اسڪوائر نالي عاليشان عمارت ۾ نصب ٿيل وڏا گھڙيال چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچن ٿا. گهاٽ مان ٻاهر نڪري ڪپ تي ڏسندا تہ هتي سُٺا ريسٽورينٽ ٺهيل آهن. ٽائون سينٽر ۾ ٻين شين کان سواءِ پاسارين جا دُڪان پڻ موجود آهن. گھڙيالن واري سينٽرل اسڪوائر جي کاٻي هٿ تي شاهي رستو اوڀر طرف، ساڄي هٿ تي شاهي رستو اولهہ طرف ۽ اوهان جي سامهون عاليشان رستو ڏکڻ طرف ٻيو وڃي. سمورن رستن تي شاندار عمارتون ٺهيل آهن. اسان انهن عمارتن جي سامهون ڪافي فوٽا ڪڍيا، پوءِ اڳتي روانا ٿياسين. هت سيئي وڏا رستا يونين اسڪوائر وٽ اچي ملن ٿا. هن ٻيٽ جي جاگرافيائي سينٽر پوائنٽ ٻن ٽڪرين جي وچ ۾ صنوبر وڻن جي پَلَ ۾ جاٽائي وڃي ٿي. هن ٻيٽ جو واضح ۽ سُٺو نقشو پتڻ واري گهاٽ جي کاٻي هٿ تي نصب ٿيل آهي. هنن جزيرن ڏانهن وڃڻ جو واحد وسيلو سامونڊي پاڻي ٻيڙيون ۽ تفريحي ٻيڙا آهن، جيڪي استنبول شهر جي ٻنهي ڪنڌن وارن گهاٽن يعني ٽڙن تي مقرر ٽائيم ٽيبل موافق سدائين موجود هونديون آهن. استنبول جي اُلهندي پاڱي کان هنن جزيرن ڏانهن ويندڙ پاڻي

ٻيڙيون ڪباتاس نالي ٽڙ تان مسافر کڻنديون آهن ۽ اُيرندي يعني ايشيا واري پاسي مان مسافر کڻندڙ پاٽي ٻيڙيون ڪاديڪواءِ (Kadikoy)، بوستانسي (Bostanci)، مالتپي (Maltepe) ۽ ڪرتل (Kartal) نالي گهاٽن تان مسافر کڻنديون آهن. هنن جزيرن ڏانهن ٻيڙين جا گهٽي ۾ گهٽ چڪر يا پُورَ بوستانسي ٽڙ تان لڳايا ويندا آهن. تکيون پاٽي ٻيڙيون توڙي وڏا تفريحي جهاز به هن ئي ٽڙ تان هنن ٻيٽن ڏانهن ويندا آهن. استنبول شهر جي يورپي يعني اُلهندي پاسي کان هنن جزيرن تائين پهچڻ ۾ وڏن تفريحي ٻيڙن کي عموماً ڏيڍ ڪلاڪ کن لڳي ٿو پر اُيرندي يعني شهر جي ايشيائي پاسي کان هنن جزيرن تي پهچڻ ۾ ٻيڙين کي فقط مُنو ڪلاڪ لڳي ٿو. تقريباً سيئي پاٽي ٻيڙيون چئن ئي مُکيه ٻيٽن تي مسافرن کي سلسليوار پهچائين ٿيون. پر انهن ٻيٽن جي نالي سان ٻيڙي ٻيهڻ جو اعلان ڪونه ڪندا آهن، تنهنڪري هر مسافر کي ٻيٽ جي ٽڙ يعني گهاٽ تي انهيءَ ٻيٽ جي نالي وارو شاهي بورڊ چڱيءَ ريت جانچي ڏسڻ گهرجي ته. جيئن هو پنهنجي گهربل ٻيٽ تي پهچي سگهي. مون محبوب کي اهي بورڊ پڙهڻ لاءِ تاڪيد ڪيو هو. هيءَ به مزيداري ڳالهه آهي ته هنن ٻيٽن تي گهمڻ ڦرڻ لاءِ ڪا آٽوموبائل سواريءَ جهڙوڪ: موٽر ٽيڪسي يا رڪشا وغيره آهي ئي ڪانه! البت گهوڙي گاڏيون، جهڙيون ڪنهن زماني ۾ حيدرآباد ۾ هلنديون هيون، سي هر ٻيٽ جي هر ٽڙ تي حقيون بيٺيون آهن. ٽڙ کان ٻيٽ جي مختلف ماڳن ڏانهن ڪٽي وڃڻ لاءِ انهن گهوڙي گاڏين جو ڀاڙو مقرر ٿيل آهي ۽ مسافرن جي تعداد موجب نه پر يڪي گاڏيءَ جو آهي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ چار مسافر ڏکيا ويهي سگهن ٿا. البت ٽي مسافر آرام سان ويهي سگهن ٿا ۽ اسين به ٽي ڄڻا هئاسين، تنهنڪري سڄي ٻيٽ تي گهمڻ ڦرڻ ۾ ڏاڍو مزو پئي آيو. ٻيُوڪادِا ٻيٽ تي By Sukru نالي هوٽل سمنڊ جي ڪِناري تي تعمير ٿيل آهي، جنهن ۾ مختلف تازين سامونڊي مڇين، ڀاڄين ۽ لذيذ ڪبابن تي مشتمل بهترين کاڌا پيش ڪيا وڃن ٿا. هن هوٽل جي مئڪدي ۾ هر ڇنڇر جي رات موسيقيءَ جي محفل سجائي ويندي آهي. گهاٽ کي ويجهي هئڻ سبب هن هوٽل ۾ تمام گهڻي رش هوندي آهي، تنهنڪري ويهن آمريڪن ڊالرن عيوض بُڪنگ سياحن لاءِ سُڪون جو سبب بنجي ٿي. جيڪڏهن توهان ٻيٽن تي رات گذارڻ ٿا چاهيون ته گهاٽ واري عمارت مان

ٻاهر نڪرڻ کان اڳ، شهر ڏانهن ٻيڙين جي موٽڻ جا وقت نوٽ ڪرڻ نہ وِساريندا، جيئن تہ موٽڻ ۾ سهولت رهي. خاص ڪري سياري جي مُند ۾ وڏا تفريحي مسافر بردار جهاز شهر ڏانهن واپسي گهٽ ڪندا آهن. ٻيٽن کان سڀ کان دير سان استنبول واپس ورندڙ ٻيڙيون بوستانسي تڙ تي لنگر انداز ٿينديون آهن. تقسيم اسڪوائر ڏانهن وڃڻ لاءِ انهيءَ گهاٽ تان بسون ملن ٿيون. يا تہ توهان تڙ سان لڳ گهٽي ٽپي، سامهون ريلوي لائين جي هيٺان گذرگاهہ مان لنگهي ٻئي پاسي پهچي، ڪاٻي هٿ تي نهيل سيڙهي نمبر ٻہ تان مٿي اچي اچي هڪ اسڪوائر وٽ رسندا، جتان پڻ تقسيم اسڪوائر لاءِ بسون ملن ٿيون. هيءَ ڳالهہ ڏيان لهڻي تہ سرءُ، سياري ۽ بهار جي مُندن دوران ڪڏهن طوفانن ۽ وڏين لهرن سبب هنن ٻيٽن ڏانهن پاڻي ۽ تفريحي ٻيڙيون وغيره ڪونہ وينديون آهن. انهيءَ عرصي دوران اهي ٻيٽ ساري جهان کان جُدا رهندا آهن. هيئنر بہ تقريباً بهار جهڙي موسم آهي ۽ بگي يا پنڌ پر گُهمڻ ڦرڻ ۾ مزو پيو اچي. جهڙيون اڄڪلهہ ڪراچيءَ بيچ تي وليج هوٽل کان اڳيان هوٽلون کُليون آهن، هتي هن ٻيٽ جي ڪِناري تي بہ اهڙي قسم جي پر وڏي ۽ سُٺي هوٽل نهيل آهي. اسان بہ ٻہ ٽي ڪلاڪ گُهمي ڦري اچي هن هوٽل ۾ ماني کاڌي. ماني تمام سُٺي هئي، پر بل استنبول جي هوٽلن کان زياده هو. ماني کائي هوٽل کان ٻاهر ان جي ڀرسان ئي تڙ تي بيٺل ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اسين استنبول ڏانهن روانا ٿياسين.

انگريزن جي دور حڪومت ۾ هڪ سنڌي پبلشر نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻيءَ انگريزن جي دور ۾ ۽ ان کان اڳ ۾ سنڌ ۾ آيل سياحن، انگريز آفيسرن ۽ ڪن ٻين لِيکڪن جي ڪُل ٻارهن ڪتابن جو مختصر ترجمو ڪرائي ”ميراڻي سنڌڙي“ نالي سان دهليءَ مان ڪتاب ڇپرايو جنهن جي صفحي 167 تي يورپي لِيکڪ پونسٽن (Ponston) جي ڪتاب "Personal Observations in Sindh" جو حوالو ڏنل آهي. انهيءَ ۾ لِکيل آهي تہ: ”شڪارپور جي بازار ۾ جهڙي رونق آهي اهڙي مصر (جي شهر) قاهره کان سواءِ ٻين ٿورڙن هنڌن ڏسجي ٿي. عجيب غريب ڇهڇٽي واريون ٽوليون هت وچ ايشيا جا واپاري (۽) اُپرندي اُلهندي هندستان جا واپاري پاڻ ۾ ملندا جلندا ڏسڻ ۾ ايندا. اٽڪل ڇئين بجي شام جو بازار تيز ٿيندي آهي. معلوم ٿيو تہ سنڌ جو هڪ شهر شڪارپور مصر

جي شهر قاهره سان رونق ۾ برابري ٿو ڪري ته وري پيو شهر ڪراچي انگريز دؤر حڪومت ۾ ايشيا جو پهريون نمبر صاف سٿرو شهر قرار ڏنو ويجي ٿو. انهيءَ دؤر جون ڳالهيون پڙهيو وري اجوڪي سنڌ کي ڏسيو دل ۾ اکيون آليون ٿيو پون. اسان جو سامونڊي جهاز هاڻ باسفورس سمنڊ جي يورپ واري ڪِناري تي اچي پهتو آهي. هر انسان کي گُهمڻ ڦِرڻ جو شوق هوندو آهي پر اسان جي پاڪ ڪتاب قرآن شريف ۾ ته اهو حڪم آهي ته:

سِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ (آل عمران: 137)

ترجمو: ڌرتيءَ تي سير ڪريو.

الله پاڪ جا لک ٿورا جو منهنجي هٿن ۾ سفر جون ريکائون ڪجهه زياده ئي ڏئي ڇڏئين. ننڍي عمر ۾ بابا سان گڏ سڄي سنڌ ۾ ڪاليج لائين ۾ ڪيئي دفعا سڄو پاڪستان گُهمي آيس. وري سن 1981ع کان سن 2011ع تائين مسلسل ٽيهن سالن جي عرصي ۾ اڪيلو ته ڪڏهن پنهنجي دوستن سان ۽ پوءِ پنهنجي سڄي فيمليءَ سان گڏ پنڌ، اُٺ ۽ گهوڙي تي، پيڙيءَ، سامونڊي جهاز، بس، ريل گاڏي، ٽرام، ٽيوب، هيليڪاپٽر توڙي هوائي جهاز ۾ ڪراچيءَ کان جپان جي انهيءَ سرزمين تائين جت ڌرتيءَ تي سج جا پهريان ڪِرڻا پون ٿا ۽ ڪراچيءَ کان آمريڪا جي اُلهندي سرحد يعني پئسفڪ وڏي سمنڊ جي ڪِناري تائين، جت وري ڌرتيءَ تي سج جا آخري ڪِرڻا ڪِرن ٿا ۽ وري انڊين اوشن کان يعني ڪراچيءَ کان باسفورس سمنڊ تائين جت ايشيا کنڊ ختم ٿئي ٿو يعني ترڪيءَ جو ايشيائي پاڱو ۽ وري به باسفورس سمنڊ کان جتان يورپ کنڊ شروع ٿئي ٿو ۽ جتي اسين هينئر بيٺا آهيون، اُتان کان اسڪاٽ لينڊ وٽ ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ تائين جت يورپ کنڊ ختم ٿئي ٿو تقريباً سمورا ملڪ گُهمي آيس. هن سموري سفر دؤران منهنجي خواهش رهي ته، دنيا جي عظيم سياحن يعني محمد ابن بطوطه ۽ مارڪو پولو جا شهر ۽ گهر ڏسان، سو مالڪ سائينءَ جي مهر سان اِٽليءَ جي شهر وينس ۾ مارڪو پولو جو گهر وجي ڏٺم، پر ابن بطوطه جو ملڪ مراڪش ۽ سندس اباڻو ڳوٺ طنجيئر اجا تائين ڏسي ڪونه سگهيو آهيان. اميد اٿم ته هاڻ جڏهن به ولايت وڃڻ ٿيو ته، سڀ کان پهرين مراڪش وڃي، طنجيئر پهچي هن عظيم سيلانيءَ ابن بطوطه جي گهر جو ديدار ڪبو تنهن کان پوءِ ئي ڪنهن

بئي شهر ۾ ملڪ ڏانهن اُسهَندس. ابن بطوطہ چين کان سواءِ گهڻو ڪري فقط اسلامي دنيا گُهميو ڇو تہ هو علمي لحاظ کان سُني اسلامي قانون يعني سُني فقه جو وڏو عالم هو. تنهنڪري هو اسلامي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ قاضي يعني جج جي اعليٰ عهدي تي فائز وڏي مانُ ۽ مرتبي سان رهيو. هن سنڌونديءَ ذريعي سڄي سنڌ ڏٺي. هو لاهري بندر بابت لکي ٿو تہ. هي تمام وڏو بندر آهي، جت فارس ۽ يمن جا تجارتي ٻيڙا ۽ سوداگر تمام گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. بندر جي ساليانی آمدنيءَ جو محصول سَٺ لک دينار هو. انهيءَ وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ملتان هو ۽ هجري سن 724 هو. سنڌ تي دهليءَ طرفان مقرر حاڪم امير سرتيز هو ۽ دهليءَ جو حاڪم محمد شاهہ تغلق هو.

آئون ٻانيان ٿو تہ. ابن بطوطہ توڙي مارڪو پولو ٻنهي عظيم سياحن کان مون مفاصلي جي نسبت سان ٻيڻو سفر ڪيو هوندو جنهن دؤران چاليهارو کن ملڪ ۾ هڪ سؤ کان بہ گهڻا شهر ڏسي وسي آيس. ايئن رب جي رحم سان مون لاءِ چِپر مڙئي چاڙڪي تي پيو. اهو سفر جو سلسلو اڃا بہ جاري آهي ۽ اميد تہ جيستائين صحت جو ساٿ رهيو تيستائين هلندو رهندو. هاڻي ڪافي ذميواريون گهٽيون آهن ۽ پنهنجي اولاد جي ذميوارانہ رَوَين ڪري پُٺيان جو ڪوبہ فڪر محسوس ڪونہ ٿو ڪريان.

هي ننڍڙو جهاز جڏهن سمنڊ جي ڪِناري پنهنجي جيٽيءَ سان لڳو تہ مسافر آهستي آهستي لهڻ لڳا. اسين بہ هيٺ لهي پاڻ ۾ مشورو ڪرڻ لڳاسين تہ گهر هلجي يا چڪر لڳائي پوءِ هلي گهر پيڙا ٿيون، ڇو تہ گهڻو ڪري استنبول جا مُک مذهبي، تاريخي ۽ سياحت لائق ماڳ مڪان ڏسي ورتا هئاسين. ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان ڪجھ رهجي بہ ويا هوندا، جيئن تہ اسان جي فلائيٽ سڀاڻي شام جو ستين بجي آهي. ايئرپورٽ تي پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ ۽ اتي اُڏام کان بہ ڪلاڪ اڳ پهچڻ گُهرجي. سو جيڪڏهن اسين شام جو ساڍي ڇئين بجي بہ روانا ٿياسين، تڏهن بہ سڀاڻي گُهمڻ لاءِ اسان وٽ ڪافي وقت هوندو. پر هينئر تہ گُهمڻ لاءِ تمام ٿورو وقت آهي، سو خيال ڪيوسين تہ اورتاڪوئي (Ortakoy) بيچ واري علائقي ڏانهن هلجي، اتي ڪنهن هوٽل ۾ ڪافي پيئجي، پوءِ اتي قائم شاپنگ مال جو چڪر لڳائي پوءِ گهر اچون، سو ٽيڪسي ڪري انهيءَ طرف

روانا ٿياسين. اڄڪلهه سڄي دنيا جا سياح استنبول شهر گُهمڻ اچن ٿا. انهن ۾ خاص ڪري اوپر يورپ، روس، جپان، آمريڪا، عرب ۽ روس کان آزاد ٿيل مسلمان ملڪن جا سياح هتي وڏي تعداد ۾ اچن. ترڪي هينئر زياده ۾ زياده سياح اچڻ وارن ملڪن جي لسٽ ۾ ائين نمبر تي آهي. سن 2011ع ۾ ٽي ڪروڙ پنجويهه لک سياح سڄي دنيا مان ڪهي ترڪي گُهمڻ آيا. يورپ ۽ آمريڪا ۾ توهان کي صرف عيسائيت جي تاريخ جي پسِمنظر ۾ هر ماڳ ۽ مڪان ڏيکاريو ويندو پر ترڪيءَ ۾ ٽن مُکيه مذهبن جهڙوڪ يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جا ڪيئي آثار، ماڳ مڪان ۽ يادگارون ڏسڻ لاءِ موجود آهن، جن جو ڪو جواب ئي ڪونهي.

❊

# وينس

اسان هاڻ سوئٽزرلينڊ جي موٽر وي کي ڇڏي اٽليءَ جي موٽر وي تان اٽليءَ جي هڪ حسين تاريخي شهر ۽ دنيا جي هڪ عجوبي وينس وڃي رهيا آهيون. اسان جو وينس اڳ بہ ڪيترا دفعا گُهميل آهي. يورپ جي پنجن ملڪن کان سواءِ يعني انگلينڊ، فرانس، جرمني، اٽلي ۽ فرانس کان سواءِ باقي ٻين ملڪن جي آدمشماري تمام گهٽ آهي. ڪن ملڪن جي آدمشاري تہ چند هزار بہ آهي. مثال طور ’مناڪو‘ جنهن جي آدمشماري صرف 26 سؤ آهي. يورپ جا ڪافي ملڪ اهڙا آهن، جو سندن آدمشماريءَ کان بہ مٿي سياح انهن ملڪن ۾ گهمڻ اچن. اٽلي بہ انهن ملڪن مان هڪ آهي. اٽليءَ جي آدمشماري جيڪا ڇهہ ڪروڙ آهي، پر صرف سن 2018ع دؤران اٽليءَ ۾ ڇهہ ڪروڙ ٻتيهہ لک سيلاني ۽ سياح گُهمڻ آيا هئا. اهڙيءَ ريت اٽليءَ کي دنيا ۾ پنجين نمبر تي گهڻن سياحت طرفان گُهمجندڙ ملڪ سڏيو ويو هو. اٽليءَ جو شهر روم تہ جديد قديم جو هڪ وڏو سنگم آهي. دنيا جا سياح گهڻو ڪري اٽليءَ جي شاهوڪار ثقافت، تاريخ، فيشن، فنون لطيفہ مخصوص کاڌن سُهڻن ساحلي ڪِنارن سان گڏ اٽليءَ جي قديم تهذيبي يادگار محلن، مندرن، جاين ۽ جڳهن کي ڏسڻ واسڻ ۽ لطف اندوز ٿيڻ ۽ ماضيءَ جي مزارن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ پرائڻ خاطر ايندا رهندا آهن. ڄاڻ تہ دنيا جي عالمي ورثي ۾ شامل ماڳن ۽ مڪانن ۾ سڀني کان گهڻو تعداد اٽليءَ جي ماڳن ۽ مڪانن جو آهي، مون کي روم شهر ڏاڍو وڻندو آهي. سياحن جي ايتري گهڻي تعداد جي ملڪ ۾ اچڻ سبب اٽليءَ ۾ سياحت وارو شعبو ملڪي معيشت ۾ خاطرخواه حد تائين نفعي بخش ثابت ٿيو آهي. انهيءَ شعبي مان تقريباً 189 ڏهائي ارب يورو روينيو حاصل ٿئي ٿو. سن 1929ع ڌاري اٽليءَ ۾ سياحت واري شعبي ۾ زوال شروع ٿيو ۽ ٻي عالمي لڙائيءَ کان پوءِ انهيءَ ۾ آهستي آهستي سُڌارو ۽ واڌارو ٿيڻ لڳو. ملڪ ۾ تفريحي ماڳن مڪانن ۽ تهذيبي آثارن کي مختلف فلمن ۽ ناٽڪن وسيلي دنيا جي اڳيان اجاگر ڪيو

ويو. تنهن کان سواءِ پنهنجي سُڌريل معيار زندگيءَ دنيا جي سيلاني ماڻهن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪيو. اٽليءَ جي صاحب حيثيت طبقي جا افراد موڪل وارن ڏينهن دؤران مختلف تفريحي ماڳن ۽ مڪانن تي سير ڪرڻ ۽ سُٺن هوٽلن تي کاڌو کائڻ ويندا رهندا آهن. ملڪي معاشي سُڌاري ۽ ترقيءَ سبب عام ماڻهو پڻ وندر وروُنهن توڙي سير ۽ تفريحي ڪرڻ جو شوقين آهي. سن 1960ع واري ڏهاڪي دؤران تفريحي ماڳن ۾ ٻين مناسب هنڌن تي ڪيترائي سَستا هوٽل ۽ هاسٽلون تعمير ڪيون ويون ته، جيئن سياحن کي گُهربل شيون ۽ ٻيون سهولتون جتي ڪٿي مُيسر هُجن. اهڙيءَ طرح سياحن جي تعداد ۾ مسلسل واڌارو ٿيندو رهيو. 1960ع واري ڏهاڪي دؤران پهاڙي وادين ۾ سير تفريح ۽ برف تي ڦٽين وسيلي تِرڪڻ واري راند اسڪيئنگ (Skiing) ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهربل تفريح گاهه ۽ آرام گاهه تعمير ڪيا ويا. مثلاً پيڊ مونٽ ۽ آئوسٽا پهاڙي وادين ۾ مذڪوره تفريح گاهن ۽ آرام گاهن جي اڏاوت زور شور سان چالو ڪئي وئي ته. ستر واري ڏهاڪي ۾ عالمي پرڏيهي سياحن جو گهڻو تعداد اٽليءَ اچڻ لڳو. پر انهيءَ عرصي ۾ اٽليءَ جي ڀيٽ ۾ ڏور اوير يعني اوير ايشيا جي ملڪن ۽ ڏکڻ آمريڪي رياستن ۾ به سياحت لاءِ گُهربل تفريح گاهون ۽ عشرت گاهون عالمي پيماني تي مشهوري ماڻي رهيون هيون. تنهنڪري اٽليءَ جي سياحت واري شعبي ۾ ڪجهه ٻاڙائي ۽ گهٽتائي ٿي. البت سن 1980ع ۽ 1990ع وارن ڏهاڪن دؤران اٽليءَ جو شهر ملان جدت ۽ فيشن جي عالمي مرڪز طور ترقي ڪري رهيو هو. تنهنڪري سياحن وڏي تعداد ۾ اٽليءَ ڏانهن اچڻ چالو ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ جي تعداد ۾ مسلسل واڌارو ٿيندو رهيو. آئون، مِنا، نور محمد ۽ ٻيا فيملي ميمبر به ڪيترا دفعا اٽلي گُهمي چڪا آهيون. مون کي روم ته نور محمد کي وينس وڻندا آهن. اتر اولهه اٽليءَ ۾ ڪيترائي تاريخي شهر موجود آهن. مثلاً: ٽُوارِن (Turin) شهر اٽليءَ جو صنعتي مرڪز آهي. ملان شهر ملڪ جو تجارتي مرڪز ۽ فيشن جو عالمي مرڪز آهي.

جينوئا جو بحري بندر جو حامل شهر ميٽان سيئي شهر سير و تفريح يعني سياحت جا مشهور مرڪز ٿي پيا آهن. تنهن کان سواءِ آئوسٽا، برگامو، بِريسڪا ۽ ڪومو نالن وارا شهر اٽليءَ جي ثقافتي ورثي جا درخشان گهوارا آهن. انهيءَ علائقي ۾ موجود گارڊا، ڪومو ۽ ميگيوري ڍنڍون توڙي حَسين واديون ثقافتي

ورثي جا زنده مثال آهن. تنهن کان سواءِ هتي جي پهاڙين وادين ۾ برفاني راندين جا مرڪز آهن. سيسترِيئَر، ڪورميئيئَر، بريئول، سورينيا، لِوگنو ۽ بورميو نالن سان موجود آهن. ذڪرڻ اٽليءَ واري ياڳي کي ميزوگِيورنو به سڏيو وڃي ٿو. روايتي کاڌي پيتي جي هوٽلن سان آراسته آهي. جتي کاڌو سستي اگهه تي دستياب آهي. هتي جا تمام حَسين سامونڊي ڪِنارا عام طور تي ڏيهي ماڻهن جي تفريح جا ماڳ آهن. پر اڄڪلهه اتي پرڏيهي سياح به وڏي انگ ۾ نظر ايندا آهن. هن علائقي جي نيپلز ۽ پومپيئي شهرن ۾ سياحن جو گهڻو تعداد ايندو آهي. ايملِفي ڪوسٽ راويلو بينيوينٽو ڪيسرٽا، سالرنو ۽ پوزولي به هن علائقي جا اهم سياحتي ماڳ آهن. اَبِرِيُوزو نالي قدرتي پارڪ يورپ ۾ سيني کان وڏيڪ سائو سُتابو پارڪ آهي. اَبِرِيُوزو نيشنل پارڪ گرانساسو ۽ مونٽي ڊيلا لاگا نيشنل پارڪ مائيلا نيشنل پارڪ ۽ سائرينتي ويلينو ريجنل پارڪ سدائين هزارين سياحن کي پاڻ ڏانهن آٽڻ جي قدرتي طور ڪشش رکندڙ حَسين واديون آهن. انهن پارڪ ۾ تيهن کان وڌيڪ جهنگلي جيوت جا قدرتي علائقا موجود آهن. اتي يورپ جي ستر سيڪڙو جهنگلي جيوت کي پاليو ۽ سنڀاليو پيو وڃي. ايپيوليا واري علائقي ۾ تاريخي شهر ليسي، بيري ۽ ڪيليبريا پنهنجي حَسين ساحلي ڪِناري سبب سياحن جي دلچسپيءَ جو باعث مشهور آهن. موسائيل علائقي جا مُکيه شهر ڪيمپوباسو ۽ اسرنيا آهن. هتي اهميت جو حامل ماڳ ڪِستل پيٽروسو واري باسيليڪا آهي، هن علائقي جو مُکيه شهر ڪيٽيٽنزيرو هجڻ باوجود گهڻا ماڻهو ريگيو ڪيليبرا شهر ۾ رهن ٿا. اٽليءَ جي بيٽن ۾ سسلي سيني کان وڏو بيٽ آهي. جنهن تي پالرمو ميسِينا ۽ گيٽينِيا سهڻا شهر آباد آهن. جتي قديم آثار ڪثرت ۾ موجود آهن. حَسين سامونڊي ڪِنارا ۽ مخصوص روايتي کاڌا تيار ڪري پيش ڪندڙ ڪيترائي هوٽل ۽ ريسٽورينٽ موجود آهن. هن سسلي بيٽ تي هڪڙو اهم ماڳ "وال ڊي نوٽو" نالي سان موجود آهي. سن 1693ع واري خطرناڪ زلزلي کان پوءِ بَروڪ طرز تعمير جون حامل ڪيترين ئي سهڻيون عمارتون اَڏيل آهن. اٽليءَ ۾ دنيا جا تمام گهڻا نهايت قديم سياحتي ماڳ مڪان موجود آهن. انهن جو تعلق قديم رومي جمهوريه سان آهي. انهن مان ڪجهه هينيان شهر جهڙوڪ: پومپيئي، نيپلس، اِسڪيا، ڪيپري ۽ خصوصاً بائتاءِ شاهوڪار رومي سماج جا گهوارا هئا. اڄ به پومپيئي

اٽليءَ جو ٽيون نمبر ۽ عالمي سطح تي انيتاليهون نمبر شهر قرار ڏنو ويو آهي، جتي هڪ سال دؤران پنجويهه لک سياح سير ۽ تفريح لاءِ ايندا رهن ٿا. اٽليءَ جي گاديءَ وارو شهر روم تہ دنيا ۾ سياحن لاءِ اجا بہ وڏيڪ پُرڪشش ماڳ طور وڏيڪ مشهور ٿيندو وڃي. سن 2006ع ۾ روم جي سير تي 63 لک پرڏيهي سياح آيا. سن 2014ع ۾ ستاسي لک اَسي هزار سياح آيا. تڏهن روم دنيا ۾ چوڏهون نمبر شهر قرار ڏنو ويو. جتي هيتري وڏي انگ ۾ سياح گُهمڻ آيا. روم شهر ۾ اسان کي اهڙا آثار بہ ڏٺا جيڪي سڪندر جي وقت جا ٺهيل آهن. مثال: روم شهر وچ ۾ ڪيئي اهڙيون پُلون آهن جيڪي اڄ بہ صحيح سلامت ۽ استعمال ۾ آهن. روم شهر ۾ ڏسڻ لائق مُکيہ ماڳ جهڙوڪ: ڪولوزيئم، سينٽ پيٽرو وارو باسيليڪا يعني گرجا گهر، پينٿيئنس ۽ بيا بہ ڪجهہ ماڳ مڪان عالمي ثقافتي ورثي ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جيڪي گڏيل قومن جي اِداري جي سارسنڀال هيٺ آهن. تنهن کان سواءِ ٽِريوي ڦوهارو، پياز انيوون، رومن فورم، ڪيسٽل سينٽ وارا اينجيلو سينٽ جان ليٽران وارو باسيليڪا، اسپَينشِ اسٽيپس ولا بورگيز پاڪ ٽراسٽيوفيئر ۽ جينيڪِيُولم سياحتي ماڳ مڪان آهن. سجاڳي ۽ نئين روشنيءَ واري عرصي دؤران تجديد ۽ ترقيءَ واري يورپ جي تاريخي دؤر ۾ اٽليءَ جي شهر فلورينس فن تعمير ۽ بين فنونِ لطيفہ ۾ خوب ترقي ڪرڻ سبب مشهور آهي. جڳ مشهور مصور ۽ مجسمہ ساز جو گهڙيل حضرت دائود عليه السلام جو سھڻو مجسمو بہ هن فلورينس ۾ نصب ٿيل آهي. فلورينس شهر ۾ مختلف فنون جا ڪيترائي عجائب گهر بہ موجود آهن.

پالرمو شهر سسلي ٻيٽ جي بادشاهت دؤران ان جي ۽ رومي ڪليسائي سلطنت جو ڪليسائي سلطان فريڊرڪ ثانيءَ جي ماتحت گاديءَ وارو شهر ٿي رهيو. پالرمو شهر پنهنجي تاريخ، عمارت سازيءَ ۽ مخصوص کاڌن جي ڪري عالمي سطح تي شهرت حاصل ڪئي آهي. تنهن کان سواءِ پالرمو شهر يوناني، رومي، عرب، وچ يورپ ۽ ازيگونيئن ثقافتي جي ميلاپ جو پڻ حامل شهر آهي.

اٽليءَ جو بولوگنا اهو شهر آهي، جتي اولهہ وارن ملڪن ۾ پهرئين يونيورسٽي قائم ڪئي وئي، پر دنيا جي پهرين يونيورسٽي موراڪو ۾ آهي، جيڪا اڄ بہ قائم آهي. هن شهر جي پڻ شاهوڪار تاريخ هنر ۽ ڪاريگري، صنعت ۽ حرفت توڙي اعليٰ قسم جي مخصوص کاڌن تي مشتمل آهي. اٽليءَ جا

ڪاڏا مون ڪي ڪونہ وڻن. مون ڪي ترڪي ۽ لبناني ڪاڏا وڻندا آهن.

اٽليءَ جو ”باري“ شهر پنهنجي بندر يونيورسٽيءَ سان گڏ سينٽ نڪولس واري شهر طور سُڃاتي ۽ سَڏجي ٿو. اهو شهر اپيُوليا علائقي جو مرڪز شهر نيلسن ڪان پوءِ ڏکڻ اٽليءَ ۾ ٻئي نمبر تي اقتصادديائي مرڪز طور ڳڻيو وڃي ٿو. اسان کي زيورڪ کان وينس وڃڻو هو. جيڪو ٻاءِ روڊ ڏون ڪلاڪن جو سفر هو. تنهنڪري اسان کي موٽر وي تي پنپهرن جو لنچ ۽ شام جو چانهہ پي، ٿورو ٿَڪ لاهي پوءِ اڳيان وڃڻو هو. سو اسان لنچ لاءِ هڪ هنڌ موٽر وي تي پنهنجي گاڏي بيهاري باٿ روم مان فريش ٿي اچي پنهنجي ڊائيننگ ٽيبل تي ويٺاسين. هت اهڙي موٽر وي جي هوٽلن تي ماني خود ڪائونٽر تان ڪٽي اچي کائڻي ٿي پئي. باقي ماني ڪاڏل ٿانوَ هنن ئي ڪنيا. اسان اٽليءَ جا پيزا، ٿورا چانور، سلاد ۽ جوس ڪنيو. هوٽل اندر تمام گهڻي رش هئي ۽ ملڪ ملڪ جا لاتعداد ماڻهو نظر آيا. توهان کي هاڻ دنيا جي هر ملڪ ۾ چيني سياح بہ وڏي تعداد ۾ نظر ايندا. اسان جي هوٽل جي ڊائيننگ هال ٻاهران شيشي مان ٻاهر جو نظارو بہ ڏاڍو روح کي ريجهائيندڙ هو. ۽ هڪڙا سياح پئي آيا تہ ٻيا پئي ويا. اسان بہ ماني کائي ٻاهر اچي ڪافي فوٽا ڪڍيا، پوءِ پنهنجي ڪار ۾ چڙهي روانا ٿي وياسين. آئون چاهيان پيو تہ توهان کي موٽر تي هلندي هلندي سڄي اٽليءَ جي شهرن ۾ ماڳ مڪانن جي باري ۾ ٻُڌائيندو هلان. جيئن توهان جو ڪڏهن اٽليءَ وڃڻ ٿئي تہ آئون ئي توهان جو گائيڊ هجان.

اٽليءَ جو جينوئا شهر يورپ جي تاريخ جي وچئين دؤر ۾ بحري بندرن تي مشتمل اهم رياستن مان هڪ هو. هي نهايت دولتمند ۽ ڪثير جهتي عوامل جو حامل شهر آهي. سندس بحري بندر تجارت، عمارت سازيءَ ۽ سياحت جو اهم شهر آهي. ڪولمبس جينوئا شهر ۾ ڄائو هو. جينس سوٽ ۽ ان ۾ ڪم ايندڙ ٿلهو سوٽي ڪپڙو اَوَل اَوَل جينوئا وارن ڪاريگرن تيار ڪيو هو. پيزا پڻ اٽليءَ جي جهونن شهرن مان هڪ آهي. اهو پڻ بحري بندر واري رياست جو حامل رهيو آهي، هن شهر ۾ وچئين تاريخي دؤر دؤران ڪيترين ئي محل ماڙيون اَڏيون ويون هيون. جيڪي اڄ تائين عالمي سياحن واسطي پُرڪشش آهن. پيزا شهر ۾ هڪڙو عاليشان ٽاور بہ نهيل آهي، اهو نهڻ کان ڪجهہ وقت پوءِ هڪ طرف جُهڪي پيو ۽ جيتوڻيڪ سَوين سال گذرڻ باوجود اڃا تائين سالم بيٺو آهي ۽

ڪِرڻ يا ڀَڄي پوڻ کان بچي ويو آهي. پيزا شهر جي مشهوريءَ جو ڪارڻ اتي قائم ”لا نارميل يونيورسٽي“ بہ آهي. تمام گهڻا سياحت، مُڙيل ۽ جُهڪيل پيزا ٽاوَر ڏسڻ خاطر هتي ايندا رهندا آهن.

پيزا شهر وارو جُهڪيل ٽاوَر ڪنهن جي بہ نظر کان اوجهل ٿي نٿو سگهي. هي وچئين دؤر ۾ تعمير ٿيل شاهي گهنڊ وارو ٽاوَر دنيا جي عجوبن مان هڪ آهي. جنهن جي بناوت پڻ حيران ڪندڙ آهي. هي ٽاور هتي جي جڳ مشهور عمارتن ڊُومو بيپٽسٽري جي پر واري سبز ميدان تي اَڏيل آهي. مذڪوره جُهڪيل ٽاور سان هي ناگهاني حادثو سن 117ع ۾ پيش آيو. ٿيو هيئن تہ ٽاور جي منصوبي موجب ڪُل اَٺن طبقن يا ماڙن مان جڏهن شروعاتي ٽي ماڙ اَڏجي تيار ٿيا تہ ٽاور جو ڪجھ حصو زمين اندر ويهي رهيو ۽ اهو هڪ طرف جُهڪي پيو. تنهن کان پوءِ لڳاتار 180 سالن تائين انهيءَ جي جُهڪاءُ کي درست ڪري ان کي سِڌو ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا جي ڪيترن ئي ڪاريگرن کي گُهرايو ويو. نيٺ سن 1350ع ڌاري هڪ ماهر تعميرات نالي ٿوما سوڊي اينڊرياڊ اپونٽيڊيرا (Tomasso di Andrea da Pontedera) هي ڏُکيو ڪم ڪرڻ قبول ڪيو ۽ ٽاور جوڙ راس ڪيائين. گذريل اَٺن صدين کان وٺي اڄ تائين اهو پنهنجو جُهڪاءُ برقرار رکيو اچي. 1999ع ۾ پيزا ٽاور جي جُهڪاءُ واري حيثيت کي متاثر ڪرڻ بنا ان جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ محتاط طريقي سان ڪم شروع ڪيو ويو تہ جيئن هن تاريخي علامت کي ڪِرڻ کان بچايو وڃي ۽ هن جي جُهڪاءُ واري جڳ مشهور علامت بہ برقرار رهي. ان مقصد لاءِ ڊرل ذريعي احتياط سان مٽي ڪڍي ان جي جاءِ تي شيهو لڳايو ويو. جو پيزا ٽاور جو جُهڪاءُ بہ متاثر نہ ٿيو ۽ جادوئي ٽاور پنهنجي پوري جوبن سان برقرار رهيو. ٽيورن يا ٽورينو سارڊينيا پيٽ جي گاديءَ واري شهر کان پوءِ اٽليءَ جي گاديءَ وارو هنڌ بہ مقرر ٿيو. اهو واقعو سارڊينيا پيٽ اٽلي رياست ۾ زِم ٿيڻ وقت عمل ۾ آيو. ٽيورن شهر ۾ دنيا جي مشهور فيات موٽر ڪمپني پڻ قائم آهي. هي شهر حقيقتاً اٽليءَ جو وڏو صنعتي مرڪز آهي، جتي موٽرن جي ڪيترن ئي ڪارخانن سان گڏ هوائي جهاز ٺاهڻ جا پڻ ڪارخانا قائم آهن. دنيا جا مشهور فٽ بال راند جا بہ ڪلب جيُو وينس فٽ بال ڪلب ۽ ٽورينو فٽ بال ڪلب موجود آهن. سن 2006ع ۾ سياري واريون اولمپڪ رانديون

هن ٽيورن شهر ۾ منعقد ٿيون هيون. اٽليءَ جو شهر وينس جنهن کي اُتي جا ماڻهو ”وينيزيا“ بہ چوندا آهن. سمنڊ جي ڪِناري تي تانگهي پاڻيءَ اندر اَڏيو ويو آهي. تنهن ڪري وينس شهر جا سمورا رستا ۽ گهٽيون خشڪ نہ پر پاڻيءَ سان ڀريل آهن ۽ شهر ۾ اچڻ وڃڻ ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ لاءِ ٻيڙيون ۽ لانچون هلايون وينديون آهن. تنهنڪري هي شهر سڄي جهان ۾ مشهور آهي. ميورينو ٻيٽ وينس شهر سان ملنڊڙ آهي، جتي نرالي قسم جا شيشيا تخليق ڪيا وڃن ٿا. جن وسيلي مختلف شين کي ننڍو ۽ وڏو ڪري تحقيقي عمل ڪيو وڃي ٿو. وينس شهر ۾ سينٽ مارڪ واري اسڪوائر ۾ سياحن جا اونهاري دؤران سدائين ڳاهٽ هوندا آهن. سن 2016ع جي نومبر جي مهيني ۾ سياح تمام گهٽي تعداد ۾ آيا، تہ سرڪار کي انهن کي مُنهن ڏيڻ ڏکيو ٿيو پيو ۽ هن عجيب ثقافتي ورثي جي حفاظت بابت تشويش ٿي پئي. اٽليءَ جي اقتصادي حيثيت يورپ ۾ چوٿون نمبر وڏي قومي اقتصادي قوت جي حامل آهي. انهيءَ جي نامينل جِي. ڊِي. پي دنيا ۾ اَٺون نمبر وڏي آهي. دنيا ۾ ترقي يافتہ ۽ مستحڪم اقتصادي ملڪ هجڻ ڪري اٽلي يورپيئن يونين، يوروزون او. اِي. سي. ڊي جي سيون ۽ جي ٽوينٽي نالن سان معاشي/مالياتي اِدارن يا تنظيمن جو تخليقڪار ميمبر ٿي آهي. سن 2016ع ۾ 514 ارب ڊالرن جو برآمدي واپار ڪري دنيا جو اَٺون نمبر وڏو برآمدي واپار ڪندڙ ملڪ قرار ڏنو ويو. اٽليءَ جي پرڏيهي واپار جو تقريباً 59 سيڪڙو يورپيئن يونين جي ملڪن سان ٿيندڙ آهي. مارڪيٽ ۾ پائيواري حساب سان ساڻس پائيوار ملڪ جرمني 12.6 سيڪڙو، سوئٽزرليند 5.7 سيڪڙو، برطانيہ 4.7 سيڪڙو ۽ اسپين 4.4 سيڪڙو پائيوار آهن. عالمي جنگين دؤران اٽليءَ جي زراعت تي مشتمل اقتصادي نظام کي سخت ڇيهو رسيو پر هن قوم عالمي جنگين کان پوءِ ڳُهربل محنت ڪري نہ فقط پنهنجي معيشت کي مثبت انداز سان سنڀالي پاڻ پيرو ڪيو، پر پنهنجي معيشت جو مُکيہ وسيلو صنعت کي بنائي اٽلي دنيا جو مضبوط معاشي سگهہ وارو ملڪ ٿي پيو ۽ عالمي واپار ۽ برآمدات ۾ دنيا جي مُکيہ ملڪن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هيومين ڊولپمينٽ انڊيڪس نالي عالمي اقتصادي تجزيہ ڪندڙ اِداري جي رپورٽ موجب اٽليءَ جو معيار زندگي تمام اوچو آهي. اڪانامسٽ جريدي موجب اٽلي دنيا جي ملڪن ۾ اَٺين نمبر تي زندگيءَ جي اعليٰ ترين معيار جو حامل ملڪ آهي. اٽليءَ ۾ پوري

دنيا اندر ٽئين نمبر تي سون جو سڀني کان گهڻو ذخيرو موجود آهي. اٽلي يورپيئن يونين جي سڀني ملڪن ۾ ٽئين نمبر تي سڀني کان گهڻو حصو ڏيندڙ ملڪ آهي. اٽلي خانگي ملڪيت جي حوالي سان بہ دنيا جي شاهوڪار ترين ملڪن ۾ شامل آهي. هي ملڪ گهڻي صنعت پيداوار اپائيندڙ ۽ دنيا ۾ تمام گهڻي روانگي تجارت ڪندڙ ملڪ پڻ آهي. مثال طور: ڪيتريون ئي مشينون، ڪلون، موٽر ڪارون ۽ ٻيون آٽو موبائيل گاڏيون، روبوٽ، دوائون، گهرو سامان، فرنيچر، مختلف ڪاڏا، ڪپڙو ۽ تيار ڪپڙا وغيره ڏيساور ۾ وڪڻندو آهي. تنهنڪري انهيءَ جو روانگي واپار زبردست آهي. صنعتي واپار سان گڏ اٽلي زرعي شعبي مان بہ تمام گهڻو ڪمائيندڙ ملڪ آهي. مثلاً: اهو دنيا ۾ سڀني کان گهڻو شراب ٺاهيندڙ ۽ دنيا ۾ وڪرو ڪندڙ ملڪ پڻ آهي. اٽليءَ جي آٽو موبائيل انڊسٽري دنيا ۾ تمام اعليٰ قسم جون موٽرون ۽ گاڏيون ٺاهيندڙ ملڪ آهي، تہ انهيءَ سان گڏ بحري جهاز، روزمره ڪم ايندڙ مشينري، اوزار ۽ دنيا جي جديد فيشن جي مصنوعات تيار ڪندڙ ملڪ بہ آهي. انهن سمورين مصنوعات جي تياري ۽ واپار کان سواءِ عشرتي مصنوعات جو يورپ ۾ سڀني کان وڏو مرڪز ۽ پوري دنيا ۾ ٽيون نمبر سڀني کان وڏو مرڪز آهي. متي ڄاڻايل سمورن مثبت پهلوئن سان گڏ اڄڪلهہ اهو ساليانی ترقيءَ ۾ لاٽ جو مرتڪب بہ ٿيو آهي. سرڪاري قرض ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ معيار زندگيءَ ۾ اُتر ڏکڻ جو فرق شروع ٿيو آهي. مثلاً: اتر ۽ وچ اٽليءَ جي ماڻهن جي ساليانی في ڪس آمدني، يورپيئن يونين جي سراسري ساليانی في ڪس آمدنيءَ کان گهڻي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ ڏکڻ اٽلي ۾ اها يورپيئن يونين واري سراسري في ڪس آمدنيءَ کان گهٽ آهي. بيروزگاري بہ ڪجهہ قدر وڌي آهي. هاڻي وري اٽليءَ جي معيشت ۾ سُڌاري جي لهر چالو ٿي. بئنڪاري نظام ۾ اصلاح آندو ويو ۽ روانگي واپار ۾ اضافو ٿيڻ سبب معاشي ترقيءَ ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. يورپي يونين ٺهڻ کان پوءِ هي ملڪ هاڻ يورپي يونين جي گهٽ معيشت وارن ملڪن جي گهڻي مدد ڪري جنهن جو مثال يونين ۽ پورچوگال آهن ۽ اسپين بہ اڳ اهڙو ترقي يافتہ ملڪ ڪونہ هو. جهڙو اڄ آهي. يورپي ملڪن ۾ اسپين جهڙي نموني پنهنجي ملڪ کي سياحت ڪري هرهنڌ انفراسٽرڪچر ٺاهيو آهي. وڏن سان گڏ ننڍن شهرن ۾ بہ اهڙي ترقي يافتہ نظام يورپ جي مون کي چند ملڪن ۾ ڏسڻ ۾ آيو. اسان کي سوئٽزرليند جي شهر

زيورڪ مان نِڪرندي ڇهه ڪلاڪ کن ٿي ويا هئا. پهرين ٽن ڪلاڪن ۾ اسان هڪ هنڌ ٽَرسي ماني کاڌي ۽ اسان هاڻ چاهيو ٿي تہ ڪٿ بيهي چانهہ پيئون ۽ ڪجهہ آرام ڪري پوءِ اڳيان وڃون. اسان هڪ جڳهہ تي جت بي مثال هوٽلون هيون. اُت هڪ ڪار اسٽينڊ ۾ پنهنجي ڪار بيهاري حَسين پهاڙين، ڍنڍ ۽ چوڌطرف سرسبز ڍڳهن وڻن ۽ ڪشادن پارڪن مان گُذرندا اچي هڪ هوٽل پيڙا ٿياسين. يورپ ۾ هت اهڙين وچ وچ تي هوٽلن ۽ پيٽرول پمپ، ٽڪ شاپس ۽ عاليشان باٿ رومن تي وڏي رش ٿئي. پر هت هوٽل ٻاهران بہ وڏي تعداد ۾ ماڻهو ٻاهر بہ ماني، ڪافي يا آئيس ڪريم کائي رهيا هئا. هينئر سنڌ ۾ بہ مُک سُنا رستا ٺهڻ ڪري نئي ڪراچيءَ وچ ۾ روڊ رستن تي بيشمار سُٺيون هوٽلون کُلي ويون آهن. اسان ڪڏهن ڪڏهن گهاري پرسان هڪ تمام وڏي هوٽل تي ويهي ڪافي وقت هن هوٽل تي ماني کائيندا هئاسين. هوٽل ٻاهران ايئرڪنڊيشن، سوئمنگ پول، ٻارن جي راندين لاءِ پلي گرائونڊ بہ ٺهيل آهي، پر هاڻ انهيءَ هوٽل ۾ جيڪا پهريائين رش هئي سا هاڻ ڪانهي. هوٽن بہ مون ڏٺو آهي تہ هوٽل، وڪيل ۽ ڊاڪٽر مشهور ٿي وڃن تہ پوءِ اهي صرف پنهنجي نالي ڪري سڄي زندگي ڪمائيندا رهندا آهن.

اسان اسڪول دؤر پوءِ ڪاليج دؤر ۾ اڪثر انگريزي فلمون ڏِسڻ حيدرآباد کان ڪراچيءَ ايندا هئاسين. صبح سوير ريل ڪار ۾ حيدرآباد کان ڪراچيءَ وڃبو هو. گُهمي ڦري فلم ڏسي پوءِ واپس رات جو اُتان نَوين بجي خيبر ميل ۾ چڙهي ٻارهين بجي حيدرآباد واپس پهچي ويندا هئاسين ۽ ڪراچيءَ ۾ هميشه اسان ڪوشش ڪري ڪيفي اسٽوڊنٽس تي ماني کائيندا هئاسين ۽ هاڻ هن هوٽل جو نالو اسٽوڊنٽس برياني آهي. اڄ تائين هوٽل اڄ بہ نئين سِر ٺهيل تي ماڙ هوٽل آهي ۽ ان جون ڪيٽريون برانچون ڪراچيءَ جي ٻين علائقن ۾ بہ آهن. تنهن کان سواءِ سپر هاءِ وي تي بہ ڪيٽريون وڏيون وڏيون هوٽلون ٺهي ويون آهن. اسان حيدرآباد کان رات جو ڪڏهن ٻني ويندا آهيون تہ ٽنڊي محمد خان ۾ ماتلي روڊ تي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ هوٽل ٻاهران سَوين ماڻهو رات وقت اُت ماني کائيندي نظر ايندا آهن. اسان ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ هوٽل تان ٽِڪا، ڪباب يا ڪڙهائي گوشت پيڪ ڪري وٺي ويندا آهيون. سڀ ائٽم ڏاڍا لذين هوندا آهن.

آئون فيمليءَ سوڌو گھڻو ڪري پٽ شاھہ جي ميلي تي ويندو آھيان. ھن سال بہ آئون، مِنا، سپي، رانيہ ۽ مناھل پٽ شاھہ ميلي تي وياسين. ڏاڍي ٻُڪ لڳي، جيتوڻيڪ سيني ماڻھن لاءِ درگاھہ اندر لنگر جو وڏو پيماني تي بندوبست ٿيل ھو ۽ بيشمار ماڻھن لنگر تان ماني وٺي پئي کاڌي ۽ڏِسڻ ۾ سُني ۽ تازي نظر پئي آئي. سو اسان پٽ شاھہ درگاھہ ھيٺان سيڙھين تان ھڪ منائيءَ واري جي دڪاندار کان پُڇيو تہ پٽ شاھہ ۾ ماني کائڻ جي ڪا سُني ھوٽل آھي. سو اسان کان پُڇيئين تہ توھان وٽ پنھنجي گاڏي آھي. مون کيس ھا ۾ جواب ڏنو تہ، پاڻ چيائين تہ، سائين ھالا ھتان کان چند ميلن تي آھي، ھالا کان ٿورو ٻاھران سپر مدينہ نالي ھڪ کاڌي جي ڏاڍي سُني ھوٽل آھي. اُت وڃي ماني کائو مِنا ۽ سِپي جڏھن بہ پٽ شاھہ اچن تہ ھالا شھر مان تمام گھڻيون ھالا جو روايتي سامان خريد ڪن، جنھن ۾ ڪتن جا پاوا، صنديلون، ويلڻ ۽ ڪاشيءَ جا گُلدان، ڪونديون، فَراسيون، سوسيءَ جا ڪپڙا ۽ اجرڪون ۽ مون لاءِ ۽ محبوب فرخ لاءِ ڪدر جا ڪپڙا ۽ ٻيو پڻ ڪافي سامان خريد ڪن. سو ھالا تہ وڃڻو ئي وڃڻو ھو. اسان بہ ميل ڪن اڳيان وياسين تہ ھڪ پيٽرول پمپ پرسان تمام وڏي ھوٽل ھئي. ھوٽل اڳيان بَسُون، ويگنون ۽ ڪافي ڪارون بيٺل ھيون ۽ ھن ھوٽل ٻاھران عام ماڻھن لاءِ ۽ پُٺيان فيمليز لاءِ وڏي ايئرڪنڊيشن ھوٽل ھئي، جتي وڏي تعداد ۾ ڪافي ماڻھو پنھنجي فيملين سان گڏ ماني کائي رھيا ھئا. پرسان ئي صرف ھوٽل گراھڪن عورتن ۽ مردن جا صاف سُترا باٿ روم ھئا. انھيءَ سان گڏ وڏي ڪمري ۾ مسجد ھئي. جنھن اندر ايئرڪنڊيشن لڳو پيو ھو ۽ سڄي مسجد ۾ نئون صاف سُٿرو ڪارپيٽ وڇايل ھو. ھوٽل اندر ٻاھران ھڪ ئي وقت بہ سؤ ڪن ماڻھن جي ھڪ ئي وقت ويھي ماني کائي سگھيا ٿي. مانيءَ جا برتن ۽ ماني ايڏي تہ سُني ھئي جو منھنجي ڏوھٽيءَ رانيہ چيو تہ بابا ھتان ڪجھہ پيڪ ڪري ڪٽي ھلون.

سو اسان بہ ھت اٽليءَ جي موٽر وي تي ھوٽل مان ماني ڪٽي اچي ٻاھر ھڪ ٽيبل تي ويھي ماني کاڌي. چؤطرف سَوَن جي تعداد ۾ ٽوئرسٽ ويٺل ھئا. جيڪي مختلف زبانون ڳالھائي رھيا ھئا. پر اسان کي ھت ھڪ بہ ماڻھو انگريزي ڳالھائيندي ڪونہ ڏٺو. اسان جيئن تہ وڏي مسافريءَ کان پوءِ ھت پھتاسين تنھنڪري ھت ڪجھہ وقت آرام ڪري پوءِ اڳيان پنھنجي منزل اٽليءَ جي ھڪ

حسين عجوبو شهر وينس هئي. اٽلي تمام شاهوڪار ملڪ آهي، پر ملڪ جي روڊ رستن جو اهو اسٽينڊرڊ ڪونہ هو جيڪو يورپ جي ٻين ملڪن جو هو. هت مانيءَ ۾ پنهنجي آچار سان ملندڙ جُلندڙ آچار بہ فريءَ ۾ ڏيندا هئا. هت موسم يورپ جي ملڪن جهڙي ٿڌي نہ پر پنهنجي ملڪ جهڙي گرم آهي. جنهنڪري گهر ۾ بہ پنهنجي ملڪ جهڙا هئا. مثلاً: گهرن ۾ دَريون، ورانڊا ۽ ڇتين ۾ پَکا لڳل هئا. هتي ڪافي تعداد ۾ ماڻهو مڇون بہ رکندا آهن، اڄڪلهہ يورپ جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ ننڍيون ڏاڙهيون بہ رکن. اڳ ائين ڪونہ هوندو هو. پر هينئر جڻ اهو يورپ ۾ فيشن ٿي ويو هو. اسان جت وينا هئاسين اُت هڪ پهاڙيءَ تان آبشار جو پاڻي بہ هيٺ ڪِري رهيو هو. هن منظر جا وڏي تعداد ۾ ماڻهو فوٽا ڪيدي رهيا هئا ۽ اسان بہ هت هڪ ٻئي جي ڪيترا سارا فوٽا ڪڍيا.

اسان هاڻ اٽليءَ جي موٽر وي تي اچي پنهنجي اٽليءَ جي آخري منزل وينس ڏانهن وڃي رهيا آهيون، اسان کي هاڻ وينس پهچڻ ۾ اجا بہ ٽي ڪلاڪ لڳندا. آسمان ۾ وڏا وڏا اڇا ڪڪر تيزيءَ سان ڊوڙي رهيا آهن. بہ طرفي موٽر وي وچ ۾ فٽ پاٿ نما ننڍي گُلن ۽ وڻن لاءِ نهيل جڳهہ جنهن تي ننڍا وڏا وڻ ۽ گُل لڳل آهن. جيڪي هوا ۾ لُڏي لمي رهيا آهن. ٻنهي طرفن کان روڊ جي مڪئي، ڪڻڪ، جوئر جو فصل ۽ زيتون جا وڻ وڏي تعداد ۾ پوکيل آهن. سڄي يورپ ۾ زياده ۾ زياده زراعت اٽلي ۾ ٿئي ۽ اٽليءَ جو زيتون جو تيل سڄي دنيا پنهنجي استعمال لاءِ وٺي. چون ٿا تہ زيتون جي تيل جي استعمال سان دل جون بيماريون گهٽ ٿين ۽ انهيءَ ڪري اٽليءَ ۾ دل جون بيماريون سڄي دنيا ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٿين. دنيا ۾ صرف هڪ ماڻهو اهڙو آهي، جنهن جي دل ساڄي طرف آهي سو بہ اٽليءَ جو آهي. اٽليءَ جي گاديءَ واري شهر لاءِ سڄي دنيا هزارن سالن کان چئي ٿي تہ:

1. Rome was buring Nero was fiding.
2. Rome was not build a day.
3. Do in Rome as Roman do.
4. All Road Leads to Rome.

آخري سِٽ ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ سڄي دنيا جا رستا صرف روم شهر ڏانهن وڃن ٿا. پر هاڻ سائين دنيا جا سڀ روم نہ پر آمريڪا ۽ هاڻ چين ڏانهن بہ وڃڻ

شروع ٿيا آهن. واقعي دنيا تي پهريائين يونانين، پوءِ رومنس پوءِ مسلمانن. مسلمانن کان پوءِ انگريزن تنهن بعد آمريڪا ۾ هاڻ لڳي پيو ته چين ۽ ايندڙ ويهن سالن ۾ چائينا به هڪ تمام وڏو سپر پاور ٿي دنيا ۾ اُڀرندو. جنهن جون جهلڪيون هينئر ئي دنيا ڏسي رهي آهي. پاڻ وٽ پاڪستان ۾ گهڻو وقت اڳ ڪارن، ٽرڪن ۽ بسن وانگر ٽريڪٽر به آمريڪا ۽ يورپ جا استعمال ٿيندا هئا. ڪارن ۾ فورڊ، بيوڪ، شيورليٽ، فيئٽ، فاڪس ويگن ۽ ٽريڪٽرن ۾ فيئٽ، ميسي فورڊ استعمال ٿيندا هئا، پر جاپان جي ڪارن ۽ روس جي ٽريڪٽرن اچڻ ڪري اها ٽرانسپورٽ جي ٽريڊ پاڪستان ۾ جڻ ته هميشه لاءِ ختم ٿي وئي، پر يورپ ۾ هر هنڌ يورپ جا ئي ٽريڪٽر استعمال ٿيندي ڏٺا ۽ هينئر به اسان ڏسي رهيا آهيون، زمينن ۾ اٽليءَ جو ٽريڪٽر فيئٽ جت ڪٽ ڪم ڪري رهيا آهن. اٽليءَ جو سامونڊي ڪِنارو وسيع هئڻ ڪري سڄي دنيا مان غير قانوني ماڻهو پهريائين سامونڊي جهازن ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي اٽليءَ ۾ اچڻ کان پوءِ يورپ جي ٻين ملڪن ڏانهن وڃن. انهن غير قانوني ماڻهن ۾ پاڪستاني پنجابين جو به وڏو تعداد هوندو آهي، ڪيترا ماڻهو انهيءَ غير قانوني سفر ۾ سامونڊي جهازن ۾ ساهه گُهٽجڻ سبب مري ويندا آهن، ته ڪي وري ٻيڙيون اُٿلڻ ڪري ٻُڏي مري ويندا آهن. انهيءَ غير قانوني ڏنڌي ۾ اٽليءَ جا جهازران ۽ ماڻهو به وڏي تعداد ۾ شامل هوندا آهن. هونئن به اٽليءَ وارن جو نعرو آهي ته: Via- San- Pietro يعني: عورت، پئسو ۽ ڏوهه.

اٽلي قديم رومي شهنشاهت کان وٺي عظيم روايتن جو حامل رهيو آهي. اوڻيهين صديءَ جي اڌ ۾ ملڪي اتحاد ٿيڻ کان وٺي يعني هن علائقي جي سمورين ننڍين رياستن جو اٽليءَ ۾ شامل ٿيڻ کان وٺي 1946ع تائين اٽليءَ ۾ بادشاهت قائم هئي. تنهن کان پوءِ هتي پارليامينٽري جمهوري نظام حڪومت قائم ٿيو ۽ 1948ع ۾ جوڙيل آئين موجب حڪومت هلي رهي آهي. انتظامي لحاظ کان ملڪ ڪيئي ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. جن کي ترتيبوار ريجن، پروانس ۽ ميونسپالٽيز سَڏيو وڃي ٿو. اهي سمورا مڪاني ادارا ڪافي حد تائين خودمختيار آهن. خصوصاً ريجن جيڪي اقتصادي ترقيءَ جي لحاظ کان ٻين انتظامي ايڪائين کان گهڻو مختلف آهن. سياسي طور ملڪ ۾ گهڻيون پارٽيون ۽ تنظيمون آهن. ڪرسچن ڊيموريٽڪ پارٽي ۽ اٽليءَ جي ڪميونسٽ پارٽي

ملڪ جون مُکيہ سياسي پارٽيون آهن. جيڪي ڪُل ووٽن جو ٽيون يا چوٿون حصو اڪثر بيشتر حاصل ڪنديون آهن. تنهن ڪان سواءِ ننڍيون سياسي پارٽيون پڻ ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. انهن ۾ ساڄي ۽ کاٻي مرڪزي ڌُر جي خيالن جون حامل تنظيمون اچي وڃن ٿيون. مجموعي طرح ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ ڪنهن بہ پارٽيءَ ڪي واضح اڪثريت حاصل ٿي نہ سگهي آهي ۽ هيل تائين سموريون مخلوط حڪومتون نهايت ڪمزور ٿي رهيون آهن.

اٽلي يورپي اقتصادي (E.E.C) ۽ ڪائونسل آف يورپ جو ميمبر آهي. تنهن ڪان سواءِ ٻين عالمي تنظيمن سان پڻ وابستہ آهي. جاگرافيائي طور يورپ جي ڏکڻ واري ڏنگ تي هئڻ سبب ٻي عالمي جنگ ڪان پوءِ واري عرصي دؤران اٽلي ناٽو (NATO) واري فوجي معاهدي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

رومي اقتدار ڪان اڳ واري اٽلي ملڪ ۾ گهڻن ئي نسلن جا ماڻهو آباد هئا. جن جي رهڻي ڪهڻي توڙي گفتار ۽ سماجي صورتحال هڪ ٻئي ڪان مختلف هئي. انهن سمورن نسلن ۾ علائقائي توسيع پسنديءَ جو رجحان ڪارفرما هو. منجهن پاڙيسري رياست يونان جي ماڻهن جون خوبيون جهڙوڪ: شانُ، شوڪت، علمي پختگي ۽ فنونِ لطيفہ سان لڳاءُ پڻ موجود هو.

جيتوڻيڪ رومي سلطنت جي فتح ڪان پوءِ سموريون ننڍيون رياستون گڏيل شاهي رياست ۾ متحد ٿي ويون ۽ هڪڙو عاليشان متحد سياسي ثقافتي ۽ سماجي نظام برپا ٿيو هو. جنهن کي سال ۽ صديون ٿي ويون آهن. مگر ماڻهن جي اڪثريت علائقائيت ۾ مبتلا آهي ۽ اهي قديم علائقائي ايڪائين، جهڙوڪ: ليٽيم، ڪيمپينيا، اپوليا، بروٽيئم، نوڪانيہ، سامينيئم، پائيسينيئم، امبريا، ايٽروريا، وينيٽيا، لگوريا وغيره سان واڳيل رهيا آهن.

اٽلي جي قديم ايٽرسڪن قوم جي مذهب جو بنياد يونان ۽ روم وانگر گهڻن ديوتائن ۽ ديوين تي مشتمل هو. زندگيءَ جي مختلف مسئلن جي حل لاءِ انهن ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. مختلف قسم جا صدقا ۽ قربانيون ڏينديون هيون.

سندن عقيدي موجب ڪائنات سورهن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. جتي مختلف ديوتائن جا الڳ الڳ آستانا آهن. مثلاً: مُکيہ ديوتا اوڀر طرف رهن ٿا. مادي ديوتا ڏکڻ طرف رهندا آهن. ڪنور ۽ جابر ديوتا اولهہ طرف ۽ سڀ ڪان وڌيڪ طاقتور ۽ قادر

ديوتا اُتر طرف رهندا آهن. ايٽرسڪن ماڻهن جو اهو به عقيدو هو ته جاندار توڙي غير جاندار هر قسم جي مادي ۾ رهندڙ آهن. لاطيني لِيکڪن سندن مذهبي عقيدن کي ڊسيپلنيا ايٽرسڪا نالي ۾ مرتب ڪيو آهي.

سندن آسماني يا جنت مڪين عظيم ديوتا تِن (Tin) يا تِنيا (Tinia) آهي. ان جي حيثيت رومي ديوتا جيپٽر ۽ يوناني ديوتا زئيس واري آهي. هن ديوتا وٽ ڪنوڻ وارا هٿيار آهن. عظيم ماءُ ديوي يونِي (Uni) آهي. اها رومي ديوي هيرا ۽ جونو جي برابر آهي. سيٿلائن رومي ديوتا ولڪين جي برابر آهي.

ٽرمس يوناني ديوتا هرمس ۽ رومي ديوتا وانگر مرڪزي جي برابر آهي. اهڙيءَ طرح يونانين ۽ رومين ايٽرسڪن ماڻهو وٽ پڻ وڏي ديومالا قائم هئي. سندن ڪريا ڪرم پڻ رومين ۽ يونانين سان ملندڙ آهن.

ايٽرسڪن ماڻهو اوائل ۾ لاشن کي ساڙي سندن رَک مخصوص برتنن ۾ محفوظ ڪري رکندا هئا. بعد ۾ قبرن ۾ دفن ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ اهي تابوتن ۾ پڻ رکندا هئا. ۽ انهن تي فوتيءَ جي تصوير ناهيندا هئا.

اسان پهريائين وينس پهچي پنهنجي ڪار ڏهه منزلا ڪار پارڪنگ جي ستين ماڙ تي پارڪ ڪري پوءِ هيٺ لفٽ ۾ لهي اٽ ننڍي ريل ۾ چڙهي، اها ريل بلڪل دبئي ايئرپورٽ ۽ لنڊن جي گيٽ وڪ ايئرپورٽ تي هلندڙ ننڍي ٽرين جهڙي هئي؛ جنهن اسان کي آٽي سمنڊ ڪناري لاٿو. جتان اسان هڪ شِپ ۾ چڙهي اچي انهيءَ جيٽي تي لٿاسين. جنهن جيٽي لاءِ اسان جي اُت انتظار ڪندڙ گائيڊ اسان کي چيو هو اسان وڏي لانچ ۾ چڙهي هلندا هلندا اچي انهيءَ جيٽي تي پهتاسين. هي سچ لٿي جو وقت هو ۽ سچ لهڻ جو منظر بلڪل اهڙو هو جهڙوڪ پاڪستان ۾ هوندو آهي. اسان جي لانچ اسان کي آٽي انهيءَ جيٽي يا پتڻ تي لاٿو جت اسان کي لهڻو هو. اُت اسان جي انتظار ۾ هڪ اڌڙوٽ عورت بيٺل هئي. جنهن اسان کي ڏسڻ شرط پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ اسان کي وٺي اچي اسان جي ٻن ڪمرن واري گهر تي پهچايو. جيڪو نور محمد به ٽي مهينا اڳ بُڪ ڪرائي ڇڏيو هو. جيڪو اسان کي تمام سستو پيو. هن گهر ۾ ٻه بيڊ روم، هڪ ڊرائينگ روم، هڪ ننڍو پارڪ ۽ هڪ مناسب ڪِچن هو. هن اسان جا پاسپورٽ وٺي انهيءَ جا فوٽا ڪڍيا. ۽ ٽي فارم اسان کي ڏنا ته. اسان انهن کي پري واپس سندس حوالي ڪريون. باقي اسان جي هن گهر لاءِ رقم اڳ ۾ ئي ڏنل هئي،

هن مائيءَ اسان کي سمجهايو تہ واپس وڃڻ مهل قُلف ڏئي پوءِ توهان پلي هليا وڃجو. سڀ سمجهاڻيون ڏئي پاڻ اسان کان موڪلائي هلي وئي. وينس جا گهر ٻاهران گهڻو ڪري انهيءَ پُراڻي حالت ۾ برقرار آهن. جيڪي هي گهر سِرن سان ٺهيل سؤ سال اڳ هئا. سو جو مِنا هي گهر ٻاهران ڏٺو تہ ڏاڍي ناراض ٿي تہ هي مون کي ڪٿي وٺي آيا آهيو. پر جڏهن هي شاندار گهر اندران ڏٺئين ۽ منجهس پيل غاليچا ۽ فرنيچر ڏٺئين تہ حيران ٿي وئي. اسان ٿوري دير آرام ڪري، پهريائين گهر جو جائزو ورتي، پوءِ ڪِچن ڏٺوسين تہ ان ۾ ضرورت جي هر شيءِ اسان کان اڳ هت رهيل ڇڏي ويا هئا ۽ اسان بہ وري وڃڻ مهل انهيءَ کان وڌيڪ سامان ڪِچن جي استعمال جو هت ڇڏي پوءِ روانا ٿياسين. اسان سوچيو تہ هت ڪجهہ چڪر ۽ گهر لاءِ ضروري سامان خريد ڪري پوءِ اچي ماني تيار ڪري کائون ۽ آرام ڪريون. سو اسان جنهن رستي تان لانچ مان لهي هت آيا هئاسين تہ ان رستي رش بلڪل ڪانہ هئي. پر جڏهن گهمڻ واري علائقي ۾ داخل ٿياسين تہ ايڏي تہ رش هئي جو اسان اها رش ڏسي گهمڻ تان ئي هٿ ڪنيو نہ تہ اسان جو خيال هو تہ اسان رات جو هن رنگينن گوندولا ۾ سير ڪنداسين، پر هيڏي ساري رش اسان جو خيال بدلائي ڇڏيو. اسان گهر لاءِ بِن ڏينهن جو سامان خريد ڪري اچي گهر پيڙا ٿياسين ۽ خيال ڪيوسين تہ صبح سوير اُٿي گوندولا ۾ گُهمنداسين، سو وٺي اچي گهر پهتاسين. مِنا ماني تيار ڪئي سا کائي سُمهي رهياسين. هت سيني ڪمرن ۾ پَکا بہ لڳل هئا ۽ واقعي جي هت پکا نہ هجن ها تہ ننڊ ڏاڍي مشڪل سان اچي ها. دستور مطابق مِنا سوير اُٿي چانهہ ۽ ناشتو تيار ڪيو جيڪو کائي اسان صبح ڇهين بجي وينس جي سير تي نِڪتاسين، تہ اسان ماڻهن جي رش ڏسي حيران ٿي وياسين. گوندولا ۾ چڙهڻ لاءِ بہ ماڻهن جون لائينون لڳيون پيون هيون. پراگ شهر ۾ بہ وڏي رش هئي، پر هت وينس ۾ انهيءَ کان بہ گهڻي رش هئي. اسان گوندولا وارن کان پُڇيو تہ ڪيترا پئسا وٺندا. هن چيو تہ اڌ ڪلاڪ گُهمائڻ جا ٻارهن هزار پاڪستاني روپيا حڪومت طرفان اسان جي في مقرر ٿيل آهي. سو اسان هڪ ترڪي جوڙي کي پاڻ سان شامل ڪري اهو چڪر لڳايو تہ اهو اڌ ڪلاڪ جو سفر اسان کي ڇهن هزارن ۾ پيو. ترڪيءَ وارا بہ زال مڙس بہ چڱا هئا، پر ٻيڙيءَ ۾ لهڻ کان پوءِ اسان وري ڏٺا بہ ڪونہ. اسان کي وينس گُهمڻ لاءِ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات هو. صبح سوير اسان

کي هتان کان آسٽريا جي گاديءَ واري شهر ويانا وڃڻو هو. سو اسان هت سينٽ مارڪ چرچ، ريالٽو برج، ڊوگز پيلس، مارڪو پولو جو گهر ۽ هتان جي مارڪيٽن مان ڪجهه چمڙي جو سامان خريد ڪيو. چمڙي جي سامان جون شيون وينس جون سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. بوبيءَ ٻڇون ۽ جُتو خريد ڪيو. منا پنهنجي ۽ ٻارن لاءِ پَرس خريد ڪيا. جيسين هنن مارڪيٽن مان خريداري ڪئي، تيستائين آئون اچي ٻاهر هڪ بينچ تي ويهي رهيس، ته سمنڊ ۾ بيشمار سياح ننڍين ننڍين ٻيڙين ۾ جنهن کي هت چون ”گونڊولا“ ۾ وري وڏين گونڊولائن ۾ ميوزڪ وارو به هڪ ماڻهو هوندو آهي. جيڪو سڄي سفر ۾ ميوزڪ وڄائيندو رهندو آهي. راج ڪپور فلم ”میرا نام جوکر“ ۾ جيڪو گانو ”جانے کہاں گئے وہ دن گذرے تھے تیری یاد میں“ وينس جو گونڊولا ۾ وڄايل هڪ ميوزڪ تان نقل ڪيو آهي. هت تمام گهڻي رش هئڻ ڪري ٿوري دير لاءِ جيڪي سياح ٿَڪي پَٽ تي ويٺا، ڪجهه دير لاءِ ته کين پوليس ويهڻ ڪونه ڏنو ۽ اُٿاري ڇڏيو. اسان مارڪو پولو جي گهر اڳيان ڪافي فوٽا ڪڍيا. مارڪو پولو ابن بطوطه وانگر وڏو سياح هو. ابنِ بطوطه وڏو عالم فاضل هو. مارڪو پولو ۽ هن جو پُٽ نڪولو به سياح هو. جيڪو منگول دؤر ۾ پهريون يورپيئن جو سياح هو. جيڪو چين ويو. سترهن سالن جي عمر ۾ مارڪو پولو جي قبلائي خان سان ملاقات ٿي. جيڪو هن کان ايڏو ته متاثر ٿيو جو هن مارڪو پولو کي پنهنجي انڊيا ۽ برما ۾ سفير مقرر ڪيو. چوويهن سالن جي وقت کان پوءِ هي جڏهن واپس وينس آيو ته، هن کي وقت جي حاڪمن سان اختلاف ڪري جيل حوالي ڪيو ويو. هي وڏو واپاري ۽ ليکڪ هو. جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ شادي ڪيائين ۽ ڪيس تي ٻار ٿيا. پاڻ آخر ۾ وينس ۾ رهيو جت سندن وفات ٿي. کيس هڪ چرچ ۾ دفن ڪيو ويو. اسان ٻنپهرن جي ماني به هت کاڌي، شام ڌاري گهر وياسين. ٿورو آرام ڪري گُهمندا ڦرندا اچي سمنڊ ڪناري انهيءَ مُک چوڪ تي ويٺاسين. جت رات جون رنگينون ۽ روشنيون پنهنجي عروج تي هيون. چؤطرف روشنين جي جهرمر لڳي پئي هئي ۽ هزارن جي تعداد ۾ مختلف قومن جا ماڻهو مختلف زبانون ڳالهائيندا، هڪ عجيب منظر لڳي رهيو هو. مرد عورتون پٽ تي ليٽي، هڪٻئي مٿان ليٽي، هڪٻئي کي پيار ڪري هر ڳالهه کان بي نياز ڪچهريون ڪري ڪلي رهيا هئا.

کي ماڻهو دنيا مان ڪهي اچي هت شاديءَ جون تقريبون کُلي ٻيڙيءَ ۾ ڪندا آهن. انهن جوڙن لاءِ اسپيشل گونڊولا يا ان کان بہ وڏيون ٻيڙيون تيار ڪندا آهن. جنهن ۾ گهوٽ ڪنوار شاديءَ جي لباس ۾ هڪ مٿاهين هنڌ تي ويٺل هوندا آهن ۽ سندن مهمان هيٺ ويٺل هوندا آهن. مهمانن لاءِ هت مانيءَ ۽ راڳ جو بہ لاجواب بندوبست ٿيل هوندو آهي، مهمانن لاءِ وچ ۾ پيپل ڪاڌو بہ هڪ ننڍي خوبصورت شيشي جي ٻيڙيءَ ۾ پيپل هوندو آهي. هر مهمان اُن شيشي جي ٻيڙيءَ مان پنهنجو ڪاڌو ڪڍي ڪائي اهڙي تقريبن ۾ شراب، وائين ۽ شيمپئين جا تہ ڊرم پريا پيا هوندا آهن. آخر ۾ سڀ مهمان گڏجي ڳائيندا آهن. هي ميڙو سڄي رات هلندو رهندو آهي. مون سان گڏ توهان بہ وينس جي سياحت جي باري سربستو احوال ٻڌو.

اٽليءَ جو جڳ مشهور شهر وينس پنهنجي نرالي بيهڪ، اڏاوتي اسلوب ۽ آرٽ سبب دنيا جي سياحن يا سيلانين لاءِ تمام گهڻي اهميت توڙي ڪشش جو باعث آهي. سن 2017ع جي انگن اکرن موجب انهيءَ سال وينس شهر ۾ سراسري طور تي روزانہ سَٺ هزار سياح گُهمڻ ايندا رهيا. اهڙيءَ طرح هڪ سال ۾ اٽڪل ٽي ڪروڙ سير ۽ سفر جا شوقين سيلاني هتي ايندا رهندا آهن. تنهنڪري ايتري گهڻي تعداد ۾ سياحن جي هتي اچڻ ڪري گهڻا گڇا پيهہ ٿئي ٿي. جنهن سبب شهر جو سماجي توڙي فضائي ماحول تي منفي اثر پوڻ اٽڻ ٿيو پوي. سن 2017ع ۾ اقوام متحده جي يونيسڪو اداري طرفان وينس شهر کي بہ دنيا جي انهن شهرن جي فهرست ۾ شامل ڪرڻ بابت غور ڪيو ويو. جيڪي شهر جنگين يا ٻين ماحولياتي اسباب پٽاندڙ تباهہ ۽ برباد ٿيڻ وارا آهن ۽ خطرناڪ صورتحال جا حامل آهن. شهر جو ماحول خراب ڪندڙ سياحن جو تعداد گهٽائڻ لاءِ گُهربل پاليسي مرتب پئي ٿي ۽ شهر ۾ هلندڙ ڪروز ٻيڙين جو تعداد گهٽائڻ جو بہ فيصلو ڪيو ويو آهي.

حقيقت ۾ سڄي ملڪ جي سير ڪرڻ واري حسب معمول جامع پروگرام موافق وينس شهر جو سير اولين ترجيح جو سدائين حامل رهيو آهي. جنهنڪري شهر جي اقتصاديات جو مُکيہ دارومدار شهر جي سياحتي سرگرمين جي معروضي حالتن تي آهي. مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ. شهر جي معيشت جو دارومدار ارڙهين عيسوي صديءَ کان وٺي گهڻي ڀاڱي سياحتي ڪمائيءَ تي رهيو آهي. انهيءَ جي گواهي شهر جي تاريخي دستاويزن ۾ محفوظ آهي. اوڻيهين

عيسوي صديءَ ۾ وينس شهر شاهوڪار، صاحبانِ حيثيت ۽ مزاجاً لطف ۽ لذت جي شوقينن سياحن ۽ سيلانين لاءِ وندر ۽ وروندهن جو آماجگاهه ٿي رهيو. جتي مذڪور بيان ڪيل افراد ڊينيئلي هوٽل ڪيفي فلوريين ۽ اهڙين ٻين شهر ۾ موجود ڪيترين ئي رهائش جڳهين ۽ معياري ڪاڏي پيتي توڙي لطف ۽ لذت جي جوڳي بندوبست وارين هوٽلن تي عموماً شائقينن جا سدائين ڳاهٽ هوندا هئا ۽ اهڙين سياحتي سرگرمين جو تسلسل سڄي ويهين عيسوي صديءَ دؤران جاري ۽ ساري رهيو. جنهنڪري وينس شهر وڏيڪ شاهوڪار، ترقي يافته، لُطف ۽ لذت جي حوالي سان ساري جڳ ۾ مشهور ٿيو ته. ٻئي طرف شادماني ۽ خوشيءَ وارن آڳاٽن مقامي ڍڍاڻن کي جديد انداز ۾ بحال ڪري ملهائڻ جي شروعات سن اوڻيهه سؤ اَسي واري ڏهاڪي ۾ ٿي ۽ رقص ۽ موسيقيءَ تي مبني جلوس ۽ جلسا شهر جي رونق جون علامتون ٿي پيا. جن ۾ هڪ سالا ۽ ٻه سالا ڪيترائي جشن ملهائجڻ لڳا.

ساليانه فلمي ميلا ۽ ناٽڪي ڏڻ زور شور سان منعقد ٿيندا پئي رهيا آهن. انهن مجلس، ميلن ۽ جلسن جلوسن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ مذڪوره مزاج وارا شائقين حضرات دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ کان ڪهي وينس اچن ٿا ۽ پنهنجي من جون مُرادون پوريون ڪن ٿا. انهن مجلسن ۾ ڪيتريون ئي مقامي ثقافتي سرگرميون وڏي پيماني تي منعقد ٿينديون رهنديون آهن. موجوده دؤر ۾ ته وينس شهر ۾ سير تفريح، وندر وروندهن توڙي لطف ۽ لذت جي حوالي سان تمام گهڻا ماڳ مڪان، تاريخي جڳهيون، گِرجا گهر، محل ماڙيون، هوٽل، ڪيفي، ٿيئٽر، سئنيمائون ۽ نائيٽ ڪلب وغيره شهر جي هر گهٽيءَ ۽ گهيڙ تي ايندڙ شائقين جي آجيان خدمتگار، عُلمائن ۽ حورن مثل دائمي طور حاضر آهن. مثال طور: لڊو ڊي وينيريا نالي مشهور مرڪز ۾ فلمي صنعت سان وابسته اداڪارن، اداڪارائن ۽ سندن چاهيندڙ شائقين حضرات هزارن جي تعداد ۾ سدائين لُطف ۽ لذت ماڻڻ ۾ مشغول رهندا آهن، ته ٻئي طرف سينٽ مارڪ وارو باسيليڪا يعني گرجا گهر يعني عيسائين مذهب وارن لاءِ قائم ڪيل عبادتگاهه پنهنجي تعميراتي حسن سبب تاريخ جي عالمن، اديبن ۽ سياحن جي دلچسپيءَ جي مرڪز طور موجود آهي. تنهن کان سواءِ وينس شهر جي مُکيه گهٽي ۽ بازار طور گرانڊ ڪينال به مخصوص نقشو ۽ نظارو نروار ڪريو بيٺو آهي. پيازاسين مارڪو وري ساڳئي

علائقي ۾ هڪ عاليشان سپر مارڪيٽ جي صورت ۾ خريدارن لاءِ نهايت پُرڪشش مرڪز آهي، جتان منا ٻه دفعا ڪاڌ خوراڪ جو سامان خريد ڪيو. جيئن تہ هيءُ دنيا جو واحد شهر ديومالائي فڪر جي حامل جادوگر انجنيئرن سمنڊ جي تانگهي پاڻيءَ واري ڪناري پرسان پاڻيءَ ۾ تعمير ڪري انسانذات کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سڄي شهر جي رستن بدران پاڻي موجود آهي ۽ شهر ۾ اچڻ وڃڻ ۽ گهرن گهاٽن ۾ داخل ٿيڻ توڙي انهن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ مختلف قد ڪاٺ جون ننڍيون ٻيڙيون ۽ وڏا ٻيڙا ترندا هلن ٿا. ڇو تہ وينس شهر ۾ نرالي انداز سان ٽرئفڪ جو واحد وسيلو ٻيڙيون ئي آهن. قديم روايتي ٻيڙيءَ جو نالو گونڊولا آهي. ٻُن وسيلي هٿ سان هلائي ويندي آهي. وينس شهر جي آبي رستن ۽ گهٽين ۾ ڪِروز شپس يعني جديد بحري ٻيڙين ۾ سير ڪرڻ، جن ۾ ڪائڻ پيئڻ ۽ رهائش کان سواءِ راڳ، ناچ ۽ عشرت ڪلب بہ موجود آهن. تنهنڪري سياحن توڙي لُطف ۽ لذت جي طالبن کي شهر ۾ موجود هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ وڃڻ جي ضرورت نٿي پوي. تنهنڪري ڪروز شپس ۾ سير ۽ تفريح ڪرائڻ شهر جي معيشت ۾ چڱو خاصو قرار ڏنو پيو وڃي. سن 2015ع جي انگن اکرن موجب انهيءَ سال وينس جي ڪروز شپس ۾ سير ڪندڙ شائقين حضرات هڪ سؤ پنجاهہ ملين يورو کان بہ وڌيڪ پئسا ڪمايا. جيڪي اوٽيهہ ڪروڙ ٽيهہ لک آمريڪي ڊالرن کان بہ گهڻا پئسا آهن. وينس شهر کي دنيا ۾ سيلانين کي ڦاسائيندڙ شهر سڏيو ويندو آهي. دنيا ۾ ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ، وينس شهر پنهنجي نرالي بيهڪ ۽ پنهنجي جديد ثقافتي سرگرمين سبب هڪ اهڙو طلسمي عجائب گهر محسوس ٿو ٿئي، جتي روايتي عجائب گهرن جي ابتڙ جتي نمائش لاءِ سجايل سموريون شيون بي جان هونديون آهن. پر هن طلسمي عجائب ۾ سموريون شيون جيئريون جاڳنديون سجايل ۽ سنواريل آهن. تنهنڪري وينس شهر نہ پر اهو هڪ زندهہ جاويد عجائب گهر آهي. واقعي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ اهڙو عجوبو ڇو ناهيو ويو يا هي شهر هٿ ڪهڙي مقصد لاءِ جوڙيو ويو. هن شهر کي ڏسي ماڻهو اهو سوچڻ تي مجبور ٿيو پوي. مون هن جهڙو شهر ٻيو سڄي دنيا ۾ ڪِٿ بہ ڪونہ ڏٺو.

اولهہ يورپ توڙي دنيا جي ٻين شهرن جي ابتڙ پرڏيهي شوقين ماڻهن لُطف ۽ لذت جي دائمي حصول خاطر وينس شهر ۾ پنهنجون جايون جڳهيون سڄي دنيا

جي پيٽ ۾ تمام وڏي اگهه ۾ خريد ڪري وينس شهر کي پنهنجو دائمي مسڪن ۽ پنهنجو وطن اختيار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. چاڪاڻ ته شهر جا اصل رهواسي، غير متوقع طور تي پنهنجي گهرن جي سندن گُمان کان تمام گهڻي قيمت ملڻ سبب ڏارين ماڻهن کي تمام گهڻي خوشيءَ سان وِڪڻڻ لڳا آهن ۽ ٻين شهرن ۾ گهر خريد ڪري اتي پنهنجا ڪاروبار ڪندي خوش پيا گُذارين. وينس جي انهن شهرين طرفان پنهنجا گهر وِڪڻي وڃي ٻين شهرن ۾ آباد ٿيڻ واري عمل کي اٽليءَ جي صاحبان ادراڪ Elegant Decay يعني وينس جي اصل رهواسين جو شاندار زوال قرار ڏنو آهي. وينس شهر جي تاريخي ماحول شهر سان وابسته ڪينالن، هوٽلن، ڪلبن، عشرتگاهن ۽ شهر ۾ موجود سياحتي مرڪزن، ٿيئٽرن ۽ موسيقي گهرن جي ڪمائي جديد بحري ٻيڙين جي وينس شهر جي ڪينالن ۾ سياحن کي سير ڪرائڻ سبب تمام گهڻي گهٽجي وئي آهي، ڇو ته شهر ۾ ملندڙ سموريون گهربل شيون سياحن کي انهن تفريحي ڪروز ٻيڙين ۾ حقيون ٽڪيون مهيا ڪيون ويون آهن. تنهنڪري اٽلي سرڪار جي ٽرانسپورٽ واري وزارت دنيا جي مختلف ڪروز شپس جي ڪمپنين تي وينس شهر ۾ اچڻ تي بندش لڳائڻ بابت سنجيدگيءَ سان سوچي رهي آهي. جيئن ته وينس شهر معيشت جي خوشحالي بحال ٿئي. جيڪا هن وقت ايليگينيٽ ڊِڪي جي شڪار آهي. سن 2013ع ۾ اٽلي سرڪار چاليهه هزار ٽن ۽ ان کان وڌيڪ وزني ڪروز تفريحي ٻيڙين جي وينس شهر ۾ داخل ٿيڻ تي بندش لڳائي هئي، جنهن کي هڪ مقامي عدالت رد ڪري ڇڏيو. پر ڪجهه بين الاقوامي ڪروز ڪمپنين ڄاڻايو ته جيستائين وينس جي معيشت ۾ سُڌاري خاطر ڪنهن مستقل حل کي حاصل نٿو ڪيو وڃي، تيستائين اسين سرڪار طرفان لڳايل بندش کي قبول نه ڪنداسين. مثلاً: انهن مان پي اينڊ او ڪروز شپس ڪمپني اونهاري جي مند لاءِ سمورا چڪر لڳائڻ بند ڪري ڇڏيا. هالينڊ آمريڪا ڪروز ڪمپني پنهنجو هڪڙو ڪروز جهاز الاسڪا روانو ڪري ڇڏيو. ڪُونارڊ ڪروز ڪمپني به شهر ۾ پنهنجا چڪر گهٽائڻ لڳي. نتيجتاً سن 2016ع جي پيٽ ۾ عالمي ڪروز ڪمپنين يارهن ڏهائي چار سيڪڙو سندن چڪر گهٽائي ڇڏيا. هيءَ خبر پڻ عجب ۾ وِجهندڙ آهي ته. وينس شهر هڪڙي ساموندي ڍنڍ Lagoon جنهن جي ايراضي يا پکيڙ 550 چورس ڪلوميٽر آهي، انهيءَ ٽانگي پاٽيءَ واري ساموندي

ڍنڍ ۾ 118 ننڍڙن جزيرن يا ٻيٽن تي آڏيو ويو. انهن جزيرن کي ملائڻ لاءِ 177 ڪينالن تي چار سؤ ننڍيون وڏيون پُليون اڏيون ويون.

اوڻيهين عيسوي صديءَ ۾ سمنڊ جي ڪِناري يا خشڪيءَ تي پهچڻ لاءِ شهر جي خشڪيءَ کي ويجهي جزيري کان ڪِناري تائين پاڻيءَ اندر هڪڙو پڪو پختو رستو ٺاهي شهر ۽ ڪِناري کي انهيءَ رستي وسيلي ڳنڍيو شهر ۾ ٻيڙين کان سواءِ انهيءَ رستي وسيلي داخل ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو. بعد ۾ انهيءَ رستي کي وڌيڪ ويڪرو، اُوچو ۽ گُهرج آهر وڌيڪ پختو ۽ مضبوط بنائي انهيءَ تي ريل گاڏي هلائڻ لاءِ ريل جي پٽڙي وِڇائي وئي ۽ ريل گاڏي هلائڻ شروع ڪئي وئي. ضرورت پٽاندڙ پونتا ڊيلا لبرتا رستو ۽ ٽرمينل پارڪنگ لاءِ گُهربل مراعاتي بندوبست ٽروچيڪو جزيري تائين پيازيل روما جي تعمير ويهين عيسوي صديءَ دؤران ڪرائي وئي. اهو ريل گاڏيءَ وارو رستو شهر جي اترئين طرف رسڻ تائين محدود هو. باقي شهر جي مرڪزي علائقي توڙي اڳتي اوير- ڏکڻ ۽ اولهه طرف وارن جزيرن ڏانهن وڃڻ ۽ اچڻ اصلوڪي طريقي يعني پاڻيءَ تي ٻيڙين وسيلي ٿيندو آهي. وينس سڄي يورپ کنڊ اندر واحد وڏو شهر آهي. جنهن ۾ اجا تائين ڪارون، موٽرون يا ٽرڪون ڪونه هلنديون آهن. وينس شهر اندر واهن ۽ ڪينالن ۾ اصلوڪي هلندڙ ٻيڙيءَ جو نالو گونڊولا آهي. اهي ٻيڙيون شهر جي ماڻهن ۽ سياحن کي سير ڪرائڻ ۽ هڪ جزيري کان ٻئي جزيري يا ڪِناري تي پهچائڻ جو واحد ذريعو هئي. پر هاڻي ڪروز بحري جهازن انهن ٻيڙين جو ڌنڌو صفا ڦِٽائي ڇڏيو آهي. تنهنڪري هاڻي انهن ٻيڙين جو تعداد بلڪل گهٽجي ويو آهي ۽ انهن ٻيڙين ۾ ڪڏهن شاديءَ جا ڪجهه جاچي ڪنيا وڃن ٿا. تہ ڪڏهن ڪنهن جنازي کي اُڪاريو وڃي ٿو ۽ وِرلي چند سياح انهن ۾ سير ڪندي ڏسبا آهن. ڪجهه سال اڳ انهن گونڊولا ٻيڙين جو تعداد گهٽجي اچي سٽ ٿيو. پر 2017ع ۾ فقط ٽي گونڊولا ٻيڙيون بچيون هيون. جن ۾ قسمت سانگي ڪو سير سفر ڪري ٿو. اصل ننڍين گونڊولا ٻيڙين کان ڊيگهه ويڪر ۾ وڏيون ٻيڙيون سَوَن جي تعداد ۾ موجود آهن. اندازن انهن ٻيڙين لاءِ چار سؤ کن ناکئن کي لائسنس يا پروانا مليل آهن. انهن ٻيڙين کي بہ عموماً گونڊولا نالي سان ئي سَڏيندا آهن. انهن ٻيڙين ۾ مسافرن جي ويهڻ جي سِيٽن کي سُٺي رنگين ڪپڙي سان ڍڪيو ۽ سجاديو ويو آهي. انهن ٻيڙين جي مهريءَ ۾ ڏاتوءَ جون

پٽيون لڳل هونديون آهن. انهن وڏين ٻيڙين کان سائيز ۾ گهٽيون ننڍيون ۽ ساديون ٻيڙيون ٿوري تعداد ۾ موجود آهن. انهن ننڍين ٻيڙين جو نالو ”سَينڊولو“ آهي. جزيزن تي مشتمل هن ديومالائي شهر اندر موجود ڪينالن ۾ ٻيڙين وسيلي هڪ جزيري کان ٻئي جزيري ڏانهن وڃڻ کان سواءِ پنڌ وڃڻ لاءِ شهر جي مڙني جزيرن کي جزيرن کي وچ ۾ موجود پاڻيءَ جي ڪينالن ۽ واهن تي ننڍيون وڏيون چار سؤ کن پُليون اَڏي ملايو ويو آهي. انهن پُراڻين پُلين ۾ سڀني کان وڏي پُل ”رائلٽو برج“ گرانڊ ڪينال تي ٺهيل آهي، جيڪا قديم پر شاندار ڊزائين جي حامل قديم پُل آهي. هن پُل تي هميشه رش هوندي آهي، خاص ڪري فوٽا ڪڍڻ وارن جي. اسان وانگر وقت گذرڻ سان وڌيڪ ضرورت پيدا ٿيڻ سبب وينس شهر جي گرانڊ ڪينال تي ويهين عيسوي صديءَ دؤران هڪ ٻئي پويان ٻه ٻيون ٻه پُليون اَڏيون ويون ۽ ايڪهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ ساڳئي گرانڊ ڪينال تي هڪڙي وڌيڪ عاليشان پُل تعمير ڪئي وئي ۽ سن 2011ع ۾ انهيءَ کي ٽرئفڪ لاءِ کوليو ويو. انهيءَ پُل جو نالو Ponte della Constituzione رکيو ويو آهي. پيازيل روما بس ٽرمينل واري علائقي کي وينزيا سانتا لِيُوسِيا ريلوي اسٽيشن سان ملائيندڙ نهايت ڪارائتي پُل آهي. ويهين صدي عيسويءَ ۾ گرانڊ ڪينال تي اَڏيل پُلن جا نالا هيٺ لِکجن ٿا:

1. پونٽ ڊيل اڪاڊميا، 2. پونٽ ڊيگلي اسڪالزي اي. سي. ٽي. وي وينس شهر ۾ ٽرانسپورٽ جي سرڪاري ڪمپني آهي. پر شهر ۾ ٽرانسپورٽ جو مُکيه وسيلو شهر جي ڪينال ۾ هلندڙ موٽر بحري بسون آهن. اهي سرڪاري موٽر بسون آهن. تنهن کان سواءِ خانگي ٽيڪسي موٽر گاڏين جي سروس پڻ موجود آهي. ٿوري مفاصلي لاءِ ۽ فقط واٽج واپار ڪرڻ ۽ ٿوري وقت لاءِ چڪر لڳائڻ واسطي گونڊولا ٻيڙيون ته شهر ۾ هر هنڌ حقيون موجود آهن. تنهن کان سواءِ وينس پِيپل مووَر نالي سان شٽل ٽرين پڻ مسافريءَ جو سُٺو ذريعو آهي. جنهن وسيلي ٽرونچيٽو جزيري کي پيازيل روما واري ڪار پارڪ سان ملايو ويجي ٿو. جتي سياح ٻين وسيلن ذريعي اچي رسندا آهن. انهيءَ پيپل مووَر ريل گاڏيءَ جو آخري اسٽاپ ميري ٽائيم ڪروز ٽرمينل وٽ آهي. لڊو ۽ پيليسٽرينا ٻه اهي جزيرا آهن، جيڪي وينس شهر کي ايڊريئيٽڪ ٽانگي سمنڊ کان ڌار ڪندڙ آهن. انهن جزيرن تي روڊ سروس جاري آهي. وينس شهر بابت ڏهن حقيقت جو

بيان هيٺ درج ڪجي ٿو:

1. وينس شهر ڪينالن يا واهن اندر ٺهيل شهر سڏيو وڃي ٿو.

2. وينس شهر ۾ چار سؤ سترهن پُليون اَڏيل آهن. جن مان ٻاهتر پُليون خانگي طور صاحب حيثيت ماڻهن جي ڪمپنين طرفان اَڏايون ويون.

3. شهر ۾ گهرن جا جريان نمبر رستن مطابق نه پر ضلعن مطابق مقرر هئڻ ڪري صحيح گهر ڳولڻ ۾ ٽپالين کي پڻ گهڻي ڏکيائي ٿيندي آهي. آڳوڻي واري قاعدي جو مقصد ويجهڙائيءَ ۾ موجود ڪو دُڪان يادگار وغيره معلوم ڪرڻ آهي.

4. شهر جي ڪينالن ۾ هلندڙ گونڊولا ٻيڙين جو تعداد 350 ۽ گونڊ واري ٻيڙين جو تعداد 400 آهي.

5. سن 1608ع ۾ شهر جو انتظام هلائيندڙ ڪائونسل آف ٽين (Council of Ten) فيصلو ڪيو ته ڪارنيوال جي ڏڻ دؤران ماسڪ پلي پهريا وڃن. هن قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ کي ٻه سال سخت پورهئي سان قيد، عوام جي سامهون مار ڏيڻ ۽ پلر آف شيم نالي ٿنڀ سان ٻَڌڻ واريون سزائون ڏنيون وينديون هيون.

6. وينس شهر ۾ 177 ڪينال آهن. انهن مان سيني کان وڏو ڪينال گرانڊ ڪينال سَڏجي ٿو. اهو شهر کي ٻن ڀاڱن ۾ تقسيم ڪندڙ ڪينال پڻ آهي.

7. سين مارڪو بيل ٽاوَر جنهن کي ڪيمپينائل به سَڏين ٿا. اهو ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ اَڏيو ويو هو. 1902ع ۾ ڊهي پيو. انهيءَ کي نئين سِر ۽ اصل جي هُوبهُو تعمير ڪيو ويو. اهو ٽاور 98.6 ميٽر يعني 300 فوٽن کان به وڌيڪ اُوچو آهي.

8. هيءَ به هڪ پوائتي حقيقت آهي ته وينس شهر هر سال هڪ کان ٻه ميٽر زمين اندر ويهندو يا غرق ٿيندو رهي ٿو.

9. شهر جي آدمشماري گُذريل پنجاهه سالن دؤران هڪ لک ويهه هزارن مان گهٽجي سٺ هزار وڃي بچي آهي.

10. ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته وينس شهر سن 2030ع ڌاري سنسان شهر ٿي ويندو. جنهن کي ڏِسڻ لاءِ سياح فقط ڏينهن دوران اچڻ لڳندا.

پر آئون ايئن ڪونه ٿو سمجهان دُنيا اندر گرميءَ جي وڌڻ ڪري ڌرتيءَ تي

ڪافي اثر شروع ٿيا آهن. پر آهستي آهستي ڪجهه نه اثر ضرور ٿيندو. اسان رات جو دير سان پنهنجي جڳهه تي اچي پهتاسين. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته ’ميلو متو چڙهي‘، سو اسان به هي هيڏو سارو مٽل ميلو چڙهي اچي پنهنجي گهر ڪير سان ڊبل روٽي ۽ ٿورو ڊائيٽ آئيس ڪريم ڪاهي سُمهين پياسين. اُٿاسين ته نور محمد پنهنجي ڪمري ۾ ڪونه هو. شايد سوير سويرو وينس تي سج جي ڪنوارن ڪرڻن جو ديدار ڪرڻ ٻاهر هليو ويو هو. هو جڏهن ٻاهران موٽيو ته محسوس ٿيو ته بلڪل تيار ٿي ٻاهر ويو هو ۽ نور محمد آيو ته اسان گڏجي ناشتو ڪيو. مون ناشتي ۾ واڱڻ تريل ۽ ڏونئرو ڪاڌو. مِنا اُٿڻ شرط سڀ سامان پئڪ ڪري رکي ڇڏيو هو. هونئن به آئون مِنا ٻاهر گُهمڻ وڃون ته تمام ٿورو سامان پاڻ سان کڻون. مثلاً مهيني جي ٽوئر تي ٻاهر وڃون ته صرف ڇهه وڳا ڪپڙن جا کڻون به سُمهڻ لاءِ چار پائڻ لاءِ ٻيون دوائون. اسان دوائون ٽوئر جي پورن ڏينهن جون کڻون ٿا ته ٻاهر ڊاڪٽر جي تجويز ڪيل دوا جي پرچيءَ ڪانسواءِ دوا بلڪل نه ڏين. تنهن ڪري اها مڪمل ڏينهن جي ٽوئر کان به چئن پنجن ڏينهن جون وڌيڪ دوائون کڻون. ٻي هر ضرورت جي شيءَ هوٽل، فليٽ يا گهر ۾ اُنهن طرفان مهيا ڪيل هوندي آهي. سو اسان جو ايترو گهٽ سامان ڏِسي ڪڏهن دُنيا جي ايئرپورٽن تي اسان کان پُڇندا آهن ته هيڏي وڏي سفر ۾ ايترو مختصر سامان!. اهو مختصر سامان اسان کي هر هنڌ کيري ڪرڻ ۾ ڏاڍي آساني ٿيندي آهي. ٻيو ايترو گهٽ سامان ڏِسي چيڪ ڪرڻ ته پري پر ڏسندا به ڪونه آهن. سو اهو مختصر سامان کڻي ۽ ڪيترو سارو فالتو کاڌي پيتي جو سامان فرج حوالي ڪري اسان پهرئين بوٽ ۾ پوءِ انهيءَ ريل ۾ چڙهي اچي انهيءَ پارڪنگ بلڊنگ پهتاسين، جت اسان جي ڪار بيٺل هئي. اسان ڪار کي صفا ڪري ڪار ۾ ويهي اچي روڊ پيڙا ٿياسين. اسان کي هت به اٽلي ملڪ جي ڪافي حصي ۾ سفر ڪري پوءِ آسٽريا جي ملڪ ۾ داخل ٿيڻو هو. اٽلي هميشه يورپ جي ٻين ملڪن جو غلام ٿي رهيو آهي. هن تي حڪومت ڪرڻ وارن ۾ جرمني، فرانس، اسپين ۽ آسٽريا شامل آهن. اٽليءَ تي يارهين صدي عيسويءَ ۾ مسلمانن به حملو ڪيو ۽ ڪجهه ٽڪرا پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيائون. اٽليءَ ۾ پهريون دفعو 1861ع وڪٽر ايمائوئل سڄي ملڪ ۾ بادشاهت قائم ڪئي ۽ پاڻ بادشاهه ٿيو. اٽلي ٻنهي عالمي جنگين ۾ جرمنيءَ جو اتحادي هو ۽ ٻنهي جنگين ۾ کيس زبردست

شڪست ۽ تذليل ڪي مُنهن ڏسڻو پيو. اٽليءَ جي تاريخ ۾ به عظيم بادشاهه ٿي گُذريا آهن. جيڪي تاريخ ۾ اڄ به ڏاڍا مشهور آهن. هڪ جيوليس سيزر ۽ ٻيو قسطينن، جنهن ترڪيءَ جو شهر استنبول ٺاهيو. جنهن جو پهريون نالو قسطنطنيه هو ۽ پوءِ استنبول رکيو ويو. ترڪيءَ يورپ جا ڪيئي ملڪ فتح ڪيا. پر استنبول هنن کان فتح ڪونه ٿيو.

استنبول ان وقت ٻي دنيا جي عظيم طاقت رومين وٽ هو. پوءِ ترڪيءَ جي بادشاهه سلطان محمد ثاني استنبول پنجن حملن کان پوءِ فتح ڪيو. تڏهن هن جي عمر صرف ويهه سال هئي. انهيءَ جنگ تي ترڪيءَ وارن هينئر هڪ لاجواب ٽيليويزن سيريز Rising of Empire ٺاهي، جيڪا ڏسڻ گهرجي. اٽليءَ جون مٿيون پاسو تمام امير آهي ۽ هيٺيون پاسو اهڙو امير ڪونهي. اسان انهيءَ هيٺئين پاسي جي علائقي مان هلندا ويانا شهر ڏانهن وڃي رهيا آهيون. يورپ کنڊ آسٽريليا کان پوءِ دنيا ۾ ننڍي ۾ ننڍو کنڊ آهي، جنهن جي ڪُل آدمشماري 73 ڪروڙ آهي. يورپ جي سڀني ملڪن کي ملائي هڪ ملڪ ٺاهجي. اهو تصور پهرين پهرين نائين صديءَ ۾ شارليمان ڏنو. تنهن کان پوءِ نيپولين جو خيال هو ته، سڄو يورپ فتح ڪري ڪيس هڪ ملڪ ۾ تبديل ڪريان. هٽلر ائين زوريءَ زبردستيءَ يورپي ملڪن تي حملا ڪري يورپ کي هڪ ملڪ ڪرڻ ٿي چاهيو پر اهو خواب نيٺ 1999ع ۾ يورپ جي ٻارهن ملڪن هڪ ٺاهه تحت يورپي يونين قائم ڪري انهيءَ کي سچو ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو هيڊ ڪوارٽر هنن بيلجيئم جي شهر برسلز ۾ قائم ڪيو. 2004ع ۾ يورپي يونين جي ملڪن جو تعداد وڌي پنجويهه ٿي ويو ۽ هنن هاڻ سڀني ملڪن جي ڪرنسي يورو ٺاهي، پر انهيءَ تي سڀئي ملڪ راضي ڪونه ٿيا. يورپ کنڊ تي اهو نالو يونان جي فيڪس جي ڌيءَ يوروپا جي نالي پٺيان يورپ پيو. پندرهين صديءَ ۾ يورپ جي چئين ملڪن اسپين، پورچوگال، فرانس ۽ برطانيه جهازرانيءَ ۾ ايڏي ته ترقي ڪئي جو هو پنهنجي انهيءَ طاقت جي سهاري سڄي دنيا جي ملڪن تي قابض ٿي ويا ۽ ائين انهن ملڪن مان سڄي دولت ڦري لٽي وڃي پنهنجا ملڪ آباد ڪيا. ٻي عالمي جنگ ۾ اهي ملڪ ايترا ته ڪمزور ٿي ويا جو نيٺ کين انهن ملڪن مان نڪرڻو پيو.

# ويانا

اسان هلندي اچي پنهنجي هن مهيني جي پنهنجي ٽوئر يعني هنگري، چيڪ ريپبلڪ، سلووڪيا، جرمني، سوئٽزرليند، اٽلي ۽ هاڻ آخري ستين ملڪ آسٽريا جي گاديءَ واري شهر ويانا پهتا آهيون. اسان کي پنهنجي ڪار ۾ لڳل ڊوائيس آڻي پنهنجي رهائش جي هوٽل تي پهچايو. اسان هوٽل رسيپشن تي پنهنجي سامان سوڌو اچي ويهي رهياسين. جيسين نور محمد هوٽل جي انهن فارملٽيز مان واندو ٿئي ته پوءِ اسان وڃي پنهنجي ڪمري پيڙا ٿيون. جيئن نور محمد ڪمري جي چابي کڻي آيو ته، اسان به پنهنجو سامان کڻي اچي ڪمري پيڙا ٿياسين. اسان رستي ۾ لنچ ڪانه ڪئي هئي، سو پهريائين هوٽل وارن کان انڊين ۽ ترڪ هوٽلن جي پُڇا ڪئيسين ته جيئن رات جي ماني اُت کائجي، جنهن ٻُڌايو ته ٻن ڪلاڪن کان پوءِ هڪ سُٺي انڊين هوٽل آهي. توهان کي اُت هر قسم جا انڊين کاڌا ملندا. اسان ٿورو آرام ڪري پوءِ شهر گُهمڻ وياسين. ڪنهن زماني ۾ آسٽريا يورپ جو هڪ تمام وڏو ملڪ هو. يورپ جا ملڪ هنگري، چيڪو سلواڪيا، پولينڊ، يوڪرين، رومانيه، يوگو سلويڪيا ۽ اٽلي هن جي قبضي هيٺ هئا. ۽ ويانا لنڊن ۽ پئرس کان به وڏو شهر هو ۽ يورپ پاور فل ترين ملڪ هو. ويانا ۾ گُهمڻ جي لحاظ سان مئي ۽ جون جا مهينا تمام سُٺا هوندا آهن. جڏهن سڄي ملڪ جا گل ٽڙي شهر کي خوبصورت ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن جي خوشبوءِ باغن ۽ پارڪن ۾ توهان جت ڪٿي محسوس ڪندا. ويانا ۾ ساليانا ڪيئي فنڪشن ٿيندا آهن. جنهن ۾ ويانا ڪارنوال جي موقعي تي هت ڪيترن ملڪن ۽ شهرن جا ماڻهو اهو ڏسڻ ايندا آهن. هونئن به ويانا سڄي يورپي جي ثقافت ۽ موسيقيءَ جو هيڊ ڪوارٽر رهيو آهي. جنهن ۾ موزارٽ، انٽون بروڪنز جوزف هيڊن، فرانز شو برٽ، جوهان اسٽارٽس، بيٿوون گستار ماهلر، اربن ربگ، آرنلڊ سوهنبرگ جهڙا جڳ مشهور موسيقار پيدا ٿيا. جن هن ملڪ جي ثقافت

کي چار چنڊ هڻي ڇڏيا. هن ملڪ ۾ دنيا جا وڏا وڏا ٿئيٽر هر وڏي شهر ۾ آهن. جن ۾ بهار جي موسم ۾ وڏيون وڏيون ثقافتي سرگرميون ٿينديون آهن. جن ۾ موسيقيءَ جا بہ ڏاڍا دلچسپ مقابلا ٿيندا آهن. هنن ملڪن ۾ ايترا تہ سياح اچن، جو هي ملڪ موڪلن ۾ اسڪولن، ڪاليجن کي بہ هوٽلن ۾ تبديل ڪري ڇڏين ۽ اهي عام هوٽلن کان ڪافي سستيون هونديون آهن. ٻيو هٽ ماڻهو سياحن کي گهرن ۾ رهائين. اها سڄي يورپ ۾ عام ڳالهہ آهي. تنهن کان سواءِ يوٿ هاسٽلون بہ يورپ جي وڏن شهرن ۾ بيشمار آهن. جيڪي تمام ٿورن پئسن ۾ ڪمرا ڏين. پر انهن هاسٽلن ۾ گهڻو ڪري اٽيچ باٿ روم ڪونہ هوندا آهن. پر بورچيخانا هوندا آهن. پر انهن جي رهائش غير معياري هوندي آهي. گهمڻ جي سيزن ۾ اهڙين جڳهين ۾ جڳهہ ڪانہ ملندي آهي. منهنجي نظر ۾ اڳواٽ بُڪنگ جهڙي ٻي ڪابہ سُني سهولت ڪانهي. هڪ تہ اڳواٽ بُڪنگ تمام سستي ٿي پوي، ٻيو تہ توهان کي پنهنجي پسند جي هوٽل، فليٽ يا گهر بہ ملي ويندو نہ تہ بروقت يورپ ۾ سيزن دوران پنهنجي پسند جي هوٽل، فليٽ يا گهر ملي اهو ڏاڍو ڏکيو آهي. جي وري ڪڏهن اتفاق سان مليو بہ وڃي تہ وري ڏاڍو مهانگو ملندو آهي. باقي سيزن کان سواءِ يعني سرديءَ جي موسم ۾ تہ تمام سَستي رهائش ملي ويندي آهي. ڪٿي ڪٿي تہ ٻاهر لِکيو پيو هوندو آهي تہ جي بہ ڏينهن رهندا تہ وڌيڪ هڪ ڏينهن جا توهان کان پئسا ڪونہ وٺنداسين. پر پنهنجي گرم ملڪ جو ماڻهو جي سياري ۾ گُهمڻ وڃي تہ وينو بہ سڄو ڏينهن گهرَ ۾ هوندو. اندر تہ گهر سينٽ هيٽيڊ آهن، پر ٻاهر سردي پنهنجي برداشت کان زياده هوندي آهي.

اسان هرويرو ننڍين ننڍين بازارن مان گُهمندي ڦرندي اچي انهيءَ انڊين ريسٽورينٽ تي پهتاسين، جت اسان کي ماني کائڻي هئي. هوٽل ڪافي ڪُشادي هئي ۽ پڻ سڄي ڀري پئي هئي. هوٽل ۾ هندستاني ۽ پاڪستانين کان وڌيڪ يورپين ماڻهو ماني کائي رهيا هئا ۽ اسان بہ پنهنجي پسند جو آرڊر ڏنو. ماني کائڻ کان پوءِ مِنا کي هوٽل جي ٻوڙ تہ پسند آيو پر برياني پسند ڪانہ آئي. جڏهن هوٽل وارن ماني کائڻ کان پوءِ مِنا کان پُڇيو تہ ماني ڪيئن هئي تہ مِنا کين چيو تہ شاندار پر برياني صحيح ڪانہ هئي. تنهن تي پاڻ چيائين تہ هيءَ برياني هئي ڪانہ. اسان هٽ چانور ۽ ٻوڙ کي اٽڪل سان ملائي ماڻهن کي ڏيندا آهيون. جي عليحده سان برياني ناهيون تہ اها بچڻ کان پوءِ خراب ٿي ويندي آهي. پر جي ٻوڙ ۽

چانور جُدا جُدا هوندا ته اهي خراب ڪونه ٿيندا آهن. پيو ته اوهان پاڪستاني اسان انڊين کان ڪُڪڙ يا گوشت ناهڻ ۾ وڏيڪ آهيو. اسان هندستانين ماڻهن کي ته اجا تائين گوشت ۽ ڪُڪڙ ته رڌڻ ئي ڪونه اچي. مون کانئس پُڇيو ته تو کيئن محسوس ڪيو ته اسان پاڪستاني آهيون. پاڻ چيائين ته، جڏهن مون توهان کان مانيءَ جي باري ۾ پُڇيو ته توهان چيو ته شاندار پر اسان هندستاني چئون پڙيا. انهيءَ مان اندازو لڳايو ته توهان پاڪستاني آهيو.

بوبيءَ کي ڪار انهيءَ پارڪنگ مان ڪڍي ٻي پارڪنگ ۾ بيهارڻي هئي. چو ته هي يورپ ۾ گهڻين ۾ گاڏي بيهارڻ جو هڪ مقرر وقت هوندو آهي. انهيءَ مقرر وقت دؤران توهان جي گاڏي نه ڪڍي ته گاڏي بيهارڻ تي وڏو ڏنڊ لڳندو. سو بوبيءَ چيو ته توهان هوٽل تي هلو ته، آئون گاڏي ٻئي هنڌ پارڪنگ ۾ بيهاري پوءِ کير ۽ ڏونٺرو وٺي ٿو اچان. هونئن به سڄي يورپ ۾ ڪار پارڪنگ لاءِ پئسا وٺندا آهن. سو بوبي ويو گاڏي پارڪنگ ڪرڻ ۽ اسان هلندا هلندا اچي پنهنجي رهائش جي هوٽل ڏانهن وڃي رهيا آهيون. جيئن پاڻ وٽ گيرين ڪاسموس ۽ ٻين ٽوئر ڪمپنيءَ وارا پاڪستان کان سواءِ ٻين ملڪن جا ٽوئر ڪرائين تيئن هت يورپ ۾ به وڏي تعداد ۾ اهڙيون ٽوئر ڪمپنيون توهان کي هڪ مهيني ٻن هفتن ۽ هڪ هفتي لاءِ ندين ذريعي ڪروزن ۾ هوائي جهازن ۾ ۽ بسن ذريعي سڄي يورپ يا صرف هڪ ملڪ جو ٽوئر ڪرائيندا آهن. ويهه ٽيهه سال اڳ اهڙا ٽوئر صفا سَستا هوندا هئا. پر هاڻ ته گُهمڻ گهر ٻاري ڏياري ڪرڻي آهي. مثال جيڪو ٽوئر هڪ ماڻهو هڪ لک روپين ۾ ٿيندو هو اهو ساڳيو ٽوئر هينئر هڪ ماڻهو ڇهن لکن جو آهي. يعني: هاڻ ڇئن ماڻهن جو ٽوئر ويهه لکن جو. اڄ ڊالر آهي هڪ سؤ سَٺ روپيا ته اهو ڊالر ٽياسيءَ ۾ هو اٺ روپيا. توهان سوچيو ته اسان هينئر معاشيءَ طور ڪيترا نه ڪمزور ٿي ويا آهيون. پاڪستان جا سڀ ايئرپورٽ هينئر هاءِ رسڪ سيڪيورٽي ڪري جهازن کي هت انشورنس وڏيڪ پرڻي ٿي پوي ۽ اهي پئسا ايئر لائن وارا پاڻ مان ٿا ڪڍن، انهيءَ ڪري ٽڪيٽون به مهانگيون ٿيو وڃن. اسان هلندا هلندا اچي هوٽل تي پهتاسين. اسان ڪپڙا بدلائي ڪچهري پئي ڪئي ته نور محمد به اچي ويو. اسان فون تي پاڪستان، لنڊن ۽ ڊبلن ۾ ٻارن سان ڳالهايو. جيڪو اسان جو هر روز جي معمول ۾ شامل آهي. ۽ ٻئي ڏينهن جي ٽوئر لاءِ پنهنجو پروگرام سيٽ ڪري سُمهي رهياسين.

صبح جو سيني کان اڳ مِنا اُٿندي هئي، جيڪا پهرئين قرآن شريف جو دَور ڪري پوءِ گهر جي سامان کي سيٽ ڪري پوءِ ٻاهر وڃي. اڄو تہ توهان کي اڄ ويانا گُهمائڻ کان اڳ آسٽريا بابت احوال ٻڌايان.

يورپ جي ملڪ آسٽريا واري موجوده علائقي تي يورپ جي آڳاٽي سيلٽڪ نسل جي ماڻهن قبضو ڪري پنهنجو اختيار سَوين سالن تائين برقرار رکيو پر رومي سلطنت طاقت ۾ اچي آسٽريا واري علائقي تي قبضو ڪري پنهنجي سلطنت جو هڪڙو پاڳو بنائي ڇڏيو. جڏهن رومي سلطنت زوال جو شڪار ٿي، تڏهن آسٽريا واري علائقي جي مقامي ماڻهن اقتدار تي قبضو ڪري حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي. فرينچ بادشاھ شارليمين، دولت ۽ لشڪر جي زور تي سن 788ع ۾ آسٽريا واري علائقي تي قبضو ڪري فرينچ رياست ۾ شامل ڪيو. نيٺ تقريباً ٻہ سؤ کن سال پوءِ مقامي ماڻهن پنهنجي علائقي جو اقتدار وري حاصل ڪري ورتو ۽ سن 976ع ۾ ملڪ جي حاڪم ٻيبنبرگ واري ليو پولڊ جي دؤر حڪومت ۾ ملڪ جو نالو آسٽريا رکيو ويو. سن 1276ع ۾ هيبس برگ خاندان جو فرد رُوڊ ولف اول آسٽريا جو بادشاھ بڻيو. جنهن آسٽريا ۾ هيبسبرگ گهراڻي جي سلطنت جي شروعات ڪئي. هيبسبرگ گهراڻي جي آسٽريا ۾ ايندڙ ساڍا ست سؤ سالن تائين حڪومت جاري رهي. هن گهراڻي جي دؤر حڪومت ۾ رياست طاقت حاصل ڪري پنهنجين سرحدن ۾ وسعت آندي ۽ يورپ ۾ آسٽريا طاقتور ۽ خوشحال رياست ٿي پئي. انهيءَ جو يورپ ۾ ڪيترين ئي صدين تائين ڏاڪو ڄميل رهيو. سن 1848ع ۾ هن گهراڻي جو حڪم، فرانز جوزف اول آسٽريا جو بادشاھ ٿيو ۽ سَتر سال حڪومت ڪري 1916ع ۾ وفات ڪئي. فرانز جوزف ملڪي سياست ۾ مُکيہ تبديليون آنديون. جن مان سڀ کان وڌيڪ اهميت جي حامل تبديلي پنهنجي علائقي هنگريءَ وارن ماڻهن کي حڪمرانيءَ ۾ ڀائيوار ڪيو. انهن اهم سياسي قدم کڻڻ سبب ماڻهو آسٽريا ۾ ٻہ حڪومتون قرار ڏيڻ لڳا. انهيءَ اقتدار جي ورڇ ئي هيبسبرگ گهراڻي جي سلطنت جي زوال جو پيش خيمو ثابت ٿي ۽ سن 1919ع ۾ پهرين عالمي لڙائيءَ کان پوءِ آسٽريا واري هيبسبرگ سلطنت ختم ٿي ۽ آسٽريا جي رياست کي سينٽ جرمين واي سمجهوتي تحت ريپبلڪ قرار ڏنو ويو. سن 1938ع ۾ آسٽريا تي جرمنيءَ قبضو

ڪري ورتو. انهيءَ سال آسٽريا ملڪ ٻي عالمي لڙائي ڪٽنڌڙ ملڪن پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو. جنهن سبب انهيءَ جي سياسي آزادي ختم ٿي وئي. جيڪا آخرڪار ٻي عالمي جنگ جي نتيجي طور آسٽريا کي ورهائي ڪٽنڌڙ ملڪن، روس، آمريڪا، انگلينڊ ۽ فرانس طرفان 25 آڪٽوبر 1955ع ۾ سڏايل گڏجاڻيءَ ۾ ٿيل ويانا سمجھوتي تحت بحال ٿي. انهيءَ سمجھوتي تحت مڪمل آزاد ۽ خودمختيار ملڪ جي حيثيت سان آسٽريا ۾ وفاقي جمهوري نظام حڪومت لاڳو ڪئي وئي. آسٽريا ملڪ ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻولين ۾ سڀني کان گھڻي ڳالهائي ويندڙ جرمن ٻولي آهي. جيڪا اسان يورپ ۾ انگريزيءَ کان بہ زياده ڳالهائيندي محسوس ڪئي. جيڪا سڄي ملڪ ۾ سرڪاري ٻوليءَ طور ڪم اچي ٿي. تنهن کان گھٽ ڳالهائيندڙ ويندڙ سلووين ٻولي آهي. جيڪا آسٽريا جي ڪيرنٿيا رياست ۾ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو رکي ٿي. انهيءَ کان بہ گھٽ ڳالهائي ويندڙ ڪروئيئن ٻولي آهي، جيڪا آسٽريا جي برگينلينڊ ۾ سرڪاري ٻوليءَ طور رائج آهي. انهيءَ سان گڏ هتي هنگريئن ٻولي پڻ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ انهيءَ ٻوليءَ کي بہ برگينلينڊ رياست ۾ ڪروئيئن ٻوليءَ وانگر سرڪاري ٻوليءَ وارو رتبو حاصل آهي.

آسٽريا رياست جي سڀني کان اول قيام ڊچي آف آسٽريا نالي سان 17 سيپٽمبر 1156ع ۾ ٿيو. 11 آگسٽ 1804ع ۾ آسٽريا کي سلطنت قرار ڏنو ويو ۽ 12 نومبر 1918ع ۾ انهيءَ کي جمهوريہ بنايو ويو. موجوده دؤر ۾ آسٽريا جو قومي آزاديءَ وارو ڏينهن/تاريخ 26 آڪٽوبر مقرر ڪئي وئي آهي. ڇاڪاڻ تہ 26 آڪٽوبر 1955ع ۾ آسٽريا کي قابض ملڪن مٿي ذڪر ڪيل ”ويانا سمجھوتي“ مطابق مڪمل طور آزادي ڏني. آسٽريا ملڪ جي قوميت آسٽريائي (Austrian) سَڏجي ٿي. آسٽريا جي شهرين جو 73.6 سيڪڙو عيسائي مذهب جي رومن ڪيٿولڪ فرقي ۾ شامل آهي. آدمشماريءَ جو 4.7 سيڪڙو عيسائي مذهب جي پروٽيسٽنٽ فرقي ۾ شامل آهي. 4.2 سيڪڙو شهرين جو مذهب اسلام آهي. يورپ ۾ گھڻي ۾ گھڻا مسلمان اسان فرانس ۾ ڏٺا. ٻين مذهبن ۽ فرقن سان وابستہ شهرين جو تعداد 3.5 سيڪڙو آهي، غير مخصوص مذهبن ۽ فرقن سان وابستہ ماڻهن جو تعداد 2 سيڪڙو آهي. آسٽريا جي لامذهب ماڻهن جو تعداد 12

سيڪڙو آهي. لامذهب ماڻهن جو تعداد اسان يورپ ۾ هميشه وڌندي ڏٺو آهي. مٿيان انگ اکر سن 2001ع ۾ ٿيل آدمشماريءَ موجب درج ڪيل آهن. آسٽريا ملڪ جو قومي نشان يا علامت ”ڪارو باز“ آهي. جيئن پاڪستان جو قومي نشان چنبيلي جو گُل آهي. بندس هائيم (Bundeshymne) يا فيڊرل هائيم آسٽريا جو قومي ترانو آهي. آسٽريا جي مُکيه پيداوار ۾ تعميرات، مشينري، موٽر گاڏين ۽ انهن جي پُرزن، ڌاتن، ڪيميائي شين، ڪاٺ مان ٺهندڙ شين، فرنيچر وغيره، ڪاغذ ۽ گتي. اطلاعات سان وابسته اوزار ۽ مشين جا ڪارخانا موجود آهن. تنهن کان سواءِ گهڻي ڪمائيءَ سبب سياحت کي به صنعت جو درجو حاصل آهي. آسٽريا جي زرعي پيداوار ۾ مختلف اناج: پٽاٽا، شگر بيٽ، ميوات، رڏون، ڏُنبا، سوئر، ڪُڪڙ به ڳڻيا وڃن ٿا. يورپ ۽ آمريڪا ۾ حڪومتون زراعت تي تمام گهڻيون رعايتون ڏين، پر غريب ملڪن ۾ قرض ڏيڻ مهل اهو شرط رکن ته، توهان زراعت تي ڪابه سبسڊي ڪونه ڏيندا. پاڪستان سان به اهي شرط لاڳو آهن. تنهنڪري انڊيا جي مقابلي ۾ پاڻ پاڻ وٽ ٻيڻ تي مهانگو آهي. آسٽريا جي قدرتي وسيلن ۾ تيل، ڪوئلو لگنائيٽ، ٽِنبر (ڪاٺ)، لوهه، ٽامون، جست، مئگنيسائيٽ، سُرمون، ٽنگسٽين، گريفائيٽ، لوڻ ۽ هائڊرو پاور حاصل ڪيو وڃي ٿو. ملڪ جي روانگي واپار ۾ مختلف قسمن جا اوزار ۽ مشيري، موٽر گاڏيون ۽ انهن جا پُرزا ڪاغذ ۽ گتو ڌاتن مان ٺهيل سامان، لوهه ۽ فولاد، ڪيميائي شيون ۽ دوائون، ڪپڙو ۽ ڪاٺي جون شيون شامل آهن.

آمدني واپار ۾ مشينري ۽ ٻيا اوزار، موٽر گاڏيون، ڪيميائي شيون، ڌاتن مان ٺهيل شيون، تيل- تيل مان ٺهيل شيون ۽ مختلف شيون به شامل آهن. آسٽريا جو سِڪو يورپي يونين طرفان رائج ڪيل يورو آهي. آسٽريا جي آدمشماري صرف لاهور جيتري يعني اَسي لک آهي. سڄي ملڪ جي پکيڙ 83871 اسڪوائر ڪلوميٽر آهي ۽ آسٽريا جي قومي پيداوار 349 ارب، 90 ڪروڙ ڊالر آهي. انهيءَ جي مقابلي ۾ پاڪستان جي آدمشماري ٻاويهه ڪروڙ ۽ ڪُل ايراضي 796095 اسڪوائر ميل ۽ سڄي ملڪ جي جي. ڊي. پي آهي صرف 343 بلين ڊالر. توهان ڏسو ته دنيا ۾ معاشي طرح پاڻ ڪٿي بيٺا آهيون. ويانا آسٽريا جو گاديءَ جو هنڌ يا قومي راڄڌانيءَ وارو شهر آهي، ته انهيءَ رُتبي کان سواءِ ويانا آسٽريا جو سيني شهرن کان وڏو شهر ۽ آسٽريا جي نَون رياستن مان به هڪڙي رياست آهي.

مٿي بيان ڪيل خصوصيتن سان گڏ ويانا شهر گهاٽي آدمشماري يعني شهر جي ميٽرو پوليٽن ايراضيءَ ۾ تقريباً چويهه لک آباديءَ جو حامل شهر ۽ انهيءَ سان گڏ آسٽريا ملڪ جو سياسي ۽ ثقافتي مرڪز پڻ آهي. ويانا يورپين يونين ۾ شامل ملڪن جي شهرن ۾ آدمشماريءَ جي حوالي سان ڇهون نمبر وڏو شهر آهي. پهرئين مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾ آسٽريا جي سلطنت ختم ٿيڻ کان اڳ ويهين عيسوي صديءَ جي شروعات دوران ويانا جرمن ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو پوري دنيا ۾ سڀ کان وڏو شهر هو جنهن ۾ ويهه لک ماڻهو رهندا هئا. برلن کان پوءِ ويانا اڄ بہ جرمن ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو دنيا ۾ ٻيو نمبر سڀني کان وڏو شهر آهي. جيئن ڪراچيءَ ۾ پناڻ، ڪابل ۽ پشاور کان زياده رهندڙ پشتو ڳالهائيندڙن جو شهر آهي. هيءَ دنيا جي گڏيل قومن جي تنظيم U.N.O دنيا ۾ تيل پيدا ڪندڙ ۽ وِڪڻندڙ ملڪن جي تنظيم O.P.E.C ۽ O.S.C.E جو ميزبان شهر بہ آهي. ويانا شهر آسٽريا جي اُڀرندي پاڱي ۾ قائم آهي جتان ڪِزيخيا، سلووَيڪيا ۽ هنگريءَ جون سرحدون انهيءَ کي تمام ويجهيون آهن. ڪيس بلڪل ويجهي علائقي بِرَيٽسلاوا سان گڏجندي ويانا شهر ميٽرو پوليٽن ريجن بنائي ٿو. جنهن ۾ هن وقت ٽيهہ لک باشندا رهن ٿا. سن 2001ع ۾ ويانا شهر جي سٽي سينٽر واري قديم تاريخي عمارت کي يونيسڪو پاران ورلڊ هيريٽيج سائيٽ قرار ڏنو ويو. ۽ جولاءِ سن 2017ع ۾ انهيءَ عمارت کي ورلڊ هيريٽيج اِن ڊينجر واري فهرست ۾ داخل ڪيو ويو. ويانا شهر پنهنجي شهرين جي زندگيءَ جي اعليٰ معيار جي حوالي سان سموري جهان ۾ مشهور آهي. دنيا جي 127 ملڪن بابت سن 2005ع ۾ ڪيل تجزيي موجب، اڪنامسٽ انٽيليجنس يونٽ، ڪئنيڊا جي شهر وينڪوور ۽ آمريڪا جي شهر سينفرانسسڪو سان گڏ ويانا شهر کي بہ دنيا جا بهترين زندگي گهاريندڙ ماڻهن جي شهر واري اعليٰ ترين مرتبي وارن شهرن ۾ شامل ڪيو. سن 2011ع کان 2015ع تائين ٿيندڙ ساڳين تجزين ۾ پهرئين نمبر تي آسٽريليا جو شهر ميلبورن ۽ ٻيو نمبر ويانا قرار ڏنو ويو. سن 2018ع ۾ ويانا پهرئين نمبر تي آيو ۽ 2019ع ۾ اهو اعزاز برقرار رکيو. واقعي هي شهر سُونهن سان گڏ تمام صاف سٿرو آهي ۽ مِنا جو پسنديده شهر بہ آهي. انساني وسيلن جي عالمي مشاورتي تنظيم 2009ع کان 2019ع تائين ساندهہ

ڏهن سالن تائين، پنهنجي ساليانيءَ ڪوائلٽي آف لِونگ سروي جي نتيجي طور دنيا جي سَوين شهرن جي پيٽ ۾ ويانا شهر کي پهريون نمبر قرار ڏنو ويو. هڪ ٻئي گروپ ”مونوڪِل“ سن 2015ع ۾ دنيا جي 25 شهرن جي تجزيي ۾ ويانا کي ٻيو نمبر قرار ڏنو ويو. يُو. اين هيبيٽيٽ (U.U. Habitat) عالمي اِداري جي شمار ۾ ويانا شهر کي سال 2012ع ۽ 2013ع ۾ دنيا جو سڀني کان وڌيڪ خوشحال شهر قرار ڏنو ويو.

انهيءَ کان سواءِ شهري سُڌاري ۽ ترقيءَ بابت منعقد ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس جي لڳاتار ميزباني ڪندو رهيو آهي. ويانا شهر ۾ سراسري طور هر سال 68 لکن کان وڌيڪ سياح گُهمڻ ايندا آهن. ويانا شهر ۾ عيسائي مذهب جي رومن ڪيٿولڪ فرقي وارن جو مرڪز بہ قائم ڪيو ويو آهي. شهر ۾ رومن ڪيٿولڪ فرقي وارن عيسائين جا ٽي شاهي چرچ يعني؛ عبادتگاهہ اَڏيل آهن. هن فرقي وارن جي وڏي پادريءَ يعني؛ وڏي مُلئين کي آرڪ بِشَپ چوندا آهن. موجود آرڪ بشپ جو نالو ڪارڊينل ڪرسٽوف اسڪونِبورن آهي. شهر ۾ ڊينيوب نديءَ جي ڪِناري ٻُڌمت جي جاپاني پيروڪارن ۽ پڪشوئن سن 1983ع ۾ پيس پَيگوڊا نالي سان سندن مذهبي عبادتگاهہ جوڙايو هو. اهو عاليشان صورت ۾ موجود آهي. آسٽريا ملڪ جي معاشي صورتحال تمام ترقي يافتہ آهي ۽ في ڪس ساليانيءَ ڪمائي/آمدنيءَ جي لحاظ کان دنيا جي چوڏهن شاهوڪار ترين ملڪن مان هڪڙو ڳڻيو وڃي ٿو. سن 1980ع تائين آسٽريا جون گهڻيون تمام وڏيون صنعتي ڪمپنيون قومي ملڪيت ۾ شامل ڪيون ويون هيون. پر ويجهڙائيءَ وارن ورهين دؤران نجڪاريءَ وارن رجحانن جي پيدائش سبب قومي ملڪيت وارن صنعتي ڪمپنين جو تعداد ڪجهہ گهٽ ٿيو آهي. مزدور تحريڪون خصوصي طور آسٽريا ۾ مضبوط آهن ۽ سرڪار طرفان مرتب ڪيل مزدور پاليسين تي سندن گهرو اثر چانيل آهي. بيحد ترقي يافتہ صنعتڪاريءَ کان پوءِ آسٽريا جي معيشت جو هڪڙو اهم حصو ملڪ ۾ ٿيندڙ سياحت جو آهي. اسان وانگر هن ملڪ ۾ بي انتها سياح هميشه رهندا آهن. تاريخي طور تي جرمني آسٽريا جي واپار ۾ مُکيہ پائيوار رهندو آيو آهي. تنهنڪري جرمنيءَ طرفان واپار ۾ ٿيندڙ تڪڙيون تبديليون آسٽريا جي اقتصاديات تي غير معمولي اثرات مرتب ڪن ٿيون. انهيءَ صورتحال جي پيشِ نظر يورپين يونين ۾ شموليت

اختيار ڪرڻ کان پوءِ يونين جي ٻين ميمبر ملڪن سان تجارتي تعلقات وڌائي جرمنيءَ تي انحصار گهٽائڻ لڳو آهي. اهڙيءَ ريت يورپين يونين جي رُڪنيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ پرڏيهي سيڙپڪارن آسٽريا ۾ سيڙپ چالو ڪئي ۽ 2006ع ۾ جي. ڊي. پي ۾ سُڌارو ٿيو ۽ اها 3.3 سيڪڙو وڌي وئي. انهيءَ کان به سال اڳ سن 2004ع ۾ به آسٽريا يورپين يونين ملڪن ۾ چوٿون نمبر شاهوڪار ترين ملڪ شمار ڪيو ويو ۽ ملڪ جي في ڪس ڪمائي 27666 يورو هئي. تنهن کان پوءِ وارن سالن دوران آسٽريا جي في ڪس ڪمائي/آمدني 38632 يورو ٿي ۽ يورپ جي N.U.T.S ريجن ۾ پنجون نمبر شاهوڪار ترين ملڪ شمار ڪيو ويو.

آسٽريا ۾ چوپائي مال جا فارم، اولهه يورپ جي پهاڙي علائقن وارن ملڪن وانگر ننڍا ۽ هڪ ٻئي کان وٿيرڪا يعني جدا ۽ پري پري قائم ڪيا ويا آهن ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ خوراڪ واري پيدائش نسبتاً مهانگي پوي ٿي. سن 1995ع کان جڏهن کان وٺي آسٽريا يورپي يونين جو ميمبر ٿيو تڏهن کان وٺي يورپين يونين جي عام زرعي پاليسيءَ تحت آسٽريا جي زرعي شعبي ۾ سُڌارا آندا پيا وڃن. جيتوڻيڪ آسٽريا جو هاري طبقو ملڪ جي کاڌ خوراڪ جو اَسي سيڪڙو پيدا ڪري ٿو. پر ملڪ جي گڏيل پيداوار ۾ انهيءَ جو سيڪڙو گهٽجندو هاڻي 3 سيڪڙو کان به گهٽ ٿي ويو آهي جڏهن ته ملڪ جون ڪجهه صنعتون: جهڙوڪ ڪيتريون ئي لوهه ۽ فولاد جون صنعتون، ڪيميائي صنعتون ۽ تيل واريون ڪمپنيون ملڪ جون وڏيون صنعتون آهن. اهي عالمي سطح تي پيداواري/تجارتي چٽاپيٽيءَ ۾ شريڪ آهن. انهن صنعتن ۾ ڪيئي هزارن جي تعداد ۾ مزدور طبقو پورهيو ڪري پيو. پر ٻيون گهڻيون صنعتون نسبتاً ننڍيون آهن ۽ پيداوار ۾ سندن حصو ٿورو آهي. آسٽريا جي قومي آمدني ۾ ملڪ جو خدمتن وارو شعبو وڏي اهميت جو حامل آهي. اهو شعبو قومي پيداوار ۾ مُکيه حصو ڪمائي ڏيندڙ آهي. ويانا شهر آسٽريا جو مالياتي ۽ مشاورتي مرڪز طور ترقي ڪري نروار ٿي بيٺو آهي. ويانا شهر جون بئنڪون ۽ قانوني فرمون پنهنجي قانوني ۽ مالياتي ڪارڪردگي ۽ ساک سبب يورپين يونين جي ميمبر ملڪن ۾ وڏيڪ ڪامياب اِدارا لِيکجن ٿا. ملڪ جي معيشت ۾ سياحت واري

شعبي جو بہ نهايت اهم ڪردار رهيو آهي ۽ قومي آمدنيءَ ۾ ان جو بہ سراسري طور ڏهہ سيڪڙو حصو شامل آهي. سن 2001ع ۾ آسٽريا ڪي دنيا ۾ ڏهون نمبر ملڪ قرار ڏنو ويو جتي انهيءَ سال هڪ ڪروڙ ٻياسي لکن کان بہ گهٽا پرڏيهي سياح گُهمڻ آيا هئا. اڳي آسٽريا ۾ ايندڙ سياحن جي واضح اڪثريت جرمن ماڻهن تي هوندي هئي، تنهنڪري سياحت جي ڪمائيءَ جو دارومدار گهڻي ڀاڱي جرمن معيشت تي انحصار ڪندڙ هو. پر هاڻي اوڀر يورپ جي ملڪن، روس ۽ آمريڪا ڪنڊن جا سياح گهڻي تعداد ۾ اچڻ لڳا آهن. آسٽريا جي روانگي توڙي آمدني واپار جو تقريباً 66 سيڪڙو يورپين يونين جي ميمبر ملڪن سان ٿئي ٿو. وچ ۽ اوڀر يورپ ۾ قائم ٿيندڙ نَون تجارتي مرڪزن ۾ واپاري واڌارو ۽ اتي سيڙپڪاري وارو عمل اڄڪلهہ آسٽريا جي معيشت جو اهم ڪردار آهي. آسٽريا انهن ملڪن ۾ گهربل مشينري ۽ هُنرمند مزدور جو بہ چڱو تعداد موڪليندو رهيو آهي.

هوٽل جي طرفان مفت جو ناشتو ڪريون. جت هوٽل جا سڀ مسافر تيار ٿي ناشتا ڪندا رهندا آهن. اهڙو ناشتو سيني هوٽلن جو گهڻو ڪري هڪ جهڙو هوندو آهي، جيتري وڏي هوٽل اوتري رش گهڻي. جيتري ننڍي هوٽل اوتري رش گهٽ، اسان بہ پهرين تيار ٿي اچي ڊائينگ هال ۾ ناشتو ڪيو پوءِ پنهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهي شهر جي ٽوئر تي نڪتاسين. اسان جو خيال هو تہ پهرين دنيا جي هن تاريخي شهر جي قديم پُراڻين جڳهين جو سير ڪريون، پوءِ جي اسان کي ٽائيم ملي تہ شهر گُهمون ۽ ڪجهہ خريداري بہ ڪريون. جيئن تہ اسان وٽ ويانا گُهمڻ لاءِ صرف ٻہ ڏينهن هئا. سو اسان پهريائين هڪ قديم چرچ ڏسڻ وياسين. جيڪو ويانا جو پُراڻي ۾ پُراڻو چرچ هو. سندس نالو Rupre chtskirche هو. هي رومن دؤر جو چرچ هو. ٻاهران ڏاڍو خوبصورت نهيل، پر اندران اهڙو خوبصورت ڪونہ هو جهڙو ٻاهران هو. هت اندر ٻاهر وڏي تعداد ۾ سياح فوٽو ڪڍي ۽ فلمون پيري رهيا هئا. پهرين عالمي جنگ ۽ ٻي عالمي جنگ جيڪي دنيا جون وڏي وڏيون جنگيون هيون. پهرين عالمي جنگ ۾ سڄي يورپ جي ملڪن حصو ورتو ۽ اها جنگ يورپ ۾ ئي وڙهي وئي. تاريخ ۾ هن کان وڌيڪ ڪنهن ٻي جنگ ۾ ايترا قتل، زخمي ۽ تباهي ڪانہ آئي هئي، جيڪا هن جنگ ۾ ٿي هئي. دنيا جو چار وڏيون بادشاهتون سلطنت عثمانيہ يعني؛ ترڪيءَ جي بادشاهت ۽ يورپ جون

قديم بادشاهتون يعني؛ جرمني، روس، آسٽريا ۽ هنگريءَ جون بادشاهتون دنيا جي نقشي تان هميشه لاءِ ختم ٿي ويون ۽ اُت جمهوريت قائم ٿي. هيءَ جنگ ۾ انتهائي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي جنگ هئي. جنهن ۾ هڪ محاذ تي ويهه لک فوج حصو ورتو اها جنگ Marne جي نالي سان مشهور آهي. هن جنگ ۾ هندستان مان سڄي هندستان فوج انگليند ۽ يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ موڪلي وئي. هندستاني مان موڪليل فوج ۾ گهڻو ڪري سڀ هندستاني هئا. پر انگريزن کي انديا ۾ ٿي رکيو ويو ته متان نه هندستاني فوج اسان جي هٿن مان نڪري وڃي. آمريڪا هن جنگ ۾ پهرين غير جانبدار هو پر جڏهن جرمن هن جي آبدوزن سمنڊ ۾ تباهه ڪيو ته هن پنهنجي فوج يورپ موڪلي. پاڻ به سِڌيءَ طرح جنگ ۾ شامل ٿي ويو. پهرين عالمي جنگ ۾ پنجاسي لک ماڻهو مُئا. جيڪو انساني تاريخ ۾ ڪنهن هڪ جنگ ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ ماڻهن مرڻ جو به هڪ رڪارڊ هو.

2. ٻيو هن جنگ کان پوءِ سڄي دنيا ۾ قابض ملڪ ايڏا ته ڪمزور ٿي ويا، جو هنن ڪيترن غلام ملڪن کي آزاد ڪري ڇڏيو. هن عالمي جنگ ۾ آسٽريا جو وڏو ڪردار هو.

3. هن جنگ ۾ روس ۽ آمريڪا وڏي طاقت ٿي دنيا ۾ اُڀريا.

پهرين عالمي جنگ 1914ع ۾ شروع ٿي، 1918ع ۾ ختم ٿي. يعني؛ صرف پهرين عالمي جنگ ختم ٿيڻ جي ايڪيهن سالن جي قليل عرصي بعد وري ٻي عالمي جنگ شروع ٿي وئي. هن جنگ ۾ اڳوڻي جنگ کان به وڌيڪ خطرناڪ هٿيار ايجاد ۽ استعمال ٿيا. تنهنڪري ماڻهو به تمام گهڻا مُئا. هن جنگ ۾ انهن نَون هٿيارن ۾ پري مار ڪنڊز راڪيٽ ۽ ائٽم بم ايجاد ٿيا ۽ دنيا ۾ پهريون دفعو استعمال ٿيا. هن جنگ ۾ به گهڻو ڪري اهي ئي ملڪ شامل هئا، جن پهرين عالمي جنگ ۾ حصو ورتو. جرمنيءَ رڳو هڪ شهر لنڊن تي ڇاونجاهه دفعا فضائي حملا ڪري لنڊن شهر کي وڏو نقصان پهچايو. آمريڪا هينئر به هن جنگ ۾ ڪافي وقت غير جانبدار رهيو پر پرل هاربر تي آمريڪا جي جنگي ٻيڙي تي جاپان طرفان هوائي حملو ڪري هن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. هن حملي ۾ آمريڪا جا اٺاويهه سؤ فوجي مري ويا. تنهن کان سواءِ آمريڪا جا اَٺ وڏا جنگي بحري جهاز، تيرهن ٻيا بحري جنگي جهاز، ويهه هوائي جهاز ۽ پڻ ٻيو

ڪيترو آمريڪا جو جنگي سامان هن حملي ۾ تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. جاپان جي حملي کان پوءِ آمريڪا بہ هن جنگ ۾ ٽُپي پيو ۽ هن پنهنجي ويهہ لک فوج جنرل آئزن هاور جي قيادت ۾ آمريڪا کان يورپ موڪلي. آئزن هاور پوءِ آمريڪا جو صدر پڻ ٿيو. هن جنگ ۾ پهريون دفعو هن جنگ جي اهم ملڪن يعني؛ آمريڪا جي صدر روز ويلٽ، روس جي صدر اسٽالن ۽ انگلينڊ جي وزيراعظم چرچل جي پهريون دفعو تهران ۾ ملاقات ٿي. جنگ هلندي آمريڪا جي صدرروز ويلٽ وفات ڪئي تہ جرمنيءَ جي صدر هٽلر ۾ ٿوري ڦنڪي اچي وئي، پر حالات هاڻ هن جي هٿن مان نڪري چڪا هئا. 30 اپريل تي هٽلر پنهنجي محبوبہ ايوا برائون سميت پنهنجي بنڪر ۾ خودڪشي ڪري ڇڏي. جرمنيءَ جي حڪومت شڪست کي تسليم ڪيو ۽ اتحادين طرفان فوجن کي اجازت ڏني وئي تہ، توهان پلي جرمن عورتن سان سندن گهرن ۾ وڃي زوريءَ زنا ڪريو. جيئن تہ هن جنگ ۾ انگريز فوجين سان گڏ هندستاني فوجي بہ هئا. اهي بہ هن عمل ۾ شامل هئا. پر هڪ هفتي کان پوءِ يورپين کي غيرت آئي ۽ هنن هندستاني فوجين کي هڪ هفتي کان پوءِ انهيءَ خير جي ڪم کان روڪي ڇڏيو. جنگ جي آخر ۾ آمريڪا جاپان کان پرل هاربر جي واقعي جو بدلو وٺندي پهرين ڇهہ آگسٽ تي هيروشيما تي ۽ ٻيو نَوَ آگسٽ تي ناگاساڪيءَ تي ايٽمي حملو ڪيو. جنهن حملي ۾ هڪ ڌڪ ۾ چاليهہ هزار جاپاني شهري مري ويا ۽ ائين هن جنگ ۾ ساڍا پنج ڪروڙ ماڻهو مُئا. جن ۾ زياده ۾ زياده ماڻهو روس جا مُئا. يعني؛ صرف روس جا بہ ڪروڙ ماڻهو مُئا. دنيا جي تاريخ ۾ هيءَ وڏي ۾ وڏي جنگ هئي. منهنجو يورپ ۾ هن جنگ عظيم جو احوال ٻُڌائڻ جو مقصد اهو هو تہ هنن ماڻهن جو ڪيترو تہ مالي ۽ جاني نقصان هنن ٻنهين جنگين ۾ ٿيو پر هنن قومن هڪ ٻئي جي ملڪن جي چرچن، ڪليسائن، ميوزمن، پارليامينٽ هائوس ۽ ٽاورن تي حملو نہ ڪيو. لنڊن شهر ۾ هنن ڇاونجاهہ هوائي حملا ڪيا، پر راڻيءَ جي ونڊسر محل بڪنگهم پيلس، يا فرانس جي بادشاهن جو تاريخي ورسائل محل تي هنن حملو نہ ڪيو. جيڪي اڄ بہ پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ صحيح سلامت ۽ برقرار آهن ۽ اڄ بہ هنن کي سڄي دنيا جا سياح ڏسڻ اچن ۽ انهن مان هو هر سال اربين روپيا ڪمائين. پر پنهنجن ملڪن ۾ وري انهيءَ جي برعڪس ٿئي.

پهرين جنگ عظيم ۾ دنيا ۾ بادشاهتون ختم ٿيون پر ٻي جنگ عظيم سڄي دنيا جي جڙ شڪل ئي تبديل ڪري ڇڏي.

1. هڪ تہ هن جنگ بعد روس، آمريڪا دنيا ۾ وڏا سُپر پاور ٿي اُڀريا.

2. ٻيو تہ يورپ جا ملڪ ايڏو تہ ڪمزور ٿي ويا، جو هنن ايشيا ۽ آفريڪا ۾ وڏي تعداد ۾ سندن غلاميءَ هيٺ ملڪن کي مجبور آزاد ڪري ڇڏيو ۽ انهن ملڪن کي آزادي ڏيارڻ ۾ آمريڪا جو بہ انهن يورپي ملڪن مٿان دٻاءُ هو.

3. ٽيون تہ ٻي عالمي جنگ ختم ٿيڻ شرط پهرين انگلينڊ، پوءِ آمريڪا جي مدد سان فلسطين جي سرزمين تي يهودين جي هڪ رياست اسرائيل کي تيل پيدا ڪندڙ ملڪن مٿان زوريءَ زبردستيءَ مڙهيو ويو. جتي سڄي دنيا مان يهودي گڏ ڪري آباد ڪيا ويا ۽ هن يهودي رياست کي سڄي دنيا جا يهودي مالي مدد ڪن ٿا. تنهنڪري هاڻي اسرائيل سڄي دنيا اندر هڪ وڏي فوجي ۽ معاشي طاقت ٿي اُڀريو آهي.

4. چوٿون تہ ٻي جنگ عظيم کان اڳ سَون سالن کان يورپ جا ملڪ دنيا ۾ هڪ وڏي طاقت وارا ملڪ هئا. سو هاڻ اهي ملڪ اها حيثيت بلڪل وڃائي ويٺا.

اسان انهيءَ چرچ گُهمڻ کان پوءِ هاڻ اسان Haf Burg محل ڏسڻ وياسين. جيڪو اڳوڻي شاهي خاندان جو هڪ عاليشان محل هو. اهڙا ننڍا وڏا شاهي خاندان جا وڏي ۾ وڏي تعداد ۾ ٻيا بہ ڪيترا محل آهن. پر انهن سيني محلن ۾ بہ وڏا محل آهن. يورپي ملڪن جي اڳوڻي بادشاهن جا محل محلاتون سندن بادشاهتون ختم ٿيڻ کان پوءِ آيل نئين جمهوري حڪومتن انهن محلن کي ميوزمن يا هوٽلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر ڪافي تعداد ۾ هنن قومن پنهنجن پُراڻي جيلن کي سنواري سينگاري هوٽلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. فرانس جي بادشاهن جو محل ورسائل هاڻ ميوزم آهي. انگلينڊ جي راڻيءَ جو لنڊن شهر وارو محل هاڻ سال جو ڪجهہ حصو هو ٽڪيٽ تي کولين. جن کي هزارين ماڻهو ڏسڻ اچن. بڪنگهم پيلس جي ڪجهہ حصي کي باهہ لڳي تہ راڻيءَ حڪومت کي لِکيو تہ اسان کي محل جي مرمت ڪرائي ڏيو پر حڪومت جواب ڏنو تہ هي توهان جو ذاتي گهر آهي ۽ اسان توهان کي ساليانو وظيفو ڏيون ٿا، توهان اُن مان نڀايو. پوءِ راڻيءَ محل جو ڪجهہ حصو ٽڪيٽ تي کولي ڇڏيو. انهيءَ مان هن کي ايتري تہ آمدني ٿي جو پوءِ هنن انهن پئسن مان محل جي مرمت

ڪرائي. پر پوءِ هنن انهيءَ مان ايترا ته پئسا ڪمايا جو اهو سلسلو هنن بند نه ڪيو. اهو محلن کي هوٽلون ڪرڻ وارو سلسلو مون انڊيا ۾ به ڏٺو.

اسان جنهن علائقي ۾ Haf Burg محل ڏسڻ لاءِ بيٺا آهيون، انهيءَ علائقي ۾ وڏي تعداد مان ميوزم، محل، چرچ ۽ پارليامينٽ هائوس، ٻيا محل ۽ هڪ باغ پڻ آهي. سڄيءَ دنيا مان جيڪي سياح ويانا گھمڻ اچن، سي هن علائقي ۾ ضرور اچن. اسان به پهرين هت گھمڻ آياسين. هي محل به تمام لاجواب هو. محل اندر ۽ ٻاهر ڪافي رش هئي. وڏي تعداد ۾ سياح هن ۾ گھمي ڦري رهيا هئا. هڪ ڪمري ۾ انهيءَ دؤر جو فرنيچر ۽ ان ۾ راڻيءَ ۽ بادشاهه جو مجسمو به رکيل هو. اسان هي محل ڏسي پوءِ هنن محلن پرسان ئي هڪ وڏو باغيچو هو. اهو ڏسڻ وياسين. هن باغيچي جي اڌ حصي گھمڻ لاءِ ڪابه في ڪانه هئي. باقي اڌ حصي لاءِ في هئي. ان حصي ۾ هنن وڏي تعداد ۾ دنيا مان گل ۽ وڻ ڳھرائي هت لڳايا هئا. باغيچي ۾ ٽڪيٽ واري پاسي رش گھٽ هئي، پر فريءَ واري حصي ۾ وڏي رش هئي. هي باغ تمام پراڻو هو. يورپ جون حڪومتون باغ باغيچن ۽ ملن تي تمام وڏي رقم خرچ ڪن ۽ انهن جي حڪومت تمام گھڻي حفاظت به ڪري. يورپ جي تمام وڏن باغن ۾ هرڻ ۽ ٻيا جانور باغ اندر کُلئي عام پيا هلندا آهن. سواءِ ڪنهن به خوف ۽ ڊپ جي. هت باغن ۾ گھوڙن تي سواريءَ لاءِ ڪيئي گھوڙا بيٺل هوندا آهن. توهان پئسا ڏئي انهن تي سواري ڪري سگھو ٿا. جيئن پاڻ وٽ ڪراچي ڪلفٽن تي گھوڙا گھمائڻ لاءِ بيٺا هوندا آهن ۽ اهڙن باغن ۾ تمام سُٺيون هوٽلون به سياحن لاءِ هونديو آهن. جت توهان پنهنجي پسند جي هر کاڌي پيتي جي شيءِ وٺي سگھو ٿا. اسان صبح جو هوٽل تان ناشتو ڪري ٻاهر نڪرندا هئاسين. تنهنڪري ڪوشش ڪري اسان ٻنپهرن جو لائيٽ کاڌو کائيندا هئاسين. سو اسان به هت ويهي ڪجھ دير آرام ڪيو پر کاڌو تمام ٿورو کاڌوسين. منهنجو پاڪستان ۾ هر روز اهو معمول هوندو آهي جو ٻنپهرن جي ماني کائي پوءِ ڪلاڪ کن لاءِ سُمهي پوندو آهيان ته، وري ننڊ مان اُٿڻ شرط پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪندو آهيان. پوءِ اُٿڻ شرط گھٽو ڪري ڪلاڪ ڏيڍ هر روز لِکندو آهيان، پر هت ته اچي ئي ماٺهو گھمڻ ٿو. سو ٻنپهرن جو هت سُمهڻ جو ته سوال ئي ڪونه ٿو پيدا ٿئي. تنهنڪري ئي هت ٿوري ماني کائبي آهي، جيئن بدن ڳرو نه ٿئي ۽ سُستي نه ٿئي. مِنا صرف آئيس ڪريم کاڌي. نور محمد ۽ مون

مڙئي ننڍو برگر کاڌو ۽ ڪوڪ پيتي.

اسان جي هاڻ ٻي منزل هت ٻي عالمي جنگ ۾ آسٽريا جي مُئل ماڻهن جون قبرن جو يادگار ڏسڻ هو. جيڪي آمريڪا ۽ انگلينڊ جي بمباريءَ ڪري سَوين ماڻهو مُئا يا اُت ڪيترن زنده ماڻهن کي دفن ڪيو ويو هو. هن علائقي کي ڪلب هيڊ ڪوارٽر چيو ٿو وڃي. هت هنن هڪ بهترين باغ ٺاهي اُت يادگار لاءِ پيلر به ٺاهيا آهن. جت سياحن سان گڏ سڄي آسٽريا جا ماڻهو به هنن قبرن تي وڏي تعداد ۾ اچي گل چاڙهين. پوءِ ڪجهه دير لاءِ هت خاموش بيهي هنن لاءِ هڪ قسم جي عقيدت ۽ ڏک جو اظهار ڪندا آهن. هت ماڻهو هڪڙا پئي آيا ته ٻيا پئي ويا. هت هڪ وڏي پيلر تي هيٺن لِکيل هو:

World War II Memorial هي ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ وري هيٺن لِکيل هو: .Mahnmal gegen krieg Und Faschismus

اڄ جي سفر جي هاڻ آخري منزل هئي. اسلامڪ سينٽر. هي سينٽر U.N.O سينٽر جي طرف هو. اسان پنهنجي ڪار ۾ دنيا جي هن خوبصورت شهر ويانا جي گهٽين مان هلندا هلندا اچي پنهنجي منزل تي پهتاسين. سڄي دنيا جي وڏن توڙي ننڍن مسلمانن توڙي غير مسلمانن ملڪ ۾ هزارن سالن کان اهڙيون خوبصورت مسجدون تعمير ٿيل آهن. جنهن جو مثال ڪونه ٿو ملي. جنهن ۾ بيت الله واري مسجد، مسجد نبوي، ترڪيءَ جي مسجد سليمان ۽ بلو مسجد. فلسطين مسجد اقصيٰ، پاڪستان ۾ بادشاهي مسجد لاهور ۽ اسلام آباد جي فيصل مسجد. هندستان ۾ حيدرآباد دکن جي مسجد ۽ دهليءَ جي بادشاهي مسجد شامل آهن. پر مسلم دنيا کان ٻاهر غير مسلمانن ملڪن ۾ به جيڪي مسجدون آهن. سي مقامي حڪومتن جي سرپرستيءَ کان سواءِ ماڻهن جي چندن سان ٺهيل آهن ۽ انهن ۾ مقامي حڪومتن ۽ غير مسلمان تنظيمن به هر مرحلي تي انهيءَ ۾ رڪاوٽون وڌيون پر شاباس هجي اتي جي عوام کي جن وڏي ڪوشش ۽ مشڪلاتن باوجود سڄي دنيا اندر غير مسلمان ملڪن جي ننڍن توڙي وڏن شهرن ۾ هاڻ هر جڳهه مسجدون ۽ اسلامي سينٽر قائم ٿي چڪا آهن. اهڙين ڏکين حالتن ۾ دنيا جي اهم شهرن مان هڪ شهر لنڊن اندر ٺهيل هڪ مسجد ۽ اسلامي سينٽر جي ٺهڻ جو توهان کي سربستو احوال ٿو ٻڌايان.

لنڊن جي مسلمانن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سڄي يورپ ۾ زياده ۾

زياده مسلمان لنڊن شهر ۾ رهن ٿا. ۽ ٻيو ته برطانيه جي سيني ڪالونين ۾ مسلمان عيسائين کان به زياده تعداد ۾ رهن ٿا، سو اسان کي لنڊن شهر ۾ هڪ مسجد ٺاهڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ ان لاءِ زمين به ڏني وڃي ته اسان هت مسجد قائم ڪري سگهون. جيتوڻيڪ جت هي حاڪم رهيا سنڌ سميت ته انهن اُت پهرئين پنهنجا چرچ ٺاهيا، پر لنڊن ۾ هي مسلمانن کي مسجد ٺاهڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. مسلمانن 1900ع کان وٺي انهيءَ ڪوشش ۾ لڳا پيا هئا، پر انگريزن مسلمانن کي اجازت يا زمين ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. انهيءَ جي برعڪس 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ بمبئي گورنمينٽ جي اجازت سان

Letter No. 16 Dated 16th January 1850, From Government of Bombay Intimaling that Government of India had sanctioned the construction of a Church at Karacho. (Book: The Contents of the premutiny Recoard of the commissioner in Sindh, page 39)

اهو چرچ هنن سنڌ جي پئسن مان ٺاهيو هو. پر انگلينڊ ۾ هيءَ مسجد لاءِ زمين ۽ اجازت ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هئا.

1930ع ۾ انگريزن کي مصر جي بادشاهه قاهره ۾ ان شرط سان زمين ڏني ته انگلينڊ ۾ توهان مسلمانن کي مسجد ٺاهڻ لاءِ پلاٽ ۽ اجازت ڏيندا. سو نيٺ زمين جو مسئلو ته حل ٿيو پر لنڊن ۾ مسجد ٺاهڻ لاءِ پئسا ڪٿان اچن، جو مسجد ٺاهجي. نيٺ پهرئين نظام دکن مسجد لاءِ سپ پئسا ڏنا. تنهن کان پوءِ وڏي رقم سعودي عرب جي بادشاهه شاهه فيصل ويهه لک پائونڊ ڏنا ۽ انهيءَ بعد دبئي جي حاڪم شيخ زيد بن سلطان النيهان پئسا ڏنا ۽ پڻ سعودي عرب جي بادشاهه شاهه فهد بن عبدالعزيز به پئسا ڏنا ته هي مسجد پنجهٺ لک پائونڊن جي وڏي رقم سان ٺهي تيار ٿي وئي. هن مسجد سان مدرسو هڪ وڏي لئبريري، ننڍي هوٽل ۽ ريڊيو اسٽيشن پڻ آهي. هن مسجد کي ريجنٽ پارڪ مسجد جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اسان به عيد تي جڏهن لنڊن ۾ هوندا آهيون ته عيد نماز انهيءَ مسجد ۾ پڙهندا آهيون. ويانا جي مسجد ۾ اسلامي مرڪز به شاندار ۽ ڏاڍي سُٺي نقشي سان نهيل آهن. اسان هت مسجد ۾ نفل پڙهيا ۽ مسجد مدرسي جي انچارج سان ڪافي ڳالهيون ٻولهيون پُڇڻ ٿي چاهيون، پر هن کي انگريزي صفا ڪانه ٿي

آئي. اسان هٿ ڪجهه فوٽا به ڪڍيا. اسان هتان هاڻ سِڌا پنهنجي رهائش جي هوٽل تي آياسين، اسان اچڻ شرط گرما گرم ڪافي پيتي، تنهن کان پوءِ شاور وٺي پنهنجي پنهنجي بيڊ تي ليٽي پياسين. ڪافي دير آرام ڪري پوءِ پاڪستان ۾ ٻارن سان ڳالهايوسين، مون ٽوئر جا نوٽس بُڪ تي نوٽ ڪيا. اهو منهنجو هميشه دستور رهيو آهي ته ٽوئر جا نوٽس ٽائيم ملڻ تي لکندو رهندو آهيان ۽ پوءِ واپسيءَ تي پنهنجي گهر اچي سفرنامو لِکندي ڪا تڪليف ڪانه ٿيندي آهي. نه ته هونئن وري سيني ڳالهين کي ياد ڪرڻ ڏاڍو ڏُکيو لڳندو آهي ۽ ڪافي ڳالهيون وِسري ويندڀيون آهن. چون ٿا ته ٻه دوست پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي هڪ ٻئي کان پُڇيائون ته توهان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون آهن ته هڪ ٻُڌايو ته ادا مون ۾ هي هي خوبيون آهن. وري ٻئي دوست چيس ته توهان ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن. ان دوست چيس ته ادا مون ۾ پهرين ته هڪ خوبي اها آهي جو منهنجي يادداشت ڏاڍي سُٺي آهي. تنهن تي سندس دوست چيس ته، اها ته ڏاڍي سُٺي ڳالهه آهي. هن دؤر ۾ جنهن جي هر ماڻهوءَ کي شڪايت رهندي آهي ته منهنجي يادداشت وڃي ڪمزور ٿيندي، پر تنهنجي هن دؤر ۾ به يادداشت سُٺي آهي. اها تمام سُٺي ڳالهه آهي، پوءِ پُڇيائينس ته ادا ٻي خوبي به ٻُڌائي ته ڪيس بروقت چيائين ته، سائين ٻي مون واري خوبي مون کي وِسري وئي آهي. سو اسان جي هينئر چاهتر سالن جي عمر ۾ يادداشت جا به اهڙا ئي حال آهن.

مِنا چيو ته ٻاهر هلو ته، ٿورو ضروري سامان وٺڻ ۾ ماني به هلي ٿا ٻاهر انهيءَ انڊين ريسٽورينٽ تي ڪائون ۽ نور محمد کي به شام واري پارڪنگ مان گاڏي ڪڍي رات واري پارڪنگ ۾ گاڏي بيهارڻي آهي. اسان تيار ٿي پنڌ ئي پنڌ ٻاهر نڪتاسين ته، نور محمد چيو ته توهان هوٽل تي هلو، آئون گاڏي پارڪ ڪري توهان وٽ پهچان ٿو. يورپ ۾ توهان ڪٿي به گاڏي بيهاريو پر توهان کي پارڪنگ جا پئسا ڏيڻا ئي ڏيا آهن. اسان هلندا اچي هوٽل تي پهتاسين. ته ڪلهه رات وارو هوٽل جو مالڪ يا مئنيجر به اسان کي ڏسي اچي اسان کي هيلو هيلو ڪري هليو ويو ته، ڪاڏي جي آرڊر وٺڻ وارو به ڪاڏي جي لسٽن واري ڪاپي کڻي پهچي ويو. اسان چيس ته ٿورو انتظار ڪري، اسان جو ٽيون ساٿي اچي ته پوءِ ٿا توهان کي آرڊر ڏيون، تيسين هو رائيتو، سلاد ۽ به ٽي ننڍا گرما گرم نان اسان اڳيان رکي پاڻ ٻين گراهڪن ڏانهن روانو ٿي ويو. ٿوري دير ۾ نور محمد آيو ته اسان سيني

پنهنجي پسند جا آرڊر بيري کي سڏ ڪري لِکايا. پر اڄ اسان برياڻيءَ جو آرڊر ڪونہ ڏنو. مون فش فرائي جو آرڊر ڏنو. ماني آئي تہ سيني ڏٺو مان سيني ٿورو ٿورو کاڌو لاٿو. اڄ کاڌو ڪلهہ کان وڌيڪ بهتر هو. هت اهو دستور هوندو آهي تہ مانيءَ کان پوءِ هوٽل جو مئنيجر توهان کان ضرور پُڇندو تہ کاڌو ڪيئن هو. توهان کي پسند آيو يا نہ. اسان بل ڏئي واپس اچي پنهنجي هوٽل تي آرامي ٿياسين. اسان صبح ناشتو ڪري ٽيوب ۾ چڙهي اچي Maria hefer street تي پهتاسين.

ويانا جي وڏين شاپنگ ايرياز ۾ اندر ٽريفڪ بلڪل ڪانہ هوندي آهي. ماڻهو پنڌ ئي پنڌ گُهمن ڦرن ۽ شاپنگ ڪن. اهو ڳاڙين جو شهرن جي ڪجھ ۾ نہ هلڻ جو رواج مون يورپ جي ڪافي شهرن ۾ ڏٺو. ائين گُهمڻ جو بہ پنهنجو مزو آهي. سڄو علائقو سواءِ بسن، ٽرامن، ڪارن جي. اهڙن دنيا جي شهرن کي ڏسي عجيب لڳندو آهي. پاڪستان جهڙي ملڪ جي ماڻهن لاءِ اهڙا منظر عجيب لڳندا آهن. ويانا جو شهر صبح جو نَوين بجي کُلي ۽ شام ڇهين بجي بند ٿئي. ڪن ڪن دڪانن کي رات دير تائين کولڻ جي اجازت آهي. اهڙن دڪانن ۾ ريزڪي دڪان، ڪتابن جا دڪان ۽ سگريٽن جا دڪان شامل آهن. پاڻ وٽ اهڙن دڪانن ۾ ميڊيڪل اسٽور بہ شامل هوندا آهن. پر هت ويانا ۾ انهن کي اهڙي رعايت مليل ڪونهي. ويانا ۾ سڄي دنيا جي Chain of Malls ۽ اسٽورس جون برانچون توهان کي هُڪ بازار ۾ ڏسڻ ۾ اينديون. خاص ڪري يورپ جي اهڙين سيني Malls، اسٽورن جون برانچون بہ وڏي تعداد ۾ ويانا ۾ نظر اينديون. مون ڊاڪٽر پارس ۽ فرخ لاءِ وانچون ۽ بہ تي پرفيوم خريد ڪيا. نور محمد بہ مختصر سامان پنهنجي بيگم ۽ ٻارن لاءِ ورتو. اُهي اسڪولن ۾ موڪل نہ هئڻ ڪري هن دفعي اسان سان ٽوئر ۾ گڏ نہ هئا. پر گذريل سال هو اسپين ۽ پورچوگال جي سڄي ٽوئر ۾ اسان ساڻ هئا. نور محمد جي ڌيءُ پُٽ لنڊن شهر جي اسڪول ۾ پڙهندا آهن. لنڊن جي اسڪولن ۾ سرڪاري موڪلن کان سواءِ ٻي موڪل ڪانہ ٿئي. جي توهان موڪل لاءِ درخواستون ڏيندا تہ اها بہ غير حاضريءَ ۾ ڳڻبي ۽ اسڪول وارا انهن غير حاضر ڏينهن تي توهان تي ڏنڊ هڻندا. هڪ دفعو عبدالحئي جونيئر نَوَ ڏينهن اسڪول مان موڪل ورتي تہ مٿس نَوَن ڏينهن جا هڪ لک سٺٽيهہ هزار پاڪستاني روپيا ڏنڊ هنيائون. سو ڪير بہ مائٽ ڪونہ چاهيندو تہ منهنجا ٻار اسڪول مان غير حاضر هجن. انهيءَ جي برعڪس

پنهنجي ملڪ ۾ نوڪريون پئسن تي ملن. بورڊ ۽ يونيورسٽين کان مارڪون، گريڊ ۽ ڊگريون پئسن تي ملن، پبلڪ سروس ڪميشن مان نوڪريون سفارش ۽ پئسن تي ملن، پوءِ مائٽ ڇا لاءِ پڙهائيءَ تي خرچ ڪن.

مِنا به سندس لاءِ ۽ سيني ٻارن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه خريد ڪيو. اسان بنپهرن جي ماني به هت هڪ ترڪ هوٽل تي کاڌي. اسان کي هت گُهمندي ڦرندي خريداري ڪندي چار پنج ڪلاڪ ٿي ويا. سو اسان خيال ڪيو ته شام جو ڪروز ۾ سير ڪريون. سو اسان ويانا جي هنن حَسين بازارن کان هميشه هميشه لاءِ موڪلائي اچي ويانا جي وچ مان گُذرندڙ دريا ڊينوب (Danube) جي ڪِناري پهتاسين، هتي اسان پنهنجي گاڏي پارڪ ڪري اچي ٻاهر ڪروز ۾ چڙهڻ واري لائين ۾ بيناسين. هت ايڏي رش ڪانه هئي، جيتري ترڪيءَ جي شهر استنبول جي باسفورس سمنڊ ۾ ٿئي. انهيءَ جهڙي رش مون سڄي دنيا ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ سمنڊ ڪِناري نندين ۽ وڏين ٻيڙين ۽ ماڻهن جي ڪانه ڏٺي. اهڙي رش آمريڪا جي سمنڊ ڪِناري شهرن ۾ ڪانه ٿئي. اسان ٽڪيٽ اڳ ئي وٺي ڇڏي هئي. صرف ڪروز اندر چڙهڻ لاءِ اسان لائين ۾ بيٺل هئاسين. سو ڪروز جيئن چڪر لڳائي ڪِناري سان لڳو ته، اسان به انهيءَ ۾ چڙهي پياسين. يورپ ۾ هر ڪم ڊسيپلين سان ۽ لائين سان ٿئي. هي ماڻهو ڇاوا به شايد لائين ۾ آهن. شراب ۾ ڌُت هوندا، پر لائين ڪونه ٽوڙيندا. يورپ ۾ اهڙا ڪروز گهڻو ڪري ٻن فلورن جا ٿين ۽ سندن مٿيون فلور گهڻو ڪري کُليل هوندو آهي. پر مون جرمنيءَ ۾ اهڙن ڪروزن مٿان شيشي جي ڇت به ڏٺي ۽ اندر سڄو ايئر ڪنڊيشن هو جي مينهن پئي تڏهن به اهڙي شيشي ۾ ماڻهو برسات ۾ پُسي ڪونه. ۽ وري شيشي مٿان برسات پوندي ڏسندي ڏاڍو مزو اچي. اسان هت جيئن ئي جهاز ۾ چڙهياسين تيئن اسان جي استقبال لاءِ بيٺل ڇوڪرين جي هٿن ۾ وائين ۽ جوس جا گلاس هئا. جيڪي هنن اسان کي پيش ٿي ڪيا. اسان جوس جا جام هنن کان وٺي اچي پنهنجي رزورڊ ٽيبل تي ويناسين. ههڙن جهازن ۾ گهڻو ڪري راڳ، ماني، ڊرنڪ ۽ وري ڪروز جي هڪ پاسي ننڍا ننڍا ڪمرا به هوندا آهن. جيڪي جوڙا اُتي وڃي رهن ته اها سهولت به اُت انهن جوڙن لاءِ هوندي آهي. ته پلي سئر دؤران روح رچنديون ڪن. انهن جي هُو جُدا مسواڙ وٺن، جيڪا ڪافي مهانگي هوندي آهي. سچ لهڻ وارو هو پر اڄ اسان هت سوير ماني کائڻ جو پروگرام ناهيو

هو. ڪاڏي ۾ مون رشين بدڪ جي ڊش جو آرڊر ڏنو. نور ۾ منا فش فرائيڊ وٽ رائيس جو آرڊر ڏنو. ڪروز اندر ميوزڪ جو به بهترين بندوبست ٿيل هو. جت فنڪارن انگريزي ۾ آستريا جي ميوزڪ ٿي وڄائي. ميوزڪ ختم ٿيڻ تي ماڻهن هنن کي داد ته ڏنو ٿي، پر ڪنهن به هنن فنڪارن کي پئسا ڪونه ٿي ڏنا. ميوزڪ مسلسل هلندي ٿي رهي. هڪڙا ماڻهو ڪروز اندر ٿي آيا ته ٻيا ٿي ويا. ماني ٿانوَن مان لاهي ميز تي رکڻ جو هنن جو انداز ڏاڍو پُروقار ۽ وڻندڙ هو. انهيءَ سروس تي گهڻو ڪري سڀ ننڍيون نينگريون نيٺيون چوڪريون مقرر ٿيل هيون. اسان جي ٽيبل تي ماني لڳي ته، اسان به اڄ وقت کان ٿورو اڳ ماني کاڌي. منهنجو آرڊر رشين ڊڪ (Russian Duck)) جو هو. جيڪو اسان کي اسان جي بيدا پيسٽ جي ميزبانن اُتي کارائي هئي. منهنجو پهريائين خيال هو ته هي به پنهنجي بدڪن جهڙوڪ کائڻ ۾ هنن جو به ذائقو هوندو. پر کائڻ کان پوءِ خبر پئي ته، هيءَ شيءِ ٻي آهي ۽ چا ته ٽيسٽ هيس. رشين ڊڪس سڄي يورپ جا ماڻهو ڏاڍي شوق سان کائين. کائڻ ۾ ڏاڍي لذيذ لڳندي آهي. کاڌي ۾ به هر ماڻهوءَ جي پنهنجي پسند ٿئي، ڪنهن کي پَلو وڻي ته، ڪنهن کي هرڻ جو گوشت وڻي ته، ڪنهن کي گانگٽ وڻن. آئون لفظ گانگٽ چاڻي واڻي لِکندو آهيان. گانگٽن کي اُتر جا ماڻهو سانا چون. اردو ۾ جهينگے چون ۽ لاڙ ۾ اڳ گانگٽن کي ماڻهو چوندا هئا گانگٽ پر هاڻ لاڙ ۾ به ماڻهو گانگٽن کي چون جهينگا. جيئن اڄڪلهه سنڌي موڪل کي چون ڇُٽي، تيئن گانگٽ لفظ اسان کان وڃي موڪلائيندو. ماني تمام سُنن ڏونگن ۾ آڻي اسان جي اڳيان رکيائون. منهنجي ڊش يعني رشين ڊڪس هڪ سهڻي سفيد وڏي پليٽ ۾ آڻي منهنجي اڳيان رکيائون. جنهن ۾ ٽي وڏا ڪباب هئا، جيڪي چپلي ڪباب کان ٿورا ننڍا هئا. ڪبابن جي هڪ طرف ڪريم ۽ ٻي طرف سلاد رکيل هو مون صرف هڪ ڪباب پنهنجي پليٽ ۾ لاٿو. اسان ماني ۾ مِنو کائي پوءِ مٿي کُليل فلور تي وياسين. مٿي هاڻ ويانا چؤطرف روشنين ۾ جرڪي رهيو هو. بيحد خوبصورت نظارو هو. مٿي هيٺ کان وڌيڪ رش هئي. مٿي ويهڻ لاءِ مختصر ڪرسيون به پيل هيون. پر سياح ڪروز جي چؤطرف لڳل هوڪس ۾ جهلي بيهي هي حسين نظارو ڏسي رهيا هئا. اُت ٻيهڻ سان درياءَ ۾ پوندڙ لائيٽن جي روشنين جو نظارو به ڏاڍو روح پرور هو. هت وڏي تعداد ۾ سياح اچي ۽ وڃي رهيا هئا، پر ڪوبه گوڙ ڪونه هو. باقي ڪئميرائن جي روشنين جا هر طرف چمڪات

لڳا پيا هئا. آئون ۽ مِنا ٽائيٽينڪ جهاز وانگر جهاز جي بلڪل فرنٽ ۾ اچي بيهي رهياسين، ته اُت نور محمد اسان جا فوٽو ڪڍيا.

جهاز جو هي ٽوئر ٻن ڪلاڪن جو هو. جنهن جي ٽڪيٽ ۾ ماني منو، ڪوڪ يا وائين شامل هئا. هت هيڏي ساري روشنين ۾ آسمانن ۾ تارا ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيا. تنهنڪري وڏن شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو چنڊ ۽ تارن جي آسمان ۾ سُونهن کان هميشه محروم هوندا آهن. هت به آسمان انهن نعمتن کان خالي هو. ڪروز جي پٺئين پاسي نديءَ جي پاٽيءَ ۾ مختلف روشنين جي رنگن جو هي منظر ڏسڻ وٽان هو. اسان ٿوري دير هت پيل ڪُرسين تي ويهي رهياسين ۽ نديءَ ۾ روشنين جا هي عڪس ۽ اولڙا ڏسندا ڏسندا اچي ڪِناري تي پهتاسين. مٿان ٽي ڏنم ته ڪروز ۾ چڙهڻ وارن جي رش ايتري ته هئي جيتري اسان جي اچڻ وقت هئي. شايد هنن ماڻهن جي گُهمڻ لاءِ هميشه هڪ جيترا پئسينجر ئي جهاز ۾ چاڙهين. ڪروز ۾ اسان به لائين ۾ هلندي هلندي اچي هيٺ پهتاسين ۽ پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويانا جي سُنن روڊ رستن تان هلندا هلندا اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. بوبي اسان کي هوٽل تي لاهي پاڻ ڪار پارڪنگ ۾ بيهارڻ هليو ويو. اسان کي صبح سوير ويانا کان دبئي وڃڻو هو ۽ نور محمد کي واپس لنڊن وڃڻو هو. سو مِنا سندس ۽ منهنجي سامان کي هڪ هڪ ڪري ٺاهي جوڙي پيڪ ڪرڻ لڳي. اسان ماني ته ڪروز مان ئي کائي آيا هئاسين، نور محمد آيو ته ان به پنهنجو سامان پيڪ ڪرڻ شروع ڪيو. جيستائين هي سامان پيڪ ڪن، تيسين مون ڪاپي ڪڍي ويهي ٽوئر بابت نوٽس لکيا. به ٽي ڏينهن مون ٽوئر جا نوٽس ڪونه لِکيا هئا. جيسين مون نوٽيس لِکي ورتا، تيسين نور محمد ۽ مِنا به پنهنجي سامان جي پيڪنگ مان واندي ٿي ويئي، ته اسان سواءِ ڪنهن ڳالهه ٻولهه جي وڃي پنهنجي ڪمرن ۾ آرامي ٿياسين. سڄي ٽوئر ۾ اسان جا ٻه ڪمرا هوندا هئا. هڪ نور محمد لاءِ ۽ هڪ اسان لاءِ. هميشه وانگر ٽوئر جي آخري رات جو ننڊ ٿورو ڊسٽرب هوندي آهي. خاص ڪري اهو خيال هوندو آهي ته ڪا شيءِ وِسري نه وڃي. هونئن به هميشه سفر جي آخري ڏينهن تي وري پنهنجا ۽ پنهنجو ملڪ ياد اچڻ شروع ٿي ويندو آهي. صبح سوير پنهنجو سامان ڪڍي اچي هوٽل جي لائونج ۾ رکيوسين. اسان پهرين ڊائيننگ هال ۾ ناشتو ڪرڻ وياسين ته، دستور مطابق سڄي دنيا جي سياحن جي رش لڳي پئي هئي ۽ اسين به هڪ ٽيبل

تي ويهي پنهنجي پسند جو ناشتو ڪٽي. اچي ڪائڻ لڳاسين، ناشتي بعد نور محمد هوٽل وارن سان حساب ڪتاب ڪيو ۽ ڪين ڪمرن جون چاٻيون واپس ڪيون. نور محمد اُتان واندو ٿي اچي اسان کي چيائين ته توهان هت انتظار ڪريو ته آئون پارڪنگ مان گاڏي ڪٽي اچان ته پوءِ گڏجي ٿا ايئرپورٽ هلون. صبح سوير هئي تنهنڪري نور محمد کي به گاڏي ڪاهي اچڻ ۾ ڪا دير ڪانه ٿي. ۽ ائين ويانا جي هن حسين شهر کي آخري سلام ڪندا شهر ۾ ايئرپورٽ ويندڙ روڊ تي هلندا وڃي رهيا آهيون. اسان جڏهن ڪافي پنڌ ڪيو ته، گوگل جو ڪار ۾ لڳل ڊوائيس اسان کي ڪنهن غلط رستي کان ايئرپورٽ وٺي وڃي رهيو هو. سو نور محمد گاڏي روڊ تي بيهاري سندس موبائيل ذريعي انهيءَ جي رهنمائي ۾ اچي ايئرپورٽ پهتاسين. لهڻ مهل نور محمد ٻڌايو ته پاڻ خوامخواه ويهه پنجويهه ڪلوميٽر زياده سفر ڪيو. نور محمد يورو ڪار جي آفيس مان جتان اسان يورپ جي ستن ملڪن جي سفر جي شروعات ڪئي هئي ۽ جتان اسان هي ڪار ڪرائي تي ورتي هئي. نور محمد اُت ڪار واپس ڪرڻ ۽ ساڻس حساب ڪتاب ڪرڻ ويو. ڪار کي سفر دوران جي معمولي ڌڪ لڳو ته اُن جا پئسا ڪونه وٺندا آهن. چوندا آهن ته ڪار انشورنس هوندي آهي. سو اهو خرچ اسان ڪونه پريندا آهيون، باقي واپس ڪار ڏيڻ مهل اهو ضروري هوندو آهي ته، ڪار سُٺي نموني سان اندران ۽ ٻاهران صاف ٿيل هجي. جي ٿوري به صفائي ۾ ڪمي هوندي ته چوندا ته هن کي واپس صاف سٿرو ڪري ڏي يا انهيءَ جا اضافي پئسا چارج ڪندا آهن. جيئن ته اسان هميشه هر ملڪ ۾ ڪار رينٽ تي وٺندا آهيون، تنهنڪري اهي ڳالهيون سمجهي ويا آهيون. جي ٽوئر ۾ چار ڄڻا آهن ته ڪار رينٽ تي وٺڻ سان ٽرين، انڊر گرائونڊ ٽيوب، بس ۽ ٽيڪسيءَ جي خرچ کان گهٽ خرچ ٿئي ٿو. ٻيو ته انهيءَ ڪري سفر ۾ وڏي آساني به ٿئي ٿي. پر انهيءَ ڪار ڏيڻ لاءِ اهو شرط آهي ته گاڏي هلائيندڙ يورپي يونين جو ڊرائيونگ ليسن هجي ۽ هو شهري به يورپي يونين جو هجي، نه ته ڪار ڪانه ملندي. پوءِ پيا ريل، انڊر گرائونڊ ٽيوب، بسن ۽ ٽيڪسين ۾ ڌڪا جهليو اهڙيءَ طرح جي توهان ٻاهرين ملڪ وڃڻ کان به ٽي مهينا اڳ ٽڪيٽون ۽ هوٽلون بُڪ ڪرايو ته به توهان کي پئسن ۽ وقت جي ڪافي بچت ٿيندي ۽ سڄي ٽوئر ۾ اهو ٽينشن ڪونه هوندو ته، خبر نه آهي ته ڪٿ ڪمرو ملي يعني شهر اندر يا شهر کان

ڪافي ڀاڙو. پوءِ جي ڪمرو شهر کان ٻاهر مليو ته، اضافي ڀاڙا ۽ اچڻ وڃڻ ۾ به ڪافي وقت ضايع ٿيو وڃي. پر جي توهان هوٽلون اڳواٽ بُڪ ۽ هوائي جهاز جون ٽڪيٽون اڳ خريد ڪري ڇڏيون ته، پوءِ توهان جو سفر تمام گهڻو سستو ۽ آرامده ٿي ويندو. جيئن نور محمد ڪار ڏئي واپس آيو ته اسان پنهنجون بئگون گهليندا وڃي ايئرپورٽ جي ڪنويئر بيلٽ پرسان ويٺل اسان جي ايئر لائين جي ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪريءَ کي پنهنجون ٽڪيٽون ڏيکاريون ۽ پنهنجون بئگون هنن جي حوالي ڪري وڃي لائونج پيڙا ٿياسين. باقي هاڻ دنيا جي ايئرپورٽ تي ايندي ويندي ڪسٽم چيڪنگ ڪانه ٿئي. هاڻ گهڻو ڪري پاڪستان ۾ ڪسٽم چيڪنگ ڪانه ٿئي. بيو ته يورپ آمريڪا جي ايئرپورٽ تي صرف اچڻ مهل اميگريشن ٿي وڃڻ مهل اُتي اميگريشن ڪانه ٿئي. هي ڇون ته اسان جي ملڪ مان جيڪو وڃي سو سُنو. اسان ڇو وري هنن کان سوال جواب ڪريون. اسان کي ڪو واپس ٿورو ئي هنن کي پنهنجي ملڪ ۾ ويهارڻو آهي. پر پنهنجي ملڪ ۾ ايندي ويندي اميگريشن ٿئي. اسان کي هت ايئرپورٽ تي ڪجهه رسيدون ڏيکاري ڪسٽم وارن کان پئسا واپس وٺڻا هئا. ڇو ته ڪافي شين تي هتي غير ملڪين کي ٽيڪس جي ڇوٽ هوندي آهي. پر اها سهولت سنڌن شهرين کي ڪانه هوندي آهي. نور محمد ڪائونٽر تان فارم پري ڪين ڏنو ته ڪيس ڇئون ته لائين ۾ ٿي بيهي پنهنجي واري تي اسان کي اهو فارم ڏج. پوءِ اهو فارم چيڪ ڪر توکي هت لڳل ٽيڪس جا پئسا واپس ڪنداسين. اسان به لائين پرسان ٿي بيهي رهياسين. ته متان اسان جي به ضرورت نه پوي لائين ۾ ماڻهو ٿورا هئا. پر ڪائونٽر تي ويٺلن هرويرو دير ٿي ڪئي. پر اسان به دير جو انتظار ڪيو. پر سڀ پئسا واپس ورتاسين جيڪي پاڪستاني پنجاهه هزار روپيا ٿيا ٿي. جهاز وڃڻ ۾ دير هئي، سو اسان لائونج ۾ اچي ويناسين. هت رش گهٽ هئي. صرف نور محمد سان ئي مون ۽ مِنا اوڏيهه ملڪ گُهميا آهن پر هاڻ جڏهن هو لنڊن رهي ۽ اسان پاڪستان ۾ ته اسان اهڙي نموني ٽڪيٽ ورتون جو هو لنڊن مان ڪلاڪ اڌ ايئرپورٽ تي جت اسان کي پوءِ گڏجي. تونئر ڪرڻو هجي ته اڳ پهچي ۽ وڃڻ مهل به اڻين ٿئي. جو هو اسان کان اڌ ڪلاڪ پوءِ جهاز ۾ چڙهي لنڊن وڃي. ڇو ته هو تيرهن سالن کان لنڊن شهر ۾ رهي ۽ هاڻ سندس سڄي فيمليءَ کي برٽش پاسپورٽ ۽ برٽش جو ڊرائيونگ ليسن آهي، سو هينئر به نور

محمد اسا کي ايميريٽس ايئر لائين ۾ دبئي لاءِ روانو ڪري، پوءِ پاڻ لنڊن لاءِ فلائي ڪندو. جيسين اسان جي جهاز جي وڃڻ جو اعلان ٿئي، تيسين نور محمد ڪافي وٺي آيو ۽ اسان گڏجي پيتي ۽ اسان جو هت ويانا ۾ ڪافيءَ جو آخري ڍُڪ هو. پوءِ وري ميڙا نصيبن جا. سو اسان گرما گرم ڪافي پي رهياسين تہ مون کي پري کان ايران ايئر لائين جو جهاز رن وي تي بيٺل نظر آيو چو تہ سالن کان ايران تي لڳل عالمي پابنديون آمريڪا جي صدر بارڪ حسين اوباما ايران سان هڪ ناهہ ڪر اهي سڀ پابنديون ختم ڪري ڇڏيون ۽ ايران هاڻ سڄي دنيا سان سواءِ ڪنهن پابندين جي واپار ڪري ٿي سگهيو سو انهيءَ ڪري هاڻ ايران جا جهاز سڄي دنيا جي ايئرپورٽن تي اُڏامي ٿي سگهيا. پر موجوده صدر جوبائيڊن اهو ناهہ ڪئنسل ڪري اڳ کان بہ وڌيڪ پابنديون ايران تي هڻي ڇڏيون آهن. 16 جنوري 1979ع ۾ جڏهن ايران جو شهنشاهہ ملڪ مان فرار ٿي مصر ويو تڏهن کان وٺي اڄ تائين تقريباً ۽ائيتاليهہ سالن کان آمريڪا ڪڏهن عراق کي هٿيار ۽ پئسو ڏئي ايران سان سالن جا سال جنگ ڪرائي تہ ڪڏهن خود آمريڪي شهرين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هيليڪاپٽر موڪلي ايران تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهي هيليڪاپٽر طوفان لڳڻ ڪري پاڻ ٽڪرائجي تباهہ ٿي ويا ۽ ائين آمريڪا جو اهو حملو ناڪام ٿيو. اصل مقصد آمريڪا جو هي آهي تہ ايران اسرائيل جي آڙ مڃي، جيئن هاڻ تقريباً سيئي مسلمان ملڪ سواءِ مليشيا، ايران ۽ هاڻ رجب اردگان جي دؤر ۾ ترڪي بہ اسرائيل جي دنيا جي هر پليٽ فارم تي مخالفت ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڪري ترڪيءَ جا آمريڪا سان هاڻ اهڙا تعلقات ڪونہ آهن. جيڪي اڳ هئا. سو ايران چاليهن سالن کان آمريڪا ۽ اسرائيل سان جڻ تہ حالت جنگ ۾ آهي. اسان جي جهاز جي هلڻ جي اناؤنسمينٽ ٿي تہ دبئي وڃڻ وارا پئسينجر بہ جهاز ڏانهن آهستي آهستي هلن. ۽ اسان بہ پنهنجو هٿ ۾ کڻڻ وارو سامان کڻي پنهنجي سِيٽن تان اُٿي پهرين نور محمد کان موڪلائي پوءِ وڃي انهيءَ لائين ۾ بيناسين. جيڪا لائين اسان جي جهاز واري گيٽ ڏانهن آهستي آهستي هلي رهي آهي، پر ايڏي رش ڪانہ هئي، جيڪا دُبئي کان لنڊن يا لنڊن کان دبئي لاءِ هوندي آهي. اسان جڏهن دبئي کان ويانا آيا هئاسين، تڏهن بہ رش گهٽ هئي. جي جهاز ۾ چڙهڻ وارن جي رش زياده هوندي آهي تہ جهاز ۾ پهرين فرسٽ ڪلاس جي پئسينجرن کي چاڙهين، تنهن

ڪان پوءِ بزنس ڪلاس جي پئسينجرن کي چاڙهين، بلڪل آخر ۾ ايڪانامي ڪلاس جي پئسينجرن کي جهاز ۾ چاڙهين، پر جي رش ڪانه هوندي آهي ته پوءِ ڪابه جهل پل ڪانه هوندي آهي، سو اسان به هلندا هلندا پائليٽ ۽ سندس اسٽاف طرفان اسان کي ويلڪم ڪرڻ جو جواب ڏيندا، جيئن جهاز اندر داخل ٿياسين، تيئن اسان کي هڪ شيدڻ ايئر هوسٽس آٽي اسان کي پنهنجي سِيٽ تي ويهاريو. اسان پنهنجو مختصر سامان جهاز جي سِيٽ مٿان ڪيٽ ۾ رکي آرام سان سيٽن تي ويهي رهياسين. آئون گهڻو ڪري ايميريٽس جي جهازن ۾ سفر ڪريان. جڏهن به ملڪ کان ٻاهر وڃان. انهيءَ جو سبب ته هنن جا جهاز گهڻو ڪري نوان ۽ ٻيو ته سفر لاءِ ايئربس هوندي آهي، جيڪا ڏاڍي آرامده هوندي آهي. ٻيو ته هنن جي سروس ۽ کاڌو تمام سُٺو هوندو آهي. سڀ پئسينجر جڏهن اندر داخل ٿيا ته جهاز جي هلڻ جي اناؤنسمينٽ ٿي. سِيٽ سِڌي ڪري ويهڻ ۽ بيلٽ چيلهه ۾ ٻَڌڻ جو ۽ ٻيو جهاز ۾ ڪنهن ايمرجنسي باري ۾ سمجهاڻي اسڪرين تي اچي وئي. جيڪو ڪوبه پئسينجر ڪونه ڏسي. اڳ اها سمجهاڻي هڪ ايئر هوسٽس جهاز وچ ۾ بيهي فزيڪلي مسافرن کي سمجهائيندي هئي، پر هاڻ اها سِيٽ تي لڳل اسڪرين تي مسافر ڏسي سگهن ٿا. گهڻو اڳ مسافر جهاز سنگل اسٽوريءَ جا هوندا هئا. پر هاڻ گهڻو ڪري سڀ جهاز ڊبل اسٽوريءَ جا آهن ۽ ائين گهڻو اڳ جهاز اندر وڃڻ لاءِ بسن ۾ چڙهي پوءِ رن وي تي بيٺل جهاز ۾ وڃي چڙهبو هو پر هاڻ ائين ڪونهي. هاڻ جهاز ايئرپورٽ وچ ۾ لڳل سيڙهيءَ ذريعي سڌو ايئرپورٽ بلڊنگ کان وڃبو جهاز اندر داخل ٿئي. اسان جو هوائي جهاز آهستي آهستي هلندو اچي پنهنجي اُڏام جي رن وي تي بيٺو ته پائليٽ ڪيس اُڏامڻ واري گيئر ۾ وِڌو ته جهاز جو گوڙ زياده ٿي ويو ۽ جهاز ٿوري دير بيهڻ کان پوءِ اُڏامڻ شروع ٿيو ۽ جڏهن جهاز پنهنجي اُڏام واري لائين تي پهتو ته، جهاز جي عملي ۾ چُرپُر شروع ٿي ۽ ڪجهه مسافر باٿ روم ڏانهن وڃڻ لڳا. هر سفر گهڻو ڪري آئون دريءَ واري سِيٽ تي ويهان. پر هينئر انهيءَ سيٽ تي مِنا ويٺي. مون سفر جا فوٽو ڪڍي ڏسڻ شروع ڪيا ۽ پڻ ڊائريءَ ۾ سفر جو سربستو احوال ڪاپيءَ تي لِکڻ لڳس. تقريباً مُني ڪلاڪ بعد مانيءَ جي ٽرالي جي گرجڻ جو آواز ٻُڌم ۽ آهستي آهستي ٽرالي اچي اسان جي سِيٽن اڳيان بيٺي ته هڪ ايئر هوسٽس پُڇيو ته، چڪن يا مٽن. مون چيو ته هڪ چڪن ۽ هڪ مٽن. اسان سفر

۾ هميشه ڪاڏي ۾ صرف چکن يا مٽن نه پر ٻئي گُهرائيندا آهيون ته ٻنهي جي ٽيسٽ وٺجي. مِنا تمام گهٽ ڪائي سو ٻنهي جي آيل ڪاڏي ڪي آئون مُنهن ڏيان. مِنا وري منو ڪائي، باقي آئون ٻئي ڊش کاوان. ڪاڏو ڏين ٿورو پر ڏاڍو لذيذ ۽ سوادي هوندو آهي. خاص ڪري ايميريٽس ايئر لائين وارن جو ڪاڏو ته ٻين ايئر لائين وارن کان وڌيڪ سُٺو ۽ لذيذ هوندو آهي. توهان کي ڪا شيءِ پسند اچي ته وري ٻيو دفعو به توهان کي اها شيءِ ڏين. سڪسٽيز ۽ سيونٽيز ۾ دنيا اندر پي. آءِ. اي نمبر وارن ايئر لائن ۾ به پهرين نمبر تي هئي. ايميريٽس ائير لائين وارن هڪ جهاز مسوارتي پي. آءِ. اي کان وٺي ايئر لائين شروع ڪئي، هاڻ ايميريٽس دنيا جي نمبر ون ايئر لائين آهي ۽ هاڻ P.I.A صرف اَنن ڏهن ملڪن ۾ هلي ۽ چار پنج جهاز جيڪي P.I.A وارن وٽ آهن. سي به شايد ڪِرائي ته سريلنڪا ۽ آذربائيجان وارن کان ورتا آهن. حڪومت هن مان جان ڇڏائڻ لاءِ اسٽيل مل، ريل جون ڪجهه لائينون، يوٽيلٽي اسٽورن وانگر پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڏئي ان مان مال ڪمائڻ تي گُهريو پر ڪورٽن کين اجازت ڪانه ڏني. انهن کي به ته مال گُهرجي، سو هاڻ هي اِدارا هنن کي ته ڳچيءَ ۾ پئجي ويا آهن. جو هاڻ هنن مان جان ڇڏائڻ حڪومت لاءِ ڏکيو ٿي ويو آهي. حڪومت هر سال هنن ادارن تي اربين روپيا ٿي خرچ ڪري. P.I.A جي اوج واري زماني ۾ P.I.A جو چيئرمين هوائي جهاز جو سربراهه ايئر مارشل نور خان هو. جنهن جي انهيءَ وقت حيثيت P.I.A چيئرمين ڪري صدر کان پوءِ ٻئي نمبر تي هئي. پاڻ پٺاڻ هو. انهيءَ وقت P.I.A چيئرمين پٺاڻ هو. ملڪ جو صدر ايوب خان پٺاڻ هو. مغربي پاڪستان جو گورنر موسيٰ خان پٺاڻ هو. ڪراچيءَ جو ڪمشنر روئيداد خان پٺاڻ هو. حيدرآباد جو ڊي. آءِ. جي ارباب پٺاڻ هو. منهنجي نظر ۾ سنڌين لاءِ ستياليهه کان وٺي اڄ تائين خراب ۾ خراب دؤر ايوب خان پٺاڻ جي حڪومت وارو دؤر هو. جڏهن ون يونٽ کي مغربي پاڪستان اسيمبلي هڪ قرارداد پاس ڪري وڏي اڪثريت سان ختم ڪرڻ جو بل پاس ڪيو ته، ايوب خان ملڪ ۾ مارشل لا هڻي ون يونٽ کي برقرار رکيو. سنڌ جون زمينون ٽيهه لک ايڪڙ مفت ۾ غير سنڌين کي ڏئي کين سنڌ ۾ آباد ڪيو. سنڌي قومي ٻوليءَ مان صرف پرائمري تعليم تائين محدود ڪيو. انگريزن کان وٺي سنڌ اندر جيڪا سؤ سالن ۾ سياسي قيادت تيار ٿي هئي، تنهن کي ايبڊو تحت هميشه هميشه لاءِ نااهل ڪري ڇڏيو.

سنڌ اندر سڄي بيورو ڪريسيءَ کي غير سنڌين سان پري ان سان سنڌ کي هلائين. پيو ته ٺهيو پر اسان جو ڳوٺ پنون جيڪو ٻن ٽن سؤ گهرن تي مشتمل ڳوٺ آهي. ان ۾ ايوب جي دؤر حڪومت کان اڳ ايس. ايچ. او ڊاڪٽر، رينج فاريسٽ آفيسر ۽ هيڊ ماسٽر هميشه سنڌي هوندا هئا، سي سڀ غير سنڌي مقرر ٿي ويا. تيستائين جيسين وڃي ون يونٽ ٽُٽو.

اسان کي دنيا جي هن ٻن حسين شهرن يعني ويانا ۽ دبئي جي وچ ۾ اهڙي سُٺي ايئر لائين ۾ سفر ڪندي به پنهنجا ڏُک ۽ سُور ياد اچي ويا. ماني ڪائي مِنا جلد سُمهي پئي ۽ آئون ايئرفون ڪنَ ۾ لڳائي پُراڻي انڊين فلم کبھی کبھی لڳائي ويهي ڏسڻ لڳس. مون کي ننڍپڻ کان وٺي فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي جو اڃا تائين ختم ڪونه ٿو ٿئي. مون زندگيءَ ۾ پهرين فلم 1958ع ۾ تيرهن سالن جي عمر ۾ حيدرآباد جي الائيڊ سئنيما ۾ ياسمين ڏٺي. جنهن جي هيروئن وجنتي مالا هئي. جيڪا هينئر به هندستان جي راجيه سڀا جي ميمبر آهي. ڏاڍي حسين هوندي هئي. ياسمين فلم جي اسٽوري ۽ سڀ گانا مون کي ياد آهن. ڏاڍا چوندا آهن ته اسان کي ڪڏهن به پنهنجو پهريون پيار ڪونه وِسرندو آهي پر مون کي پنهنجي ڏٺل پهرين فلم به ياد آهي. کبھی کبھی فلم پنهنجي دؤر جي هڪ لاجواب فلم هئي. جنهن ۾ اميتاڀ بچن، ششي ڪپور ۽ راکي گلزار لاجواب ائڪٽنگ ڪئي آهي ۽ چا ته فلم جا گانا هئا.

کبھی کبھی میرے دل میں خیال آتا ہے

مون سڄي فلم ڏٺي پر مِنا اڃا به آرامي هئي ۽ جهاز کي دبئي ايئرپورٽ تي پهچڻ ۾ اڃا به تقريباً هڪ ڪلاڪ پيو هو، سوچيم ته ڪو ڪتاب ڪڍي پڙهان، پر پڙهڻ جو موڊ بلڪل ڪونه هو. چو ته سٽن ملڪن جو تقريباً هڪ مهينو سفر ڪرڻ بعد هاڻ اهو انتظار هو ته ڪراچيءَ ۾ ٻارن سان ملجي ۽ سڀ گڏجي ڪنهن لبناني هوٽل تي ماني ڪائون ۽ انهن سان گڏجي گهمجي ڦرجي ۽ ڪچهري ڪجي. فرخ، محبوب ۽ سپيءَ کان وڌيڪ رانيه، مناهل ۽ طحه ياد اچي رهيا آهن. هوائي جهاز جي درين مان هيٺ زمين تي تمام ٿوري ٿوري ساوڪ نظر اچي رهي هئي ۽ اسان آسمان ۾ هلندڙ سفير ڪڪرن مان اُڏامي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيا آهيون. جهاز اندر بلڪل ماٺ لڳي پئي آهي، ڪي مسافر سُتا

پيا آهن تہ وري ڪي ڪو ڪتاب پڙهي رهيا آهن. پر گهڻا جهاز جي سيٽ تي لڳل وڏي ٽي. وي اسڪرين تي گهڻو ڪري ڪا گيم کيڏي رهيا آهن ۽ مِنا جي سِيٽ ڀرسان هڪ عورت اهڙي نموني سُتي پئي آهي، جو سندس اسڪرٽ سٿرن کان بہ مٿي کڄي وئي آهي ۽ سندس هيڊي رنگ جي اسڪرٽ سندس چلڪندڙ بدن تي وڏيڪ سُٺي لڳي رهي آهي، سيٽ تي گهڻو وقت ليٽڻ ڪري سندس چپڙن تي لڳل لال لپسٽڪ ڪافي ڦهلجي وئي آهي، سندس چهري تي صفا سنها پورا وارَ پري کان محسوس ٿي رهيا آهن. سندس چهري ۽ ٻانهن تي ڪوبہ زيور ڪونہ هو پر سندس ٻانهن تي ٻَڌل گهڙيءَ جو اورينج ڪلر جو بيلٽ ڏاڍو خوبصورت لڳي رهيو هو ۽ مِنا کان لڪي لڪي سندس بدن جي جاگرافي تي غور ڪري رهيو آهيان ۽ سندس چهري تي لِڪيل ڪي تاثرات بہ پڙهي رهيو آهيان ۽ شاهہ لطيف جي هن شعر تي غور ڪري رهيو آهيان تہ:

اکين ڪي آهن عجب جهڙيون عادتون.

سوين سوچن ۾ ايئر هوسٽس جي منڙي آواز تي جڻ ڇرڪ نڪري ويو جيڪا چئي رهي هئي تہ پاڻ هاڻ دبئيءَ جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي چند منٽن ۾ پهچڻ وارا آهيون. توهان مهرباني ڪري پنهنجي پنهنجي سِيٽن تي آرام سان ويهي رهو ۽ پڻ جهاز مان لهڻ وقت پنهنجو سامان سنڀالي کڻجان. جهاز دبئي مٿان هلندو هلندو رن وي ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ درِيءَ مان دبئي جي شهر کي غور سان ڏسي رهيو آهيان. هن اسان جي خطي ۾ دبئي واحد شهر آهي، جيڪو تمام تيزيءَ سان وڌي رهيو ۽ انهيءَ واڌ ويجهہ ڪري هاڻ سمنڊ اندر بہ وڏيون وڏيون هائوسنگ اسڪيمون ٺهي رهيون آهن ۽ ٻئي طرف سنڌن بلڊنگ جو رُخ هاڻ آسمان ڏانهن وڌي رهيوآهي. دنيا جون عجيب غريب وڏيون وڏيون بلڊنگون هاڻ وڏي تعداد ۾ دبئي ۾ ٺهي رهيون آهن ۽ هاڻ يورپ جا ماڻهو بہ وڏي تعداد ۾ دبئي گهمڻ اچن ۽ هت سيڙپڪاري بہ ڪن. ڪنهن زماني ۾ عرب ڪراچي ۽ پاڪستان ۾ وڏي تعداد ۾ گُهمڻ ايندا هئا ۽ شهر ۾ ڪافي محل محلاتون خريد ڪيون ۽ ٺهرايائون. هاڻ عرب يورپ ۽ آمريڪا گُهمڻ وڃن ۽ وڏي تعداد ۾ هنن اُت سيڙپڪاري ڪئي آهي. لنڊن جا ڪافي اهڙا علائقا آهن. جت توهان کي صرف عرب ئي نظر ايندا. باقي هاڻ پاڪستان صرف شڪار لاءِ اچن. سنڌ ۽ سرائڪي علائقي ۾ تہ هر سال سياري جي موسم ۾ جڻ تہ شڪار وارن علائقن رڳا عرب ئي عرب ڏسندا. پنهنجن جهازن ۾ اچن ۽ جت شڪار ڪن،

اُت جھڙوڪ نئون شهر آباد ڪري ڇڏين.

"ایک دن جیو کے ساتھ" پروگرام ۾ هڪ اهڙي ئي عرب شهزادي جي شڪار جي ڪئمپ ڏٺم. شڪار گاهه کي به جهڙو دبئي ڪري ڇڏيو هئن. اسان جو جهاز آهستي آهستي زمين تي اهڙي نموني لينڊ ڪيو جو محسوس ئي ڪونه ٿيو. اسان زمين تي لهي ويا آهيون، جيئن جهاز لينڊ ڪيو ته مسافرن پنهنجو پنهنجو سامان ڪٽي لائين ٺاهي اُٿي بيهي گيٽ کولڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. جيئن گيٽ کُليو ته آهستي آهستي ٿي مسافر جهاز مان لهڻ شروع ڪيو اسان جيئن ٽرانسزٽ پئسينجر هئاسين، سو خيال ڪيوسين ته ڪجهه وقت لائونج ۾ ڊيوٽي فري شاپ تان چڪر لڳائي پوءِ اسان کي پنهنجي اڳتي جي منزل ڪراچيءَ وڃڻو هو. گهڻو اڳ آئون جڏهن ايميريٽس جي فلائيٽ ۾ ڪراچيءَ کان لنڊن يا آمريڪا ويو هئس ته اسان کي فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهايائون ۽ مانيءَ جو بل به ايئر لائن وارا ڀريندا هئا. ٽرانزٽ پئسينجرن کي ايئرپورٽ تي جيسين اڳيان جي فلائيٽ وڃي ته کاڌي لاءِ ووچر به ڏيندا هئا. پر هاڻ جهاز کان ٻاهر ڪابه اهڙي سهولت ڪانه ڏين. ڇو ته هاڻ هنن کي پئسينجرن وڌائڻ جو ڪوبه فڪر ڪونهي. هاڻ هيءَ دنيا جي مصروف ترين ايئر لائين ٿي وئي آهي، ته پوءِ ڇو هاڻ ماڻهن کي مفت جا مال کارائين. اسان جهاز مان لهي پهرين اهو ڏٺو ته اسان جو گيٽ نمبر ڪهڙي ٽرمينل تي آهي. ڏٺم ته هينئر اسان کي وري هن ئي ٽرمينل تان ڪراچيءَ وڃڻو هو. سو اسان جي وڃڻ واري فلائيٽ جو گيٽ به هن ئي ٽرمينل تي آهي. مون کي پري کان ولي محمد جماري حيدرآباد هاءِ ڪورٽ جو سينيئر ايڊووڪيٽ به نظر آيو پر هيڏي رش ۾ اسان هڪ ٻئي سان ملي ڪونه سگهياسين. پوءِ حيدرآباد ۾ ملياسين. ته پاڻ ٻڌايائين ته آئون آمريڪا ويو هئس. اسان پهرين دبئي جي ڊيوٽي فري شاپس تي وياسين. منهنجو پنهنجو تجربو آهي ته ايئرپورٽس جي ڊيوٽي فري شاپس تي هر شيءِ تمام مهانگي هوندي آهي. بمقابل ايئرپورٽ جي ٻاهر جي سپر اسٽورن تي دبئي ايئرپورٽ جو ڊيوٽي فري شاپس دنيا جو وڏي ۾ وڏي ڪنهن ايئرپورٽ تي ڊيوٽي فري شاپس آهي. دبئي ايئرپورٽ به گذريل پنجن سالن کان دنيا جو مصروف ترين ايئرپورٽ ٿي ويو آهي. اهو اعزاز ڪيترن ڏهاڪن کان لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ کي هو. ڇو ته هي ايئرپورٽ آمريڪا، آفريڪا ۽ يورپ جو جڙڻ ته گيٽ وي هو. پر هاڻ گذريل پنجن سالن کان دبئي جو ايئرپورٽ دنيا جو مصروف ترين ايئرپورٽ ٿي پيو آهي، پر انهيءَ جو وڏو سبب منهنجي نظر ۾ اهو آهي

تہ دبئي جي پنھنجي ايميريٽس ايئر لائين دنيا جي سٺي ۾ سٺي ۽ وڏي ۾ وڏي ايئر لائن آهي. ٻيو تہ يورپ آمريڪا جا ماڻھو سياري ۾ دبئي جي موسم ڪري اُتان جا بيشمار سياح نظر ايندا آهن. ٽيون ۽ مُک سبب هي بہ آهي تہ هنن دبئيءَ کي ايڏو تہ جديد ۽ خوبصورت بنائي ڇڏيو آهي, جو سڄي دنيا جا بيشمار سياح دبئي گُهمڻ اچن. پاڪستان جا سياسي اڳواڻ جيڪي هميشه يا عارضي طرح سان ملڪ مان هليا وڃن, تن جو تہ هاڻ دبئي جهڙو ٻيو گهر ٿي پيو آهي ۽ دبئي ۾ پاڪستاني هوئڻ بہ نوڪريءَ سانگي وڏي تعداد ۾ ات رهن ۽ هاڻ دبئي جا قائدا قانون ڪنهن عرب ملڪ وارا نہ پر بلڪل يورپ ۽ آمريڪا جهڙا آهن. ڪراچيءَ کان دبئي, لاهور- بمبئي هوائي جهاز رستي تقريباً ساڳيو وقت لڳي. تنهنڪري پاڪستان ۽ سنڌ جا ماڻهو بہ وڏي تعداد ۾ دبئي گُهمڻ وڃن. منهنجي ڳوٺ ٻني جا بہ ڪيترا ماڻهو هر سال دبئي گُهمڻ وڃن. دبئي جي پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس وٽ دنيا جون مهانگي ۾ مهانگيون ڪارون سرڪاري ڊيوٽي لاءِ ڏنل آهي. جيڪي دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ملڪ ۾ سرڪاري طرح پوليس کي مليل ڪونہ آهن. United Arab Emirtes يعني; متحده عرب امارات جنهن ۾ پنج رياستون آهن. دبئي بہ انهن مان هڪ آهي. U.A.E جي ڪل ايراضي ٽياسي هزار ڇهہ سؤ اسڪوائر ڪلوميٽر آهي ۽ سندس ڪُل آبادي نَوي لک آهي. جنهن ۾ آئون سمجهان ٿو تہ ستر لک غير ملڪي هوندا. دنيا ۾ پنجاهہ مسلمان ملڪ آهن. انهن ۾ يو. اي جي ايڪانامي پنجين نمبر تي آهي. جن جي ترتيب ڪجهہ هن ريت آهي:

1. انڊونيشيا جي. ڊي. پي 891 ملين
2. ترڪي جي. ڊي. پي 790 ملين
3. سعودي عربستان جي. ڊي. پي 754ملين
4. ايران جي. ڊي. پي 416 ملين
5. دبئي جي. ڊي. پي 400 ملين
6. مليشيا جي. ڊي. پي 338 ملين
7. مصر جي. ڊي. پي 301 ملين
8. پاڪستان جي. ڊي. پي 243 ملين

۽ پاڪستان جي آبادي ٻاويهہ ڪروڙ آهي ۽ سندس پڪيڙ ست لک ڇهانوي

هزار پنجانوي اسڪوائر ڪلوميٽر آهي، توهان سوچيو هيڏي وڏي آدمشماري ۽ هيڏي وڏي ملڪ جي پڪيڄ ۾ اسان هن ننڍي ملڪ جي مقابلي ۾ اسان جي ايڪانامي ڪٿي بيٺي آهي. دنيا جي قرض ڏيندڙ ادارن ورلڊ بئنڪ، آءِ ايم. ايف، ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ جا اسان ڪيڏا وڏا قرضي آهيون. تنهن کان سواءِ ڊيم، ايئرپورٽ ۽ موٽر وي ۽ ٻيا به ڪيترا قومي اثاثا ڌارين مالي ادارن وٽ گروي آهن. مِنا چيو ته بورڊ تي ڏس ته پنهنجي جهاز جي اُڏام کي هاڻ باقي ڪيترو وقت آهي. مون بورڊ ڏسي کيس ٻڌايو ته اجا پنهنجي جهاز جي اُڏام جو ٽائيم بورڊ ڪونه ٿو ٻڌائي. ٻن ٽن منٽن ۾ پنهنجي جهاز جي اُڏام جو ٽائيم به بورڊ تي اچي ويندو. تيسين پاڻ ڊيوٽي فري شاپ تان چڪر لڳائي ٿا وٺون. هوائي جهاز جي اُڏام جا بورڊ ڊيوٽي فري شاپس تي به لڳا پيا آهن ۽ ٻيو ته پنهنجي جهاز جي اُڏام کان ايئر لائين وارا اسپيڪر تي اناؤنس به ڪندا آهن. سو پاڻ هت گهمي ڦري ٿا وٺون. دبئي ايئرپورٽ ۾ ڊيوٽي فري شاپس ايڏا ته وڏا آهن جو هت رش ڪانه ٿي لڳي. يا هن وقت هت وڏي تعداد ۾ جهازن جي نه اچڻ ڪري رش ڪانه آهي. اسان به آهستي آهستي گهمندا ڦرندا سڄي ماحول جو جائزو وٺندا اڳتي وڃي رهيا آهيون. مون پنهنجي لاءِ هڪ چٽي ۾ نائيڪيءَ جون به ٽوپيون خريد ڪيون. مِنا به هڪ عطر جي شيشي ورتي، جيڪا کيس تمام مهانگي ملي، شايد ٻاهر ايڏي مهانگي نه هجي. اسان اجا به هلڪي ڦلڪي شاپنگ جي چڪر ۾ هئاسين ته هڪ سُريلي آواز ۾ اناؤنسمينٽ ٿي ته، دبئي کان ڪراچيءَ وڃڻ وارو جهاز تيار آهي. مهرباني ڪري هن جهاز جا مسافر گيٽ نمبر فلاڻي تي پهچي وڃو. اسان پنهنجي ڊيوٽي فري شاپ تان ورتل سامان کڻي پنهنجي جهاز واري گيٽ ڏانهن روانا ٿياسين. باقي ويانا ايئرپورٽ تي اسان پنهنجي سامان لاءِ چيو هو ته اهو سامان اسان کي دبئي ۾ نه پر ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي ملي. تنهنڪري اسان وٽ هت دبئيءَ مان ورتل سامان کان سواءِ ٻيو هٿن ۾ مِنا وٽ پرس ۽ مون وٽ هڪ ننڍو ٿيلهو هو. اسان اهو مختصر سامان کڻي اچي پنهنجي جهاز جي گيٽ تي ويٺاسين، جت ٿوري رش هئي، پر جهاز جو اجا گيٽ ڪونه کُليو هو. تنهنڪري اسان اُتي ئي ويهي رهياسين. دبئي ۽ سعودي عرب کان ڪراچي ويندڙ جهاز ۾ هميشه سنڌي مسافر هوندا آهن ۽ ٻيا ماڻهو به وڏي تعداد ۾ هتي ڪم ڪندڙ هوندا آهن. جيڪي سڀ گهڻو ڪري پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ئي ڳالهائيندا رهندا آهن ۽ سندن ڪپڙا به پنهنجي علائقي

مطابق ڪين پهريل هوندا آهن. تنهنڪري ڪين سُجاڻڻ ۾ گهڻي دير ڪانه لڳي. مزيدار ڳالهه ته انهن ماڻهن جو سامان به گهڻو ڪري هڪ جهڙو هوندو آهي. سندن سامان ۾ هڪ وڏو ٽيپ، هڪ جوسر، هڪ ڊبل بيڊ لاءِ ڪمبل، اڻ سُبيل زنانا، مردانه ويهه ٽيهه جوڙا ڪپڙن جا به ٿي تمام سُنا پارن جا رانديڪا. هي آئون ان ڪري ٿو چوان ته آئون جڏهن ڪرائي ايئرپورٽ تي اميگريشن آفيسر هوس ته اڪثر ماڻهن جي ڪليئر ڪرائڻ مهل اهو تجربو ٿيو. جيئن جهاز ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اناؤنسمينٽ ٿي اسان به جهاز ۾ داخل ٿي وڃي پنهنجي سيٽ تي ويناسين. دبئي کان ڪراچيءَ وڃڻ وارو هي جهاز ايئر بس جي اڌ کان به ننڍو هو. تنهنڪري جهاز مسافرن سان سڄو پرجي ويو هو. دبئي کان ڪراچيءَ هوائي جهاز تقريباً پوڻن ٻن ڪلاڪن ۾ پهچي. اسان کي اڌ ڪلاڪ کان پوءِ عاليشان لنچ ڪرايائون. جنهن ۾ مٽن برياني ته ڪائڻ ۾ ڏاڍي لذيذ هئي. هي جهاز جيئن ته ڪراچي وڃي رهيو هو تنهنڪري مانيءَ به پاڪستاني کارايائون ۽ هڪ به ايئر هوسٽس به پاڪستاني لڳي رهيون هيون. هينئر پاڪستاني ايئر لائين ۾ ڪجهه ٻين ايئر لائين ۾ به توهان کي هاڻ ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌي ايئر هوسٽس به نظر اينديون. پر اهي سڀ جون سڀ اپر سنڌ جون ئي آهن. مانيءَ کان پوءِ مِنا جوس پيتو ۽ مون ڪافي پيتي ۽ جهاز جي اسڪرين تي اسان ڏسي رهيا هئاسين ته هوائي جهاز سمنڊ مٿان اُڏامي رهيو آهي. ڪجهه ملڪن جا نالا به اسڪرين تي لِکيل هئا. پر جهاز انهن ملڪن مٿان نه پر سمنڊ مٿان اُڏامي پنهنجي اڳين منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ اسان به فلم ڏسڻ يا ڪتاب پڙهڻ کي ٿوري دير بند ڪري چڏي ڪچهري ڪري رهيا آهيون ۽ وري ٻئي ٽوئر جو پروگرام ٺاهي رهيا آهيون. مون مِنا کي چيو ته مون کي هاڻ صرف ديوار چين ۽ پرئمڊس ڏسڻ جو شوق آهي. باقي ملڪ ڪيئي ڪيئي دفعا ڏسي، جيڪو ڪين پهرئين دفعي ڏسڻ جو مزو آيو هو سو هاڻ ڪونه ٿو اچي. مِنا چيو ته هاڻ ٻاهر هلبو ته پهرئين لنڊن هلبو جو مون کي عبدالحئي جونيئر ۽ زينب ڏاڍا ياد ٿا اچن. پوءِ مون کيس چيو ته ٺيڪ پاڻ لنڊن هلندي هلندي رستي ۾ هفتو کن مصر به ڏسندا هلنداسين ته پاڻ چيائين ته توهان پلي مصر ڏسجو پر پهرئين لنڊن هلبو پوءِ واپسيءَ ۾ مصر ايندا سين.

❊

# ليکڪ جا ڪتاب

## آتم ڪٿائون

1. سنڌي شاگرد سياست — ڀاڱو پهريون
2. اسان پنڌ پرين ڏي — ڀاڱو ٻيون
3. ڪيڏي نہ مختصر زندگي — ڀاڱو ٽيون
4. هڪ ئي زندگي جي تمنا — ڀاڱو چوٿون
5. هي دل لڳيءَ جون ڳالهيون — ڀاڱو پنجون

## سفرناما

1. ڏوريم ڏيساوير — سفر نامو
2. هو جي وڃ ولات جا — سفر نامو
3. ڪجل ڀنل نيڻ — سفر نامو
4. اتر لڳا آءُ پرين — سفر نامو
5. ديس پرديس — سفر نامو
6. بندر مون ڏور ٿيا — سفر نامو
7. ٽوئر ٽو آمريڪا — سفر نامو
8. ٻنون ٽو ٽوڪيو — سفر نامو
9. پريان سندي پار ڏي — سفر نامو
10. ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون — سفر نامو
11. دنيا جا مشهور شهر — سفر نامو
12. ڪنواريون ۽ ڪنول — سفر نامو
13. لنڊن جا ڏينهن اسڪاليند جون راتيون — سفر نامو
14. اسپين تنهنجا ڪيئي رنگ — سفر نامو

15. هنگري تو جرمني وايا پراگ — سفر نامو
16. دهلي تو سوئزرليند وايا تاج محل — سفرنامو
17. استنبول تو ويانا وايا وينس — سفرنامو

## تاريخ تحقيق

1. عجائبات عالم
2. واقعات عالم
3. شخصيات عالم — ڇپائي هيٺ
4. The Ruled Sindh for fifteen Years
5. تن سپون سوجهي ڪيون
6. هي وري نہ ورندو وڻجارو

## اڻ ڇپيل ڪتاب

1. خاڪا (مختلف شخصيتون)
2. سفر نامو (موراڪو)
3. مونتي لکيل مضمون
4. آتم ڪٿا (حصو پنجون)
5. سوئيٽزر لينڊ اٽلي، آسٽريا سفر نامو
6. خط

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي گوگل ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

